وواهه سنسڪار



ليکڪ :

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

وواهہ سنسڪار
विवाह संस्कार

ليکڪ

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

بي اي ايل ايل بي پرڀاڪر - ورنيڪيولر فائينل (سنڌي) ڊاڪٽر آف سوشل ويئلفيئر - ڊاڪٽر آف جڊيشيل افيئرس - فادر آف سنڌي رفارمس - مهاوشو وڪاس رتن (هي ٽيئي آنرري ڊگريون ورلڊ ڊوِيلپمينٽ پارليامينٽ طرفان عطا ڪيل آهن.) ائڊووڪيٽ راجستان هاءِ ڪورٽ - راشٽريہ اڌيڪش اکل ڀارتيہ سنڌي سماج (رجسٽرڊ) اڳيون چيئرمئن راجستان سنڌي اڪادمي، بهترين سنڌي سمپادڪ جي ناتي چونڊيل ۽ ساڌو هيرانند پترڪارتا اوارڊ ڪٽيل - ليکڪ - ڪوي - پترڪار - قانون جو ماهر - نوٽري پبلڪ

ڇپائيندڙ

هندو يومي پرڪاشن نياس ٽرسٽ

پوسٽ باڪس ٨٩، سياش ڪالوني،

ٽوپدڙا، اجمير - ٣٠٥٠٠١

فون نمبر (0145) 2427566 (آفيس)، 2420208 (گهر)

سنديش



ڀارت ڌرم پرڌان ديش آهي. هت جيون جو اُديش سچي ڌرم جي پراپتي مڃيو ويندو آهي. ڌرم جو مطلب فقط ڪنهن خاص ڪريا ڪرم جو ڪرڻ يا اُپاسنا جي طريقي کي اپنائڻ ئي نہ سمجهيو ويندو آهي پر اهڙو جيون جيئڻ جنهن مان پنهنجي ڀلائي سان گڏ جيو ماتر جي ڀلائي ٿئي ان کي ڌرم مڃيو ويو آهي. اسان جي هندو ڌرم ۾ جيون جا چار اُديش آهن ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موڪش. اُپڪاري جيون جيئندي واجب طريقي سان ڌن جي پراپتي ڪري سنيم سان رهندي گرهست جيون ۾ سنسڪارن واري اولاد پئدا ڪري سنسار جي واڌ ڪرڻ جڳائي. اهڙي آنند کي پراپت ڪرڻ جنهن ۾ شاريرڪ ۽ مانسڪ دک نہ هجي ۽ سدا رهندڙ سک جي پراپتي ٿئي اُها هلت هلڻ کپي، موڪش حاصل ڪرڻ ئي جيون جو صرف هڪ مقصد هئڻ گهرجي. ان مهان اُديش کي پراپت ڪرڻ لاءِ هر هڪ ڪم ڪيو ويندو آهي. گرهست ۾ گهرڻ لاءِ وواهہ هڪ پوتر سنسڪار مڃيو ويو آهي. وواهہ رسمي ٢ پراڻي نر ۽ ناري هڪ گڏيل ڌارمڪ جيون جيئڻ لاءِ هڪ ٻئي جي ڀاونائن جو قدر ڪندي شاريرڪ ۽ مانسڪ ضرورتن کي پورو ڪندي هڪ ٻئي جي

- چپيندڙ -

واسديو ايسراڻي

هندو يومي پرنٽنگ پريس،

سياش ڪالوني، توپدڙا، اجمير 305001

☎ 0145 (R)2420208، (O) 2427566

- ڪمپيوٽر سيٽنگ -

نارايڻ پرنٽنگ پريس

شانتي نگر، پوسٽ باڪس ٢٣٠، اجمير - 305001

☎ (P) 2461291, (R) 2460231

- ڇپائيندڙ -

مئنيجنگ ٽرسٽي

هندو يومي پرڪاشن نياس (ٽرسٽ)

سنت ڪنوررام بازار، (ڪئوينڊسپورا)

پوسٽ باڪس 89، اجمير - 305001

- ڪاپيون -

1000

- سال -

2003

- ڇاپو -

پهريون

- قيمت -

60 روپيه هڪ ڪاپي

هن پستڪ جي ڇپائيءَ لاءِ انڊس انڊ فائونڊيشن نئي دهلي طرفان آنشڪ مالي مدد مليل آهي جنهن لاءِ کين ڌنيواد.

ٿوري وقت کان پوءِ انهن کي ڇڏي ٿا ڏين، سندس اولاد ماءُ پيءُ کي سچاٽي بہ نہ ٿا سگهن. پشو جيون ۾ نر ۽ مادا فقط ڪام واسنا جي لاءِ گڏ رهن ۽ پوءِ هوا ٿيو وڃن.

هندو ڌرم ۾ شادي قرار نہ آهي پر اهو ٻنڌن جيون ڀر لاءِ آهي. دک ۽ سک کي گڏجي ماڻڻ لاءِ آهي. ڀڳوان شري رام ۽ ڀڳوتي سيتا جي جوڙي ان جو عمدو مثال آهي. پر جڏهن کان اسلام ۽ عيسائي ڌرم جو اسان جي ديش ۾ پرويش ٿيو آهي يا اسان جي ديش پنهنجي غلطين جي ڪري انهن مذهبن جي مڃيندڙن جو غلام ٿيو تڏهن کان انهن جو ڪجھ برو اثر اسان جي هندو ڌرم تي پڻ پيو آهي. اسان جي وواهہ پرٿا ۾ بہ برايون گهر ڪري ويون آهن. شادين ۾ ڏيتي ليتي وڌيل آهي، استريءَ جي مان جو درجو گهٽيو آهي. ناريءَ هڪ ڀوڳ جي وستو پيئي مڃي وڃي ۽ طلاق (جواب) جي گندي پرٿا بہ زور ورتو آهي. نوڪر لڳي ساهيڙي ڀڳي جا مثال وڌيل آهن. عام طور پريوارن ۾ شانتي ڇڙ واڳي ٻاهريون ڏيکاءُ آڏمبر خاص طور استري جي سندان نمائش لڳائڻ جي ڀاونا - اولاد لاءِ لاپرواهي فقط ڌن کي جيون جو اُديش مڃڻ وڌيل آهي. وواهڪ جيون گڏ گذارڻ جي ڀاونا گهٽيل آهي. بنا شادي ڪرڻ جي نر ۽ ناري جو گڏ رهڻ يا غير قدرتي ڌرم ورتي گڏ رهڻ جهڙا مثال بہ پيا آهن. اولاد پيدا ڪرڻ هڪ جهنجهٽ ڪري ڪي مورک مڃڻ لڳا آهن.

انهن مٿين حالتن جو جائزو وٺندي هن پستڪ جي ودوان ليکڪ ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻيءَ جو پاڻ هڪ ودوان وڪيل، تجربيڪار سماج سيوڪ آهي تنهن هن پستڪ جي رچنا ڪري هندو سماج خاص ڪري سنڌي سماج کي مٿين براين جي گنڀير نتيجن کان


سک لاءِ جيون ڀر گڏ گذاريندا آهن. هڪ ٻئي کي سک ڏيڻ سان گڏ هڪ ٻئي جي ماتا پتا ۽ ڀين ڀائرن جي آدر سان سيوا ڪندا آهن.

اسان جي ڌرم ۾ ناري فقط ڀوڳ جي وستو ڪانهي. هوءَ ڌرم پتني آهي جا ڌرم کي نڀائڻ ۾ جيون ڀر پتيءَ جو ساٿ ڏيندي رهندي. هن جو درجو سنمان وارو آهي. هوءَ گهر جي لڪشمي آهي. پرش به ڪيس پنهنجي ارڌانگني جو درجو ڏئي ٿو. هوءَ دک سک جي سچي ساٿڻ آهي. هوءَ پريوار جي وڌو معنيٰ وڌائيندڙ آهي. پرش سان هر لاڀ ۽ هاڃيءَ ۾ برابر جي ڀاڱيدار آهي. پتيءَ جي هر ڪم ۾ هن جو هن سان گڏ رهڻ لازمي آهي. اهو پوتر ٻنڌڻ جيون ڀر لاءِ آهي.

ٻين مذهبن ۾ ناري ڀوڳ جي وستو مڃي ٿي وڃي، مطلب حاصل ڪرڻ جو هڪ ساڌن مڃي ٿي وڃي. اسلام ۾ شادي هڪ قرار آهي جنهن ۾ پرش کي ناري سان گڏ رهڻ ۽ ڪيس ماڻڻ لاءِ ڪجهه ڏيڻو ٿو پوي. اهو قرار هڪ رات لاءِ، مهيني لاءِ، سال ۽ وڌيڪ عرصي لاءِ به ٿي سگهي ٿو. مطلب پوري ٿيڻ تي هو ناريءَ کي تياڳي ڇڏي ۽ ٿوري رنجش اچڻ تي طلاق جي ترار سان اقرار نامو ڪٽي ٿو ڇڏي.

عيسائي مذهب ۾ به شادي هڪ سمجهوتو مڃيو ويو آهي. واسنا پوري ٿيڻ تي يا شاريرڪ ڪشش گهٽ هجڻ جي حالت ۾ يا ڌن جي ڪميءَ جي ڪارڻ يا ڌن ڪمائڻ ۾ يا ٻئي ڪنهن ننڍي وڏي سبب ڪري اهو سمجهوتو ٽوڙيو وڃي ٿو. جيئن ڪنهن وستو جي بيڪار ٿيڻ تي ان کي ڦٽو ڪيو ٿو وڃي. اهڙي عيسائي مذهب ۾ هڪ ٻئي کي تياڳي ڇڏين ان جو سڀ کان وڌيڪ خراب اثر سندس اولاد تي پوي ٿو. اُتي اولاد ۾ پنهنجي ماتا پتا لاءِ آدر سيوا ۽ پنهنجائپ جي ڀاونائن جي ڪمي ٿي رهي. جيئن پشو پکشي پنهنجو اولاد پيدا ڪري

مهاڳ



ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻيءَ جو نئون لکيل پستڪ ''وواهه سنسڪار'' نظر مان ڪڍيم. هن کان اڳ ڊاڪٽر ايسراڻيءَ ويهارو ڪن ڪتاب سنڌي ۽ هنديءَ ۾ جدا-جدا وشين تي لکيا آهن. انهن مان سنڌس مولڪ چنتن ۽ ڳوڙهي اڀياس جي ساک ملي ٿي. ڊاڪٽر ايسراڻيءَ جي سنگ ۾ ڪجهه ڏينهن گذارڻ جو موقعو تڏهن مليم، جڏهن اسين ١٩٩٣ع ۾ گڏجي هڪ اڀياسي ٽولي ٺاهي، راجستان جي سرحدي علائقن جي سفر تي ويا هئاسين. ان دوران ڏٺم ته چاهي ڊاڪٽر نانڪرام پيشي جي خيال کان هڪ وڪيل آهي، پر انهيءَ کان وڌيڪ هو هڪ ڌارمڪ ورتيءَ وارو ۽ سنسڪاري انسان آهي. وڪالت مان ڪمائڻ کان وڌيڪ ڪيس غريبن جي مدد ڪرڻ ۽ سماج شيوا جي چنتا لڳل آهي. نه فقط ايترو، پر پنهنجي روزاني جيون ۾ به هو نتيه ڪرم، سنڌيا وندن، گايتري جاپ ۽ درگا سپتشيءَ جي پاٺ ڪرڻ جي نيم جو پختو پالن ڪندڙ آهي. اهڙي سنسڪاري منش جي قلم مان نڪتل هيءَ نئين رچنا ''وواهه سنسڪار'' اوهان جي سامهون آهي.

ڊاڪٽر نانڪرام پنهنجي عملي جيون ۾ سنڌي

خبر دار ڪرڻ لاءِ هڪ ڪوشش ڪئي آهي.هن هندو سنسڪارن جي خوبين جي مثال ڏيئي ورڻن ڪيو آهي. شادي جي وقت اگني کي ڦيرا ڏيئي سيني ديوي ديوتائن کي شاهد ڪري جيڪي پوتر پرتگيائون ڪيون ٿيون وڃن ان جي سهڻي خوبي سان سمجهائي ڏني آهي ان لاءِ کيس آفرين آهي.

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي هن کان اڳ شادي کان اڳ ۽ شادين کان پوءِ ٿيندڙ جهڳڙن تي روشني وجهڻ لاءِ ”وواهڪ وواد ڪارڻ ۽ سماڌان“ سنڌي ۽ هندي ڀاشائن ۾ پستڪ لکي سماج جو ان بيماري ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. هي پستڪ لکي انهن جهڳڙن کي ختم ڪرائڻ ۽ پتي پتني ۽ سندس سنتان جو جيون سکي بڻائڻ لاءِ هي سندر پستڪ لکيو آهي. جي ڪڏهن سنڌي ڀائي هي پستڪ ڌيان سان پڙهي ان تي عمل ڪندا ته سندن ڀلو ٿيندو.

منهنجي شڀ ڀاونا آهي ته شري نانڪرام ايسراڻيءَ جي هيءَ پوتر ڪوشش ضرور ڪامياب ٿيندي ۽ هيءَ پستڪ هر هندو پريوار ۾ هجڻ کپي جيئن اسان جو سماجڪ جيون وري اڳئين اوچ تي رسي. هي ڪتاب هنديءَ ۾ به ضرور نڪرڻ گهرجي جئين اُهي سنڌي جيڪي سنڌي نه ٿا ڄاڻن سي به هن پستڪ جو لاڀ وٺي سگهن.

شڀ ڪامنائن سان

پوجيه سائين چانڊورام صاحب

شو شانتي آشرم، عام باغ، لکنئو.

ليکڪ طرفان

آءٌ وڏو ودوان پنڊت ڪونه آهيان ۽ نه وري ڪرم ڪانڊي سنسڪار ڪرائيندڙ برهمڻ آهيان. آءٌ سنسڪرت نه لکي سگهان ۽ نه وري ڳالهائي سگهان پر الٻت پڙهي ضرور وڃان ڪنهن به اسڪول ۾ سنسڪرت جي سکيا ڪونه ورتي آهي. ان هوندي به هندو جيون ۾ پرمک سنسڪار وواهه سنسڪار تي پستڪ لکڻ جو ساهس ڪيو اٿم. شڌ سنسڪار لاءِ ڪيترائي مول ويدڪ شلوڪ ۽ ٻين شاسترن جي شلوڪن کي پرماڻ جي روپ ۾ ڏنو اٿم. ڪوشش ڪئي اٿم ته انهن شلوڪن ۾ ڪا غلطي نه ٿئي پر ان هوندي به مون اڻ ڄاڻ کان ڪانه ڪا غلطي ضرور ٿي ويئي هوندي. ان غلطيءَ لاءِ مونکي دوش يلي ڏجو پر ان غلطيءَ کي سڌارڻ لاءِ پنهنجو سجهاءُ به لکي موڪليو ته ڪرپا ٿيندي.

مون سنسڪرت شلوڪن کي مول روپ ۾ ۽ عربي سنڌي لپي ۾ به ڏنو آهي جيئن پراڻي پيڙهيءَ جا بزرگ به انهن شلوڪن کي سمجهي سگهن.

اڌ صديءَ کان به وڌيڪ عرصو عام جنتا جي سيوا ۾ گذريو آهي هن ڀارت ۾ هندو وواهه قانون پاس ٿيڻ کان پوءِ زال مڙس وچ ۾ جهڳڙا وڌي ويا آهن. هندو وواهه قانون پتي پتنيءَ جي وچ ۾ ڪو به سمجهوتو ڪرائڻ ۾ ڪامياب نه ڪونه ويو آهي پر پتي پتنيءَ کي وواهه بندن توڙڻ ۾ ضرور

مددگار ٿيو آهي. اهو قانون سهايڪ نه پر پريوار کي توڙيندڙ آهي. زماني جي هوا مطابق اڄ قانون کي منسوخ ڪرائڻ ۽ ان جي استان تي پتي پتنيءَ وچ پرام ڀاءُ پيدا ڪرڻ ڏکيو آهي.

پتي پتنيءَ وچ جهڳڙن وڌڻ جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته وواهه سنسڪار شڌيءَ سان پورو نه ٿو ٿئي ان بابت هن پستڪ

سماج ۾ جيڪي ڪرتبون ڏنبون آهن، تن سنڌس من ۾ ماڻڌائيءَ جيان ولوڙ وڌا آهن. هن انيو ڪيو آهي تہ سماج جي گراوٽ جو مول ڪارڻ اهو آهي جو اسين ڌرم شاسترن جي وڏان موجب سنسڪار نہ ٿا ڪريون. انهن جو مهتو سچائي، جيڪڏهن سڪني ۽ سچائيءَ سان سنسڪارن جو پالن ڪيو وڃي تہ، پوءِ گهٽيئي سماجڪ برايون پائمرادو ختم ٿي وڃن. اوچ ويچارن واري ۽ آدرشي سنتان پئدا ڪرڻ سان ڏيتي ليتي، ڪٽنبي جهڳڙن ۽ طلاق وغيره جا مسئلا ازخود حل ٿي ويندا.

سماج سڌارن جي انهن مقصدن کي ڌيان ۾ رکندي، ڊاڪٽر نانڪرام ايسرائيءَ هن پستڪ ۾ وئدڪ ريتيءَ سان وواهہ سنسڪار جي وڌي ٿوري ۾ سمجهائي آهي. انهيءَ لاءِ هن ڌرم شاستر جو ڳوڙهو اڀياس ڪري، گهربل منتر، شلوڪ ۽ ريتيون رسمون سنڪشپت ۾ هتي ڏنيون آهن. جدا-جدا علائقن ۾ پرچلت لوڪ رواج تہ گهٽيئي آهن. اهي ڪجن يا نہ ڪجن، پر وئدڪ ريتيءَ موجب سنسڪارن جو پالن اوس ڪرڻ گهرجي.

آشا آهي تہ ڊاڪٽر نانڪرام ايسرائيءَ جي هيءَ نماڻي ڪوشش، سنڌي سماج کي صحيح مارڳ تي اڳتي وڌڻ ۾ اوس مددگار ثابت ٿيندي.

ڊي-127، وويڪ وهار

دهلي-110095

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

دهلي وشو وديالہ جي سنڌي

وڀاڳ جو اڳيون پرمکہ

وواھہ سنسکار

سلسلو | صفحو

۾ گهڻي چاهہ مليل آهي.

وواهن جي موقعي تي ٻئي پکش سنسڪار جي شڌيءَ ڏانهن ڌيان نہ ٿا ڏين. اها شڌي ٻڌائڻ لاءِ مون هن ڪتاب جي رچنا ڪئي آهي پر ان ڪتاب هوندي بہ گهڻي ڀاڱي پکشڪار هن ۾ ڌنل سکيائن تي ڌيان ڪونہ ڏيندا. تي سگهي ٿو تہ ڪي ٿورائي هن پستڪ مان گيان پرائي لاڀ وٺن. ڪي سمجهوئي سمجهن. ان هوندي بہ آءٌ نراش نہ آهيان. واڪا ڪرڻ وس مون ٻڌڻ ڪم ٻروچن جو. اسڪول ۾ اڌياپڪ جو ڪم سکيا ڏيڻ، ڪلاس مان ڪيترا وديارٿي ان جو لاڀ پرائيندا ان جي چنتا اڌياپڪ کي نہ ڪرڻي آهي. ان ريت جوڳي تہ الک نرنجن جو گهوش ڪندو ڪو ٻڌي يا نہ ٻڌي. ليکڪ بہ پنهنجا وچار قلم بند ڪندو پوءِ ڪو بہ پاٺڪ انهن تي عمل ڪري يا نہ اهو سندس مرضي. ليکڪ کي ان جي چنتا نہ ڪرڻي آهي عمل ڪندو تہ پاٺڪ پنهنجو ڀلو ڪندو نہ ڪندو تہ نقصان سندس ئي آهي. هن پستڪ جي تيار ڪرڻ ۾ مون جن

ڪتابن جي مدد ورتي آهي اهي آهن رگويد (دهلي سنسڪرڻ)، ٢- سرل وواهہ پڌتي ليکڪ پنڊت شريڌر شرما، وواهہ پڌتي مول ليکڪ آريہ سماج جو پرورتڪ مهرشي سوامي ديانند ۽ سڌي وئدڪ وواهہ جا اوچ آدرش ليکڪ پنڊت هوندراج پارورام شرما. انهن سيني ليکڪن جو آءٌ ٿورائتو آهيان.

هن پُستڪ ۾ جي ڪڌهن ڪا سٽائي توهان کي نظر اچي تہ ان لاءِ ڌنيواد. اُنهن ودوان پنڊتن کي ڏيندا جن مونکي اهڙي سندر پستڪ لکڻ جي پريرڻا ڏني، پر جي ڪي غلطيون ان ۾ نظر اچن تہ ان لاءِ دوشي آءٌ آهيان جنهن لاءِ اگياني سمجهي مونکي معاف ڪندا.

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

وواهہ سنسڪار

اڄ ٻڌ پورڻما جو شڀ ڏينهن آهي اڄوڪي ڏينهن هن سنسار ۾ ڀڳوان ٻڌ جو جنم ٿيو هيو. سماج ۾ ڌارمڪ، سماجڪ ۽ ٻيو سڌارو آڻڻ لاءِ هن راجائي ناز بان کي ٺوڪر هڻي ساڌنا ڪئي، تپسيا ڪئي ۽ گيان پراپت ڪري پنهنجو جيون سماج سڌار لاءِ ارپڻ ڪيو.

آءٌ ڀڳوان ٻڌ جي برابري ۽ جو تہ نہ آهيان ليڪن سماج جو هڪ ننڍو سيوڪ آهيان. مون بہ پنهنجي جيون سماج کي ارپڻ ڪئي آهي. سماج جو بگڙيل روپ ڏسي دک ٿيندو آهي. سماج ۾ ڦهليل ۽ وڌندڙ براين کي ڏسي وڌيڪ دک ٿيندو آهي. سچي دل سان چاهيندو آهيان تہ اسان جي سنڌي سماج ۾ بہ ڀڳوان ٻڌ، ڀڳوان مهاوير مهرشي ديانند جهڙو ڪو مهاپرش پئدا ٿئي جيڪو هن سماج مان برايون ٽڙي ڪرسمون ڪربتيون هٽائي سنڌي سماج کي هڪ آدرش سماج جي روپ ۾ ڪڙو ڪري.

بگاڙڻ سولو آهي پر بگڙيل کي سڌارڻ ڏکيو ڪم آهي. اها چوڻي منش ٻشو ۽ سماج سان بہ لاڳو آهن. هن پستڪ جو دائرو سيمت آهي. اسان جي سنڌي سماج ۾ شادين کان اڳ جا جهگڙا شادين کان پوءِ جا جهگڙا ڪافي وڌيل آهن. شادين کان پوءِ ٻني ٻنني ۽ جا پاڻ ۾ جهگڙا هڪ ٻئي کان الڳ رهڻ، ٻارن کي ماتا پتا جي پيار کان محروم رکڻ جا واقع وڌيل آهن. ڪنترين ڪنيائون ٻنا وواهہ جي ڪنواريون

وهنوار ۾ سياءُ جو سنسڪار ملڻ جو سڀ کان سٺو هنڌ آهي. پنهنجو گهر - گهر ۾ سنسڪار ڏيڻ وارا آهن ماتا-پتا انهن مان پتا هميشه چوندو ته دادا مونکي ڏنڌي تان فرصت نه ئي ملي. صبح جو سوير دوڪان تي وڃڻ ۾ رات جو دير سان موٽڻ ۾ ئي سڄو وقت پورو ٿيو وڃي. ماتا چوندي آهي ته دادا گهر ۾ ڏاڍو ڪم آهي اهو ئي پورو نه ٿو ٿئي ته ٻارن ڏانهن ڏيان ڪٿان ڏيان. ماءُ-پيءُ گهر ۾ ٻارن کي سٺو سنسڪار نه ڏيندا ته ٻين هنڌ ٻين کي ڪهڙي غرض پئي آهي جو پراين ٻارن کي سنسڪار ڏين، اسڪولن ۾ به ان بابت ڪوبه سنسڪار ڪونه ٿو پوي يارن دوستن ۾ ته ان قسم جا سنسڪار پوڻ جي گنجائش ئي نه آهي. ٻارن تي ڪو ڏيان نه ڏيندو ته پوءِ ٻار پيا سڄو ڏينهن ٽي وي ڏسندا، وقت خراب ڪندا ۽ برا سنسڪار ڪٽندا.

ان ڪري آءُ اهڙن ماتا پتائن کي سمجهائيندي چوندو آهيان ته توهين سنسڪارن جي اهميت سمجهو. منش جي جيون جو لڪش صرف پئسو ڪمائڻ نه آهي جي ايشور جي ديا سان اوهان وٽ پئسو آهي ته توهين گهرو ڪمن کان وقت بچائڻ خاطر ڪا نوڪرياڻي يا نوڪر رکو ۽ پنهنجو ڏيان ٻارن ڏانهن ضرور ڏيو.

■ ■ ■

ٿي مريو وڃن. ڪنيائن مٿان ڏيتي ليتي لاءِ اتياچار پڻ ٿين. ان وشيہ تي سنڌيءَ ۾ ٢ سال اڳ ”وواهڪ وواد“ نالي منهنجو هڪ پسنڪ ڇپيو هو ۽ اهو ساڳيو ئي ڪتاب هندي ڀاشا ۾ گذريل سال ڇپجي چڪو آهي.

ڪنيا ڪنهنجي بہ ڇو نہ هجي پر مان جڏهن بہ هن مٿان ٿيل اتياچارن جي ڪهاڻي ٻڌندو آهيان. تڏهن ايئن لڳندو آهي تہ پيڙت ڪنيا ڄڻ ڪ منهنجي پيٽ جائي ڌيءُ هجي عدالت جا چڪر ڪاٽيندي نوجوان نينگرين کي ڏسي من کي پيڙا پهچندي آهي. اهي شادين جا جهڳڙا ڪيئن ختم ٿين يا گهٽجن ان بابت ڪارڻ ۽ اپاءُ مون پنهنجي اڳئين ڪتاب ۾ وواهڪ وواد ۾ لکيا آهن جيڪي هن پستڪ ۾ وري ڪونہ لکندس.

منهنجي درشٽيءَ ۾ هڪ وڏو ڪارڻ انهن جهڳڙن بابت اهو بہ آهي اسين وواهڪ سنسڪار شڌيءَ سان نہ ٿا ڪرايون ويڏي چڱي ريت نہ ٿا پڙهايون. دراصل اسين ويڌي پڙهائڻ جي سنسڪار جي اهميت نہ ٿا سمجهون. اسان مٿان پشچمي سڀيتا جو وڏو اثر آهي ان اثر هيٺ اسين غلط ڪم پيا ڪريون. ويڌي وقت گهوٽ ڪنوار جو صوفن تي ويهي ويڌي پڙهارائڻ لوهہ جي ميز تي ويڌي ناهڻ هوم هون بگيہ سڀ ڪجهہ ٽيبل تي ڪرڻ غلط آهي ان کي نيڪ طريقي سان ڪرڻ کپي.

هيو سنسڪار جنهن جي اڄ جي سنتان ۾ ڪمي آهي اهو آهي آچار وهنوار جو ۽ سڀاءُ جو.

ڪاريگر پهرايائين هيري کي سراڻ تي گسائيندو آهي. پوءِ هيري جون ڪندون ناهيندو آهي. گسجڻ ۽ ڪندون ناهڻ کان پوءِ هيري ۾ چمڪ ايندي آهي. چمڪدار هيري جو ملهه هڪدم وڌي ويندو آهي جهڙي طرح سنسڪار ڪرڻ سان سون چمڪي ٿو. هيرو وڌي ملهه وارو ٿيو پوي اهڙي ريت ٻالڪ ڇوڙي منش، ڪنيا کي سنسڪارت ڪرڻ کان پوءِ هو پشوتا ڇڏي منشپڻو گرهڻ ڪري ٿو.

ڪاڻ مان نڪتل ڪچي لوهه ۾ دوائون ۽ ٻيا رساين ملائڻ سان جڏهن لوهه کي ڀٽي تي چاڙهبو آهي تڏهن انهن ۾ ڪيميڪلس ملائڻ سبب ڪچي گهاڙو لوهه مان پڪو رڪ (اسٽيل) تيار ٿيو وڃي ان رڪ کي ٻه اونچي ڪوالٽيءَ جو رڪ تيار ڪرڻ لاءِ وري ٻيا رساين ملائي وري ٻيو دفعو ڀٽيءَ تي چاڙهيو ويندو آهي، ٺيڪ اهڙيءَ طرح منش جي گهر ۾ پئدا ٿيل ٻار کي وقت به وقت سنسڪار ڏيڻ سان ٻار جو واڌارو ٿئي ٿو هن جو من ۽ ويچار شذ ٿين ٿا. منش جي تن ۽ بدن به شذ ٿئي ٿو سنسڪار جي ڪرڻ سان منش چرتروان ٿئي ٿو.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته ننڍڙو ٻار مڇ جو وار جيڏانهن ڦيرائينس تيڏانهن ڦيو ڦري. ان چوڻيءَ پنيان به سنسڪار جو اثر آهي ننڍي هوندي اوهين جهڙا سنسڪار ٻار ۾ وجهندا نه ٻار اوهڙو ئي ٿيندو. سنسڪارن جو اثر پشو پکشيءَ تي به ٿئي ٿو. هڪ درشٽانت ان باري ۾ ڪافي پراچين آهي. هڪ ساڌوءَ جي گهر ۾ هڪ پالتو طوطو هو اهڙي ريت هڪ بدمعاش

سنسڪار شبد جو ارٿ

منش گهر ۾ جنم وٺڻ وارو ٻن پيرن وارو جانور آهي. ٻالڪ توڙي ڪنيائن کي سنسڪارت ڪري جيسين منش نہ بڻايو ويو آهي تيسين هو منش نہ آهن. سنسار ۾ صرف هندو سماج ئي آهي جنهن ۾ جنم کان پوءِ ٻارن کي سنسڪارت ڪرڻ لاءِ جنم کان مرتيو تائين انيڪ سنسڪار مقرر ڪيا آهن جن ۾ پرمک ١٦ سنسڪار آهن.

■ ■ ■

سنسڪار ڇاکي چئجي ٿو

किम संस्कार? संस्कार शब्द: सामान्यत: इष्ट रूपान्तर करण प्रयुक्त:

سنسڪار اکر جو پريوگ رواجي طور روپ بدلڻ لاءِ ڪم آندو ويندو آهي. سنسڪار شبد جو مطلب آهي سڌارو ڪرڻ واڌارو ڪرڻ من گهري ڪنهن بہ وستو کي من گهريل روپ ڏيڻ ڪچي وستو کي پڪو ڪرڻ اشڌ وستو کي شڌ ڪرڻ ان نموني جي وڌي ۽ دستوري کي انگريزي ڀاشا ۾ پروسيسنگ Processing چئجي ٿو ۽ ڀارتيہ ڀاشائن ۾ سنسڪار سڏجي ٿو. مثال طور ڪچي سون ۾ سهاڳو وجهي ٻيون دوائون وجهي ٻني تي چاڙهبو آهي باهہ ۾ تپائبو آهي. ان دستور يا سنسڪار ڪرڻ ڪري سون شڌ ۽ چمڪدار ٿئي ٿو. ان کي چئبو آهي سورڻ سنسڪار سون جو سنسڪار ڪرڻ.

کاڻ مان نڪتل ڪچي هيري ۾ چمڪ نہ ٿيندي آهي.

ڪلا ارجن ٻڌائي رهيو هيو تڏهن ايمنيو جي ماتا کي ننڊ اچي ويئي هئي. ان سبب وڏي ٿيڻ کان پوءِ ايمنيو مهاڀارت جي ڪورو سينا طرفان ناهيل چڪرويوهه کي ٽوڙي ان ۾ گهسي ته ويو ليڪن ٻاهر نڪري نه سگهيو ۽ جئدرٿ هٿان جي هنيا ڪري ڇڏي هئي. سنسڪار جي ڇاپ ڪچڙين دلين تي وڌيڪ پوي ٿي جهڙي ريت گرڀادان به هڪ شروع شروع جو سنسڪار آهي. اهڙي ريت انتيشٽي انتم سنسڪار به هڪ سنسڪار آهي. سيني سنسڪارن بابت آءُ گهڻو ڪجهه نه لکندس پرمکه ٻن سنسڪارن يگيوپويت يعني جڻئي جي سنسڪار ۽ وواهه سنسڪار تائين محدود رهندس.

■ ■ ■

جڻئي جو سنسڪار

جڻئي جو سنسڪار بالڪپڻ ۾ وڏي اهميت وارو آهي. جڻئي جي سنسڪار کي يگيو پويت سنسڪار به چيو ويندو آهي. ان سنسڪار کان پوءِ بالڪ کي ويدن ۽ شاسترن پڙهڻ جو اڌڪار ملي ٿو. اڳاتي سميه ۾ جڻئي پائڻ جي عمر ۵-۸ يا ۱۲ سال هئي. هينئر ان سنسڪار جي اهميت گهٽي گهٽجي ويئي آهي. گرهسٿي پنهنجي سهوليت تي جڻيا پائين ٿا. ڪجهه سنسٿائن هينئر ساموهڪ جڻيا پائڻ جا ڪاريه ڪرم شروع ڪيا آهن. جنهن ۾ وڏي انداز ۾ بالڪ ان رسم جو لڪو ڪٺڻ لاءِ اهڙن ڪاريه ڪرمن ۾ شريڪ ٿين ٿا. دک

جي گهر ۾ بہ هڪ پالتو طوطو هو. مهاتما جي گهر ۾ پاليل طوطو صبوح جو سوير امرت ويلي اُٿي هري نام چوندو هو تہ بدمعاش جي گهر ۾ پاليل طوطو گهر ايندڙ مهمانن جو گارين سان سواگت ڪندو هو. ان جو ڪارڻ اهو هو تہ هر هڪ طوطي پنهنجي مالڪ جي گڻن جو سنسڪار ڪنيو.

سنسڪارن جي گرهڻ ڪري اوڇن سنسڪارن وارو منش سڀيتا وارو ليکجڻ ۾ ايندو آهي .هن ڪِي ڪلچرڊ يا سولائيزڊ ڪري ڳڻيو ويندو آهي. بنان سنسڪار واري کي گنوار مورک بڌو وغيره جا لقب ڏنا ويندا آهن. انگريزي ڀاشا ۾ سنسڪار ڪرڻ شبد جي سمانتا ۾ ڪوئي بہ تزصحي اکر ڪونہ آهي بلڪ ان بجاءِ (Ceremony Ritual-Rite Sacrament) جهڙن اکرن سان ڪم هلايو پيو وڃي.

جڏهن ٻالڪ ماتا جي گرڀ ۾ اچي ٿو تڏهن پهريون سنسڪار گريڌان -گرڀ ڌارڻ ڪرڻ جو ڪيو ويندو آهي. ڪير ائين نہ سمجهي تہ ماتا جي گرڀ ۾ آيل ٻار صرف ماس جو هڪڙو مون لوٿ آهي بلڪ هو ماتا جي گرڀ ۾ بہ سجيو ۽ سجڳ رهي ٿو ۽ سنسڪارن جي سکيا گرهڻ ڪري ٿو ان باري ۾ ارجن جي سپتر ابيمنيو جو مثال جڳ پرسڌ آهي. ارجن هڪ رات پنهنجي پتني کي يڌ ۾ شترن طرفان ناهيل چڪرويوهہ بابت ان ۾ ڪيئن داخل ٿجي ۽ ٻاهر نڪري اچجي. اهو سڀ سمجهائي ٿي رهيو هيو. ان وقت ابيمنيو پنهنجي ماتا جي گرڀ ۾ هوندي بہ اها يڌ ڪلا سکي چڏي هئي ليکن جڏهن چڪرويوهہ مان ٻاهر نڪرڻ جي

ڪانڊي برهمڻن کي ڪرم ڪانڊ سيکاريو ويندو هو. وئشيہ واپاري کي گروڪل ۾ ويدن ۽ شاسترن جي اڌين ڪرڻ سان گڏوگڏ وڻج واپار جي ودِيا بہ پڻ سيکاري ويندي هئي. ان ريت گروڪل ۾ وديارٿي ويهہ سال سکيا گرهڻ ڪندا هئا. گروڪل جا وديارٿي ڌرماتما چريتروان ٻلوان ۽ پراڪرمي ٿيندا هئا. اهي وديارٿي ئي تہ آئينده جا ابا ٿيندا هئا. گرهست آشرم ۾ وديا پوري ڪرڻ کان پوءِ ئي داخل ٿيندا هئا.

شڌ من وارا شڌ تن يا شرير وارا ٻلوان ۽ پراڪرمي، برهمچريہ جو پالن ڪري آيل جوان ئي وواهہ ڪري گرهست آشرم ۾ داخل ٿيندا هيا. ان ڪري اُنهن جي سنتان بہ ٻلوان ۽ پراڪرمي ٿيندي هئي. ان قسم جي اوچ سنسڪارن ڪري ئي آريہ سڀيتا اوچ بڻي آهي. اها هئي اسان جي سماج رچنا. اسان جي سماج ۾ سڀ کان وڏو سنسڪار آهي ''وواهہ سنسڪار'' اهو سنسڪار ئي اسان جي جيون جو آڌار آهي اهو ئي سنسڪار جيون جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ڪارگر هئيو آهي.

شڌي سان وواهہ سنسڪار ڪرڻ ڪري سماج اندر استرتا ۽ مضبوطي اچي ٿي. سماج پڪي پائي تي بيهي ٿي. اها وڏي دک جي ڳالهہ آهي جو اسان جي سنڌي سماج جا ماڻهن گهڻي ڀاڱي ان سنسڪارن کي سمجهن ئي نٿا. ان ڪري انهن سنسڪارن جي شڌتا ۽ اهميت گهٽجي ويئي آهي. هينئر نانگ وبو آهي نڪري رڳو ليکو پيو ڪٽجي واري ڪار لڳي پئي آهي. ان جو اهڙو اثر ٿيو آهي جو

آهي تہ جڻئين جي اهميت جڻيا پائيندڙ ٻارن کي ڪوڻہ سمجهائي وڃي ٿي. جڻئي پائڻ کان پوءِ اذ ڪلاڪ اندر ٿي جڻيو پائيندڙ ٻالڪ جڻيو لاهي ڦٽو ڪندو آهي. هندو ڌرم جون ٢ پرمک نشانيون آهن هڪ چوٽي ٻيو جڻيو. هندو انهن نشانين کي سنڀالي رکندو هو. ان جڻئي چوٽيءَ جي رکيا لاءِ هزارين هندن کي پنهنجو بليدان ڏيڻو پيو هو ليڪن اڄ جو هندو پنهنجي راضي خوشي چوٽي ڪتارائي ٿو ۽ جڻيو لاهي ڦٽي ٿو ڪري. اهو انومان آهي تہ هن وقت ٩٩ سيڪڙو هندو جڻيو ڪونہ پائين ٿا جڻئي جي سنسڪار وقت براهمڻ ان سنسڪارن جي اهميت يجمانن کي ڪونہ ٻڌائين جڏهن تہ ٻالڪ جو اصلي جيون جڻئي جي سنسڪار کان پوءِ ئي شروع ٿو ٿئي. پراچين ڪال ۾ جڻئي پائڻ کان پوءِ ٻار گروڪل ۾ سکيا پرائڻ لاءِ موڪليا ويندا هئا. گروڪل ۾ وديارٿين کي ڪنور برهمچريہ جي سکيا ڏني ويندي هئي. برهمچريہ جي پالنا ڪرڻي پوندي هئي. گروڪل ۾ وديارٿين کي جدا-جدا قسمن جا سنسڪار ڏنا ويندا هئا. ورت نيم اپواس ڪري وديارٿين تي اُتم سنسڪار پوندا هئا. هنن جي ٻڌيءَ جو وڪاس ٿيندو هو. ويچارن ۾ پوترتا ايندي هئي. سندس من بہ شڌ ٿيندو هو تہ تن بہ شڌ ٿيندو رهيو هو. هو ٻلوان ۽ پراڪرمي ٿيندا هئا. ويد شاسترن جي اڏين سان گڏو گڏ وديارٿي پنهنجي پنهنجي پسند جي وبوسايہ جي سکيا پڻ گرهڻ ڪندو هو. برهمڻ ويد پاٺي ٿيندا هئا هون. يگيہ ڪرائڻ جي سکيا کين سيکاري ويندي هئي. ڪرم

سرشٽي جو سرجن

هندو شاستر چوي ٿو تہ سرشٽي جو سرجنهار پرم پتا پرميشور سرو شڪتيمان آهي. هڪ اک چنپ اندر هو سرشٽي ناهي سگهي ٿو ۽ ٻي اک چنپ ۾ هو سرشٽيءَ کي ڊاهي بہ سگهي ٿو. هن سرشٽي کي قائم ٿئي ساڍا چار سو ڪروڙ سال ٿيا آهن. ان عرصي اندر گهٽيئي دفع پرليہ رستي سرشٽي کي سماپت ڪري وري نئين سر سرشٽي ناهي پئي ويئي آهي. پرليہ کان پوءِ جڏهن صرف ديو سرشٽي جو پرتيڪ ماتر مڇي جي پنيءَ تي مهاراج منو بچيو تڏهن هن جي ماڌيم سان سرشٽي کي وري نئي سر ناهڻ جي ڪارروائي شروع ٿي.

سرجن ڪرڻ لاءِ ٻن جسمن جي ضرورت پوندي آهي. هڪ پرش ٻيو ناري هڪ نر ٻيو مادي. اڪيلي سر ٻنهي مان ڪير بہ سرجن نہ ڪري سگهندو. اها حالت جانورن ۾ پکين ۾ ڪيڙن ماڪوڙن ۾ بہ آهي.

پراچين شاستر ن ۾ اها ڪٿا هن ريت آهي، پرم پتا برهم جي من ۾ ويچار آيو تہ (एकोहं बहुस्याम) آءُ هڪ آهيان انيڪ ٿيان سنسار کي وري پئدا ڪريان. هڪ مان ٢ ٻن مان چار ٻڻجان پوءِ پرماتما پرجاپتي برهما کي پئدا ڪيو ۽ برهما کي آديش ڏنائين تہ تون هاڻي سنسار جي سرشٽي ڪر، دنيا کي پئدا ڪر. برهما برهم جي ان آديش مطابق سنسار شروع ڪئي. (संसार) سنسار اکر جو ارٿ آهي وڌندڙ ۽ وسنار ڪندڙ. جڳت (जगत) اکر جو ارٿ آهي هلچل

سنڌي هندو ڌرم تي پختا ڪونہ رهيا آهن. سنڌي هندن
جي ڌرم جي رکيا امر اُڏيري لال ڪئي. پاڪستان ٺهڻ تي
اسين سنڌي پنهنجو ڌرم بچائڻ لاءِ ڀارت آياسين ليڪن
ڏک جي ڳالھہ آهي اهڙن پختن هندن جي وچ ۾ ڪي وڌرمي
۽ وديشي اچي ويا آهن ۽ جن جي لوڀ لالچ ڏيڻ تي ڪيچ
شخص پنهن جو ڌرم بدلايو آهي.

سنڌ ۾ جي ڪڏهن ڪو مسلمان هندو جي ڪنهن مهلا
کي ڀڄائي ويندو هو يا ڪنهن هندو جي ڌرم بدلائڻ جي
ڪوشش ڪئي ويندي هئي تہ خبر پوڻ تي سڀ هندو هڪ
ٿي ويندا هئا ۽ اهڙي ڪڪرم جو وروڌ ڪندا هئا ۽ هندن
جي ڌرم بدلائڻ کي روڪائيندا هئا. ليڪن افسوس آهي
جو اڄ ڪير بہ ڌرم جي اهميت نہ ٿو سمجهي.

ڌرم خاص پوڄا پد تي تہ نہ آهي پر جيون گذارڻ جو
هڪ خاص طريقو آهي. هندو جي جيون ۾ ستيہ، اهنسا،
برهمچريہ پالن، شڌ آهار شڌ ويچار رکڻ ضروري آهي.
جڏهن ڪ اسلام کي ڌرم مڃندڙ توڙي عيسائين ۾ اهڙا ڪي
بہ آدرش ڪونہ آهن. هندو گهر ۾ جنم وٺل ٻار کي سٺو هندو ۽
آدرش انسان بڻائڻ لاءِ هن کي سنسڪار ڏيڻ ضروري آهي.

■ ■ ■

مطابق بہ آدم آدي پتا آهي ۽ آدي ماتا هوا آهي جنهن کي
''ابو'' بہ چون ٿا. اها ڳالهہ بائيبل ۾ لکيل آهي. پر بائيبل
جي آدم هوا کي منو ۽ شت روپا سا ڳيو سمجهڻ ٺيڪ نہ
آهي ڇاڪاڻ تہ عيسائي ڌرم صرف بہ هزار سال پراڻو آهي
جڏهن ڪ منو ۽ شت روپا جو ڪال ڏهہ هزار سالن کان وڌيڪ
پراڻو آهي. منش مانو(मनुष्य मानव)سنڌي ۽ جو اکر ماڻهو
انگريزي جو اکر مئن سڀ منو مهاراج مان پئدا ڪيل آهن.

منو مهاراج نہ صرف مانوجاتي جو جنڪ آهي پر منو
طرفان سماج سنسڪارت ۽ سيہ بڻائڻ لاءِ ڪي نيم قائدا
قانون بہ ٺاهيا ويا هئا، انڪري منو سنسار جي سڀيتا جو
جنڪ بڻ آهي. هو سنسار جو پهريون قاعديدان آهي هن جو
لکيل گرنٿ منو سمرتي ان ڳالهہ جو وڏو پرماڻ آهي.

■ ■ ■

آدي وواهہ

ان وقت منو ۽ شت روپا جو برهما طرفان وواهہ ڪرايو
ويو هو ان وقت وواهن جي ڪابہ وڌي مقرر ڪيل ڪونہ هئي.
منوءَ کي هڪ ڌيءُ شت روپا مان ڄائي هئي جنهنجو نالو
(देवहूती) ديوهوتي رکيائونس. مهرشي منو پنهنجي هن
سبنري ءَ جو وواهہ هڪ مهان ودوان گياني ڪردم رشي سان ڪرايو.
مهرشيءَ جي سبنريءَ ديوهوتي ۽ ڪردم رشي جو وواهہ سڀ کان
پهريون وواهہ هو ان کي آدي وواهہ چئجي تڏهن بہ غلط نہ ٿيندو.

ڪندڙ. برهما طرفان سورج چندرما ۽ تارا پيدا ڪيا ويا. پشو پکشي ۽ پاڻيءَ جا جيو بہ پيدا ڪيا ويا پر برهما جي من کي سنتوش ڪونہ آيو، برهما پنهنجي سرشٽي کي اڻپورو سمجهڻ لڳو.

پوءِ برهما اها اڻپورائي دور ڪرڻ لاءِ پرماتما جو ڌيان ڪيو هن پنهنجو پورو من ۽ ويچار قبضي ۾ آڻي سنسار جي اڻپورائي کي دور ڪرڻ لاءِ پريوءَ جو ڌيان ڪيو. پوءِ برهما جي شرير مان هڪ نر پيدا ٿيو ۽ هڪ ناري پيدا ٿي.

■ ■ ■

آدي پتا منو مهراج ۽ آدي ماتا شت روپا

جيئن تہ اهو نر ۽ ناري برهما جي من ۽ ويچارن کي پرماتما ۾ لڳائڻ ڪري پيدا ٿيا هئا انڪري برهما من جي ويچارن مان پيدا ٿيل نر جو نالو رکيو منو. (मनु) منو اکر جو ارٿ بہ اهوئي آهي من جي ويچارن مان پيدا ٿيل. اهڙي طرح برهما طرفان پيدا ڪيل ناريءَ جو نالو رکيو ويو شت روپا. پوءِ برهما ان ريت پاڻ مان پيدا ڪيل نر ۽ ناري کي آديش ڏنو تہ توهين هاڻي منش جاتي جي اُتپتي ڪريو. منهنجي اڻپوري سرشٽي کي پورڻ ڪريو ڇو تہ منش جاتي کان سواءِ سموري سرشٽي اڻپوري بڻيل لڳي ٿي. پوءِ برماتما منو ۽ شت روپا جو وواهہ ڪرايو. منو ۽ شت روپا مان پيدا ٿيل سنتان مانو يا منش چواريو. ان ريت مهرشي منو هن سنسار جو آدي پتا آهي ۽ شت روپا آدي ماتا آهي. عيسائي ڌرم

شري ڪرشڻ ڀڳوان ارجن کي چوي ٿو تہ گيتا جو هي گيان انهي پراچين آهي. اوائل ۾ اهو گيان ووسوان طرفان منوءَ کي ڏنايو ويو هو. منو اهو گيان اڪشوا ڪو کي ڏنايو ان کان پوءِ گيتا گيان جو وستار ٿيو. ڀڳوان شري رام چندر اڪشواڪو جي ڪل ۾ ١٠-١٢ پيڙهيون پوءِ ٿيو آهي. منو ووسوان کان پوءِ جو آهي. ان موجب سوريا جو وواهہ شري رام جي جنم کان گهٽ ۾ گهٽ اڳ جو آهي. ويد بہ اڳ ۾ ئي لکيا ويا هئا. ووسوان رام ۽ ڪرشڻ ٻنهي کان گهٽو اڳ ٿيو آهي. سوريا جي وواهہ جو ورڻن رگ ويد ۾ اچي ٿو ان ڪري سوريا ۽ سوم جو وواهہ آدي آريہ وئدڪ وواهہ آهي. ودوانن جي راءِ مطابق ويدن جي وڏي مطابق ٿيندڙ وواهہ ۾ اڏ کان مٿي اُهي منتر آهن جي رگ ويد ۾ ڏنل سوريا ۽ سوم جي وواهہ ۾ ڪم آندا ويا هئا. اسان جي وواهہ جي وئدڪ وڏي آدي وواهہ آهي. ويدڪ وواهہ طريقو ڪوئٹون نہ آهي بلڪ ويدن جي زماني کان ئي هلندڙ آهي.

گريڪ رومن پارسي عيسائي اسلام سيني ڌرمن مت متانتر کان بہ ويدڪ هندو سڀيتا پراچين آهي.

وواهہ پڌتي مقرر ٿيڻ کان اڳ نر ۽ ناري وچ ۾ بنا ڪنهن بنڌن جي بوناچار ٿيڻ کي سماج جي بزرگن صحي نہ سمجهيو انڪري وواهہ پڌتي مقرر ڪيايون ان طرِيقي سان وواهہ ڪرڻ ڪري پتي پتنيءَ کي اڌڪار ملن ٿا ۽ ڪي ذمواريون پون ٿيون. پتي پتنيءَ جي وچ ۾ هڪ اٽوٽ سنبنڌ قائم ٿئي ٿو. هتيالو ٻڌي گهوت ڪنوار جو پلئہ ٻڌي

مهرشي منوان وقت تائين وئدڪ وواهہ پڌتي بہ تيار ڪئي جنهن
انوسار ديوهوتي ۽ ڪردم جو وواهہ ٿيو هو.

ديوهوتي کي ڪردم مان ۹ ڪنيائون ڄايون هيون.
ديوهوتي ۽ ڪردم مهرشي پنهنجي ۹ ئي نياڻين جو ڪنيا
دان ۹ ودوان رشين کي ڪيو. انهن کي سنتان ٿي وري
انهن جي سنتان کي بہ سنتان ٿي. انهي ريت مهرشي منو ۽
شتروپا مان ئي مانو جاتي وڌي ۽ وڌندي رهي آهي. هن
وقت بہ ۽ اڳتي هلي بہ نر ۽ ناريءَ جي سنگم سان هن
سنسار جو وستار ٿيو آهي ۽ ٿيندو رهندو. برهما برهم ديو
جي ڪرپا سان ڪيس سرشٽي جي سرجن ڪرڻ جي مليل
اڌڪار کي هن هر هڪ نر ناري جي جوڙي کي ڏيئي ڇڏيو.
اهو سرجن ايترو تہ وڌي ويو آهي جو هينئر وڌيڪ سرجن تي
روڪ وجهڻ جا اُپاءُ سوچيا وڃن ٿا. ڇوٽا پريوار سکي پريوار،
هم دو هماري دو جا نعرا لڳن ٿا. پراچين ڪال ۾ سنتان
پئدا ڪرڻ لاءِ ئي نر ۽ ناري سنيوگ جو سهارو وٺندا هئا،
ليڪن موجوده زماني ۾ سنتان نہ کپي فقط سنيوگ جو
سک وٺڻ لاءِ ئي شاديون ٿين ٿيون انڪري ئي وواهہ جي
اهميت گهٽجي ويئي آهي. وواهہ وڇيدن پيا ٿين ڪنيائن
مٿان اتياچار پيا ٿين.

رگويد جي ڏهين منڊل جي سوڪت ۸۵ ۾ ووسوان
جي ڪنيا جنهن جو نالو سوريا هو(सूर्या) جي وواهہ جي ڪٿا
اچي ٿي. سوريا جو وواهہ سوم سان ٿيو هو. سوم چندرما جو
نالو آهي. ووسوان منو مهاراج کان بہ اڳ ٿيو آهي. گيتا ۾

جي سمرٿي نہ آهي. ڪي نوڪري ڪندڙ ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون پاريوارڪ حالتن سبب ووِاهہ نہ ٿا ڪري سگهن. اها سندن مجبوري آهي.

ڪيترن غريب گهرن جون ڪنيائون ڏيتي ليتي نہ ڏيئي سگهڻ ۽ ووِاهہ خرچ جو بندوبست نہ هئڻ سبب ووِاهہ نہ ٿيون ڪري سگهن. اهڙيءَ ريت ڪنوارن ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين جي تعداد بہ گهٽ نہ آهي، ڇا ڪڏهن سماج طرفان ان سمسيا کي حل ڪرڻ لاءِ ويچار ڪيو ويو آهي؟

هندو جيون مطابق هر هندو لاءِ ٢٦ سالن کان ٥٠ سالن تائين جو عرصو گرهست آشرم ڪري ليکيو وڃي ٿو. هر هندو لاءِ اهو لازمي آهي تہ هو گرهست آشرم جو آنند وٺڻ لاءِ ڪيس ووِاهہ ڪرڻ گهرجي. ووِاهہ ڪرڻ کان پوءِ نر توڙي ناري کي سنتان پئدا ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو، ڪين ماتا پتا جو درجو ملي ٿو. هو واتسليہ پريم (ٻارن جي پيار) جو آنند وٺي سگهن ٿا. هو پنهنجو پريوار الڳ ناهين ٿا، سندن مٿيون مائٽيون ٻين سان ٿين ٿيون. ووِاهہ نہ ڪرڻ سبب ڪين ٻڍاپي ۾ گهڻي تڪليف ٿئي ٿي، اڪيلائپ جو ڀوت گهر کي کائڻ لاءِ اچي ٿو. ڪو بہ سيوا ڪرڻ لاءِ ويجهو نہ ٿو رهي.

جيون ۾ ڪنوارو رهجي وڃڻ اولاد نہ ٿيڻ اهو سڀ منش کي ڪرم ڏنڊ جي روپ ۾ ملي ٿو. شادِي ڪرڻ کان پوءِ ٻتي پتني جي ٻانڌ ۾ ڪنپٽ ٿيو پوي ۽ هڪ ٻئي کان الڳ ٿيو وڃن. اُهي بہ ووِاهت هوندي بہ ڪنوارا- نہ گرهست جيون جو آنند وٺي سگهن ۽ نہ وري سنتان پئدا ڪري سگهن

وواهه ڪندڙ هندو پرش ۽ ناري پاڻ کي ڌرم جي پوتر ٻنڌڻ ۾ ٻڌن ٿا. ور کي ڀڳوان وشنوءَ جو روپ ۽ وڌو کي پرڪرتيءَ جو روپ ڪري مڃيو ويو آهي. هندن جي وواهه جو ٻنڌڻ عمر پرتائين قائم رهي ٿو. هندو ڌرم موجب ڪيل وواهه هڪ اقرار نامو نه آهي هڪ ٺيڪو نه آهي جو جڏهن به مرضي تڏهن ٽوڙي ڇڏجي. ليڪن دک آهي ته ڌرتيءَ جي ديوتائن قانون پاس ڪري ان پڪي اٽوٽ ناتي کي ڪچي ڌاڳي جو ٻڌائي ڇڏيو. آهي. سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي ته نونٺ لڳي ساهيڙي ڀڳي. جڏهن مرضي پئي زال ورتي جڏهن مرضي پئي هڪ ڇڏي ٻي کي وٺي آيو. ان قسم جو وهنوار سڀيه سماج لاءِ شوڀا جنڪ نه آهي.

■ ■ ■

اوواهت جيون

اڄ جي يگه ۾ وواهه نه ڪرڻ جي رسم چالو ٿي آهي. ڪنوارن جي به عجيب ۽ الڳ دنيا آهي وواهه نه ڪندڙن هڪڙا اُهي آهن جيڪي نوڪري ڪن ٿا با ٻئي طرح هو سکي آهين. ڪمائيءَ جي چنتا نه آهي اُهي چون ٿا ته ڇا لاءِ شادي ڪري زالن جي خوشامد ڪريون. نوڪريءَ واريون ڇوڪريون به چون ٿيون ته اسين هينئر پنهنجي پيرن تي بيٺل آهيون ڇا لاءِ مڙسن جي حڪم ۾ رهون. ٻيا ڪنوارا اُهي آهن جن جي مائٽي نه ٿي ٿئي. هنن ۾ وواهه ڪرڻ

ربت هو گرهست جيون جو آنند وٺندا، ڪھڙي ريت هو سنتان پئدا ڪري سگھندا. انهن سوالن جو جواب سمر لنگين وٽ ڪونہ آهي. ووٺاهہ ڪرڻ جو مطلب گڏ رهڻ تہ ڪونہ آهي.

گجرات ۾ ڪن پرشن ڪن مهلائن کي بنا ووٺاهہ جي پتني روپ ۾ رکڻ لاءِ اسٽامپ تي نوڪري جو انوبنڌ (اقرار نامو) لکائي پاڻ وٽ رکيو.

هي سڀ ڪارناما انڪري پيا ٿين جو اسين هندو بہ پڻ هينئر ووٺاهہ کي هڪ ڪونٽريڪٽ يعني ٺيڪو بڻائڻ ٿا چاهيون. هي انهن شخص جا ڪارناما آهن جيڪي عورتن کي صرف ڀوڳ جي وستو ڪري رکڻ چاهين ٿا. مسلمانن ۾ هڪ نڪاح ٿيندو آهي جنهن کي مطع نڪاح ڪري چوندا آهن ان مطابق اهو ووٺاهہ مقرر مدي لاءِ ٿيندو آهي. اهو مدو هڪ رات بہ ٿي سگھي ٿو، ان لاءِ پرش ناريءَ کي ڪجھ رقم ڏيندو آهي. ان مدي کان پوءِ اهو ووٺاهہ ختم ٿيندو آهي. ان ووٺاهہ ۽ وئشيا ورتي ۾ ڪوبہ فرق نہ آهي. عورتن کي صرف ڀوڳ جي وستو سمجھڻ وارا ڪي منچلا جوان ان قسم جي شادي هندن ۾ بہ شروع ڪرائڻ جي حق ۾ آهن، سندن دليل آهي زندگي ڀر لاءِ بنڌن ۾ ڇا لاءِ ٻڌجون.

مٿي مون جيڪو ڪجھ لکيو آهي اهو انڪري ٿو ٿئي جو هندن ۾ بہ ٺانگ وبو آهي نڪري صرف ليڪو پيو ڪٽجي. هندن کي خاص ڪري منهن جي سنڌي ڀائرن کي ويدڪ پڌتي جي ووٺاهہ جي پوري ڄاڻ نہ آهي. مڙيو ئي پٽ پرٽائي

اهو بہ هڪ ڪرم ڏنڊ آهي.

ڪي ماڻهو بنا مقصد جيون ۾ ٽيندا آهن. هڪ سڄڻ ڪنوارو آهي مون ڪائنس پڇيو تہ شادي ڇو ڪين ڪيئہ. چي مونکي شادي ٻادي ڪونہ وڻي. مون ڪيس ان تي چيو تہ تنهنجي جيون ۾ ڪو مقصد آهي؟ آخرِ هن سنسار ۾ ڇا لاءِ جنم ورتو اٿئي. ساڌو سنت ٿي سماج سيوا ڪر غريبن جي سيوا ۾ پنهنجو وقت لڳاءِ تڏهن ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿو تہ وواهہ تنهنجي ساڌڪ جيون ۾ سيوا جي جيون ۾ رنڊڪ ٿو وجهي تہ ڀوءِ ڀلي شادي نہ ڪر پر پنهنجو جيون اُديش پراپتي لاءِ ارپڻ ڪر جيتوڻيڪ گرهستي بہ ساڌڪ ٿي سگهي ٿو سماج سيِوڪ بہ ٿي سگهي ٿو.

■ ■ ■

سم لنگي وواهہ - هڪ نئون مرض

پشچمي سڀيتا جي ڪ پرڀاءُ جا برا نتيجا ڀارت ۾ بہ نظر اچڻ لڳا آهن. تازو الله آباد هاءِ ڪورٽ جو هڪ فيصلو آيو آهي جنهن ۾ چيل آهي تہ پرش ۽ ناري بنا وواهہ جي گڏ رهي سگهن ٿا، رتي ڪريڙا ڪري سگهن ٿا، اولاد بہ ڄڻدا ڪري سگهن ٿا.

هڪ نئون مرض پشچم مان ڀارت ۾ آيو آهي. سم لنگي وواهہ بہ ناريون يا بہ پرش ساڳئي لنگ وارا هڪ ٻئي سان وواهہ ڪن. ڪهڙي ريت هو ڀاڻ ۾ پريم ڪندا، ڪهڙي

منجهن نئين جوڙي کي وواهت جيون شروع ڪرڻ کان اڳ وواهه منتر رستي سکيا ڏني آهي. سڀ کان پهرئين پاڻ ۾ ڪنياد ان ڪرڻ وقت ساکي جي روپ ۾ وواهه کان ٢ ڏينهن اڳ سمست ديوي ديوتائن کي آهوان ڪري گهرايو ويندو آهي. انهن لاءِ الڳ جڳهه تي استان ناهي سندن استاپنا ڪئي ويندي آهي. سنڌي ۾ ان رسم کي ڏيوتا پڻ يعني ديوتا ٿا پڻ ڪري چوندا آهن. وواهه پوري ٿيڻ کان پوءِ انهن ديون جي موڪلائي به ٿيندي آهي.

هڪ اکر ٻيو به ان سلسلي ۾ ڏيان ۾ رکجي ته ان ۾ به ساڳي پاونا ملندي اهو اکر آهي پرواهه (प्रवाह) معنيٰ جيڪو اڳيان وڌي. سنڌيءَ ۾ به اهو اکر آهي ''واهه'' معنيٰ نهر ڪئنال وغيره. سنڌو ندي تي سکر ۾ بئريج ٻڌي پاڻي روڪي سنڌ کي سرسبز ڪرڻ لاءِ ست وڏا واهه ڪڍيائون. ان ريت سماج جي وهڪ يا وچارڌارائن کي خاص نموني جو موڙ ڏيئي خاص دشا ۾ گتي ڏيئي گرهست جيون کي هلائڻ جي طريقي کي ئي وواهه چئجي ٿو. انڪري وواهه اکر جو ارٿ ٿيو سماج جي وهڪ کي من پسند موڙ ڏيئي وهائڻ ۽ سماج کي سندر روپ ڏيڻ.

سماج ۾ جڏهن باقاعدي وڌي انوسار وواهه ڪونه ٿيندا هئا جڏهن نر ناري کي سنگم جي ڇوٽ ملبل هئي تڏهن ان مان سڌريل سماج جو نرماڻ ته ڪونه پئي ٿيو اُلٽو برو اثر پئي پيو انڪري اهڙي نموني جي سماج جي وهڪ کي روڪيو ويو اڻ سڌاريل جانورن جيان ٿيندڙ ٻوناچار کي بند

گھوٽ پيءُ گھر آيو جي ڪڏھن اسين گھرائيءَ سان ووا‍ھ
منترن کي سمجھڻ جي نيڪ ڪوشش ڪريون ته اسان کي
معلوم ٿيندو ته ھندو وواھ منتر سڀ ڪان وڌيڪ اونچي
آدرش وارا آھن ھزارين سال پراڻا آھن پر تڏھن به سدائين
نوان پيا لڳن. ھندو وواھ پڌتي ھڪ آدرش وواھ پڌتي
آھي ٻين وواھ پڌتين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اُتم آھي ان جو
اينرو اثر ٿيو آھي جو وديشن مان ڪيترا جوڙا ان وواھ
پڌتيءَ رستي وواھ ڪرڻ لاءِ ڀارت ۾ ايندا آھن. اھا وواھ
پڌتي اونچي درجي سڀيتا جي نشاني آھي. ھزارين سال
اڳ جا ھندو به ايترا مھان ھئا.

■ ■ ■

وواھ ڇا آھي
किम विवाह

وواھ شبد ۾ ٽي اکر آھن وواھ. ڀھريون و اکر وششٽ
اکر مان ڪنيل آھي جنھن جو مطلب آھي خاص. واھ اکر
جو ھٽ ارٿ راھ سان آھي يعني خاص رستو. واھ اکر جو
ٻيو ارٿ آھي وھڪ وھڪرو يعني جيون جو خاص رستو.
جيون جي خاص وھڪ ۾ ايئن آھي به سچ وواھ ڪان پوءِ
منش جيون ۾ خاص بدلاءُ اچي ٿو. ھو گرھست آشرم ۾
گھڙي ٿو. پتي پتنيءَ جو ناتو جڙي سنتان پئدا ٿيندي.
ھڪ نئون پريوار ڪڙو ٿيندو انڪري سماج جي بزرگن رشين

وارو هجي تہ اهو ور ٺيڪ لاءِ ايوگيہ آهي هن کي ڪڏهن بہ ڪنهن ڪنيا سان وواهہ نہ ڪرائجي. چور، جئاري، شرابي، ويڀچاري، خوني، هنسڪ گهوٽ کي ڪڏهن بہ ڌيان ۾ نہ آڻجي. اجايو ايمان ڪندڙ ور ڌرم جي ڀاونائن کان رهت گهوٽ جو تياڳ ڪجي. ودوان، پڙهيل، ڳڙهيل جوان جنهن جا آچار ويچار ۽ آچرڻ شڌ آهن. جو پروپڪاري، ڌيرج وارو، گنڀير سڀاءُ، سداچاري ڪلمڪ شڪل شبيهہ جو نيڪ ٺاڪ ڏسڻ وارو، مڃي مانيءَ وارو گهر هلائي سگهي ۽ دال روٽي ڪمائيندڙ، ڌرم ۾ شرڌا رکندڙ، وڏن کي عزت ڏيندڙ کي گهوٽ جي پد لاءِ چوندي سگهجي ٿو. ڪنيا جي مڱڻ کان اڳ گهوٽ جي آڪهہ ڪل برادري ۽ ٻڻ بنياد جي جاچ بہ ڪجي. گهوٽ جي ناناڻي ۽ ڏاڏاڻي ڪل جي بہ جاچ ڪرڻ کپي. گهوٽ لاءِ شوروير، پراڪرمي، شڪتيوان ۽ دشمن جو مقابلو ڪندڙ هئڻ ضروري آهي.

مٿيون جيڪي ڳالهيون گهوٽن جي پسندگي لاءِ لکيون آهن انهن مان ڪيتريون تہ ڪنوار جي پسندگيءَ بابت بہ آهن. ڪنيا جا بہ سڀ انگ صحي هجن. سگهي گهر گهراڻي جي ڪنيا انهي پريوار لاءِ سيوا جي ڀاونا رکندڙ هجي. سمرنا واري روپ رنگ ۾ وڻندڙ پتيءَ جي من کي ڪشش ڪندڙ مڌرڀاشي، جرنروان، ڌرم ۾ آستا رکندڙ ڪنيا کي ڪنوار جي روپ ۾ پسند ڪجي.

■ ■ ■

ڪيو ويو. وواهڪ وڏي ناهي ويئي. نر ۽ ناري کي ڌرم جي بنڌڻ ۾ ٻڌو ويو، ان سنسڪار کي وواهه ڪري ڪوٺيو ويو.

ڳهوٽ ڪنوار جي پسند

وواهه ڪرڻ لاءِ ٻن جي ضرورت پوندي آهي. هڪ نر ته ٻي ناري. نر جو نر سان ۽ ناريءَ جو ناريءَ سان وواهه نه ٿي سگهندو آهي. جيڪڏهن ان قسم جو ڪٿي ڪو وواهه ٿئي ٿو ته ان کي ڪابه قانوني مانيتا مليل نه آهي. اهڙي ريت ڪنر (کدڙي) جو وواهه به نه ٿي سگهندو آهي. نر کي ڳهوٽ ۽ ناري کي ڪنوار ڪري چيو ويندو آهي.

وواهه ڪان اڳ ڳهوٽ جي ڳولها ٿيندي آهي اها ڳولها ڪنوار جو پتا يا سندس پاران برهمڻ يا ٻيو ڪو شخص ڪندو آهي. ڳهوٽ جي هر پرڪار جي يوڳيتا ڏٺي ويندي آهي، گوتر ڏنو ويندو آهي. ڳهوٽ ۽ ڪنوار جون ڪنڊليون پاڻ ۾ ملائي گرهه گوچرن جو پرياءُ ڏنو ويندو آهي. ڳهوٽ جي خاندان جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪئي ويندي آهي. ڳهوٽ ۾ جي ڪڏهن ڪي شاريرڪ ڪمزوريون آهن هن جي شرير جا انگ سلامت نه آهن انڌو هجي، ٻوڙو هجي، لولو لنگڙو، گونگو اپنگ وڪلانگ هجي نامرد يا نپونسڪ هجي ساهه دمڪشي ڪئنسر جو روڳي هجي يا ٻي ڪنهن لاعلاج بيماريءَ جو شڪار هجي. ڪوڙهي چريتر هڻڻ پشو ٻڌي

با سنتان تنهي لوڪن ۾ ناماچار واري ٿئي ٿي.

١- وواهه گرهست آشرم جو مول يعنيٰ بنياد آهي.

٢- وواهه ڪرڻ سان ڪام ۽ ڌرم ٻنهي جي پراپتي ٿئي ٿي.

٣- وواهه ڪرڻ سان پدارٿ يعنيٰ ڌن جو واڌارو ٿئي ٿو.

٤- وواهه ڪرڻ سان سنسار جي سک ماڻڻ جون ڪامنائن کي پراپت ڪري سگهجي ٿو.

٥- ساڌڪ وواهه کان پوءِ به گرهست آشرم ۾ رهندي به موکش کي پراپت ڪري سگهي ٿو.

سنڌيءَ ۾ اکر پرڻجڻ مول سنسڪرت اکر پرينڻه (परिणय)مان نڪتو آهي ۽ شاستر چوي ٿو ته هر گرهستيءَ لاءِ پرڻجڻ ضروري آهي.

وواهه بابت رگويد ۾ چيل آهي:-

प्रजाभि रग्ने अमृतत्व मश्नाम (ऋगवेद)

وواهه ڪرڻ سان اسان جي پرجا (سنتان) پئدا ٿئي ٿي ۽ وواهه ڪرڻ سان اسان کي امرت ملي ٿو.

وئدڪ زماني ۾ ملڪ وڏاهيا پر انهن ۾ آبادي گهٽ هئي. آبادي وڌائڻ لاءِ گنجائش وڏي هئي تنهن ڪري وئدڪ آريه پرجا يا سنتان جي واڌاري جي ڪامنا رکندا هئا. نون نون ملڪن جي وسائڻ لاءِ سنتان جي واڌاري لاءِ اگني ديوتا کان آسيس گهرندا هئا.(कृणवंतो विश्वमार्यम्) اسين ساري وشو کي آريه ڪنداسين يعنيٰ سڀ ٻڻائينداسين. ساري سنسار ۾ وئدڪ ڌرم جو پرچار ڪنداسين، آريه سڀيتا جو پرچار

هڪ چتاءُ- جاچ ضرور ڪريو

گهوٽ ۽ ڪنوار بابت جانچ ڪرڻ لاءِ مارگ درشڪ هدايتون لکيل آهن. مڱڻي ڪرڻ کان اڳ انهن ڳالهين جي باريڪيءَ سان جانچ ڪريو نہ تہ دوکو کائي ويندا. نياڻيءَ جي زندگي خراب ٿي ويندي. وواهڪ وادن ۾ اڪثر ڪري اهو ڏٺو ويو آهي تہ ڏرين مڱڻيءَ کان اڳ جانچ ڪرڻ جي تڪليف ڪونہ ڪئي ۽ چوندا رهيا سائين. اسان تہ فلاڻي تي وشواس ڪري مصيبت ۾ ڦاسي وياسين.

اجمير ۾ ميئو ڪاليج پڙهائيءَ جو هڪ سٺو استان آهي. ان جي پڙهائيندڙ هڪ پروفيسر مٿان عورتن ڪي دوکو ڏيئي شاديون ڪرڻ جو فوجداري مقدمو هلي رهيو آهي. هو اخبارن ۾ شادين جا اشتهار پڙهي پنهنجا پرستاءُ موڪليندو هو. ميئو ڪاليج جي نيڪناميءَ سبب ڇوڪرين جا مائٽ ان بابت ڪابہ جانچ نہ ڪندا هئا. ان ريت هن هڪ ٻئي پنيان چار وواهہ ڪيا. جڏهن ڦاٽ ڦاٽو تڏهن پڪڙجي پيو. هينئر مٿس دهلي، جلندر ۽ اجمير ۾ ڪيس هلي رهيا آهن. انڪري سيني لاءِ پڪتي جانچ ڪرڻ ضروري آهي.

واوهہ جو وئدڪ آدرش شاستر چوي ٿو:-

विवाहा देव सत् सृष्टि-सत् सृष्टेव जगत त्रयं
चतुर्वर्ग फल प्राप्ति तस्मात परिणय शुभ:

شپ وواهہ ڪرڻ سان ست يا ستيہ تي هلندڙ سرشٽي يا سنتان ٿئي ٿي. ست ڌرم تي هلندڙ ستيہ واري سرشٽي

وبندو آهي جيا جو ارٿ آهي جئہ ڪندڙ. جايا اکر جو ارٿ آهي جيت جي ڪمن ۾ جئہ ڪرائيندڙ. انهن ٻنهي اکرن مان سنڌي اکر جوءِ ٺهيو آهي. جوءِ جي سهيوگ سان مڙس سنسار ۾ سڦلتا پراپت ڪري ٿو.

وواهہ ڪيل ناريءَ کي سکي (सखी) بہ چيو ويندو آهي. سکي يعنيٰ متر صلاحڪار. حقيقت بہ اها ئي آهي تہ گرهستيءَ جي گاڏي هلائڻ لاءِ پتيءَ جي سڀ کان وڏي صلاحڪار سندس پتني ئي ٿيندي آهي.

جيتوڻيڪ هندو سماج پرش پرڌان سماج آهي پر ان هوندي بہ ناريءَ جو درجو داسيءَ جو درجو نہ آهي. گرهست سنسار کي هلائڻ لاءِ ناريءَ کي پرش سان گڏ سمان اڌڪار ۽ ذميواريون آهن. البت ڪرتا جو درجو گهر جي وڏي پرش کي ضرور مليل آهي. ٻين ڌرمن ۾ عيسائي، مسلمان، پارسي ٻوڌي سماج بہ تہ پرش پرڌان آهي. يووپ، روس، چين آمريڪا ۾ اڄ بہ پرشن کي پرڌانتا مليل آهي. انهن ملڪن ۾ ڪابہ ناري ديش جي پرڌان يا پرڌان منتري نہ ٿي سگهي. اپواد سروپ ٻي ڳالهہ آهي پر ڀارتيہ سماج ۾ اهڙو ڪجھ نہ آهي ٻنا ڪنهن آپتيءَ جي شريمتي اندرا گانڌي پرڌان منتري ٿي هئي ۽ ۱۳-۱۴ سال ان عهدي تي رهي.

وواهہ لاءِ مقرر ڪيل ڪنيا کي دارا يا ڌرم پتني بڻائڻ لاءِ جيڪو سنسڪار ڪيو وڃي ٿو ان جو نالو ئي آهي وواهہ سنسڪار ياڻگرهڻ سنسڪار. پاڻي سنسڪرت مول جو اکر آهي جنهن جو ارٿ آهي هٿ ان تان ٻئيو سنڌي اکر هٿيالو ٻڌل.

ڪنداسين. ان سبب تي پراچين آريہ گھڻي سنتان هئڻ
جي ڪلپنا ڪندا هئا، اچا رکندا هئا ۽ آسيس گھرندا هئا.

آريہ سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو ٻيو آدرش هيو منش
جيون رستي ديوپد،(देवपद) ديوتا جو درجو حاصل
ڪرڻ. (नमो देवाय जन्मने) هي پرماتما اسين توکي نمسڪار ٿا
ڪريون، اسان کي هن منش جنم ۾ئي ديوتا جو درجو حاصل
ڪراءِ پورڻ منش (Perfect-Man) ٿي وڃون. ويدڪ آريہ
جو وواهہ اهڙا اوچ آدرش اڳيان رکي ڪيو ويندو آهي.
وواهہ ڪرڻ کان اڳ يووڪ کي ڪمار ۽ يووتيءَ کي ڪماري
ڪري چيو ويندو آهي. وواهہ ڪرڻ کان پوءِ ٻنهي جو نالو
بدلي پتي ۽ پتني رکيو ويندو آهي. پتي معنيٰ رکيا ڪندڙ
پتني معنيٰ گھر جي پالنا ڪندڙ. وواهہ ٿي وڃڻ کان پوءِ
ڪمار کي ور ۽ ڪماري يا ڪنوار کي وڌو ڪري بہ چوندا
آهن. ور اکر جو ارٿ آهي سريشٽ پرش ۽ وڌو اکر جي
معنيٰ آهي واڌارو ڪندڙ. وڌو سنتان جي اُتپتي ڪري پريوار
جو واڌارو ڪري ٿي انڪري سريشٽ ناري آهي. گرهستي
جي گاڏي هلائڻ ڪري بہ ناريءَ کي وڌو ڪري بہ ڪوٺيو
ويندو آهي. گھوٽ لاءِ سنڌيءَ ۾ ٻيا بہ اکر آهن پوتار،
پرتار، پرتا اهي سڀ اکر مول سنسڪرت اکر(भर्ता) پرتا
مان نڪتل آهن. پرتا ڪٽنب جون سڀ گھرجون پوريون ڪندڙ
آهي. ناريءَ کي وري (भार्या) ڀاريا ڪوٺيو ويندو آهي. گھر جي
سگھڙ زال (ڀاريا) گھر جي ڀنڊار کي سدا ڀرپور رکي ٿي.

وواهت ناريءَ کي جيا ۽ جايا (जया-जाया) بہ ڪوٺيو

شذيءَ بابت گهٽي کوج ڪئي آهي. رت جا هر هڪ شخص جا ٻهنجا جزا آهن هڪ گروپ جي رت ٻي گروپ واري مريض کي تيسين ڪين چڙهائي ويندي جيسين هن جي رت جو گروپ ملندڙ رت جي گروپ سان ميل نه کائيندو. ان دستور (PROCESS)کي رت جي شذي (PURITY OF BLOOD) چون ٿا. رت سپني جو ڳاڙهو ضرور آهي ليڪن نرالو آهي. اسان جي پراچين ڪال جي رشين منين کي ان وگيان جي خبر هئي ۽ ان آذار تي هنن هندن جي وواهه ڪرڻ تي بندش لڳائي. موجوده ڀارت جي سرڪار پڻ ان بندش کي صحي سمجهي اهڙي قسم جي شادين تي بندش لڳائي آهي ان قسم جون شاديون رد ٿي سگهن ٿيون. هندو ڌرم شاسترن موجب هر هڪ هندوءَ جون ست پيڙهيون مڃيون وئون آهن ڪوبه هندو انهن ستن پيڙهن مان ڪنهن سان به وواهه نه ٿو ڪري سگهي. جي شادي ڪري ٿو ته اها شادي بي قائدي، ناجائز ڳڻي ويندي آهي. اهي پيڙهيون آهن:- ١- سڳي ڀيڻ، ٢- چاچي جي ڌيءُ (سوٽ)، ڀيڻ جي ڌيءُ (ڀاڻيجي)، ٤- ڀاءُ جي ڌيءُ (ڀائٽي) ٥ پڦيءَ جي ڌيءُ (ٻقات)، ٦- ماسيءَ جي ڌيءُ (ماسات) ۽ ٧- ماميءَ جي ڌيءُ (ماروت). ماتسجي ڀيڻ جو درجو به سڳي ڀيڻ وارو آهي. ڌرم جي ڀيڻ سان به شادي ڪونه ٿي سگهندي آهي. ڌرم جي ڀيڻ سان ناجائز شاريرڪ سنبنڌ رکڻ بي قائدگي آهي. اپراڌ آهي پاپ آهي. گرو پتنيءَ کي به ڀيڻ جو درجو مليل آهي.

انهن سڀني بندشن کي هندو مئرج ائڪٽ سنه ١٩٥٥

وواهه سنسڪار شڌ ۽ صحي نموني ۾ ڪجي ته آڪاش ۾ بينل ست رشين يا ستن تارن جي درشن ڪرڻ نائين هلڻ گهرجي. ٿوڙي ۾ ڪم ٿپائڻ وارا ته اڌ ڪلاڪ ۾ ڪم پوري ڪري ڇڏين.

وواهه ڪندڙ ڪنيا کي سندس پتا جي گوتر معنيٰ ڪل برادري آڪهه مان ڪڍي پرتار جي گوتر ڪل آڪهه ۽ برادريءَ ۾ داخل ڪرڻ ئي وواهه آهي. ان مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته پنهنجي ڪل برادري ۽ آڪهه ۾ نه ڇوڪري ڏجي ۽ نه وٺجي پر مٿي مائٽي ٻئي گوتر ۽ برادري ۾ ڪرڻ کپي.

ويجهين مٽين مائٽين تي بندش

پشچمي سڀيتا ۽ اسلامي سڀيتا جي اثر هيٺ اسين سنڌي هندو به سڳن مٽن مائٽن ۾ مائٽيون ۽ شاديون ڪريون ٿا، اهو غلط آهي ان قسم جي وواهه مان پئدا ٿيل سنتان جي ٻڌي تيز نه ٿي ٿئي. ان قسم جي سنتان کي ورڻ سنڪر ڪري ڪوٺبو ان بابت شريمد ڀڳود گيتا ۾ تمام چڱي ريت سمجهايو ويو آهي. ڪن مور ڪه جوانن کي ايئن چوندي به مون ٻڌو آهي ته جي ڪڏهن مسلمان پنهنجي ڪاڪي جي ڌيءُ، مامي جي ڌيءُ، ماسيءَ جي ڌيءُ سان شادي ڪري سگهي ٿو ته اسين هندو ڇو ڪين ڪريون؟ عيسائي پڻ شادي ڪرڻ کان اڳ رشتن جي جهنجهٽ ۾ نه ٿو ٻوي ته پوءِ هندن مٿان اها بندش ڇو؟ موجوده وگيان رت جي

ٿئي. سرڪار آرڪشڻ کي جيئرو رکي ان جو دائرو وڌائي
جانيواد کي همٿائي رهي آهي.

وواهه سنسڪار جي شروعات

وواهه ڪرڻ کان اڳ برات ڪڍي وڃي ٿي اهو ڪو
ضروري نه آهي. ان هوندي به گهڻو ڪري وواهه کان اڳ
گهوٽ پنهنجي مٽن مائٽن يا دوستن جو ٽولو وٺي بئنڊ باجن
سوڌو ڳائيندو وڄائيندو ڪنوار جي گهر جي دروازي تي
پهچندو آهي جتي تورڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي.
ٻيون به رسمون جيڪي الڳ الڳ جاتين، اُپ جاتين ۾
پنهنجي سماجڪ ويوسٿائن مطابق ٿينديون آهن، سي ٿينديون
آهن. سنڌي ۾ اسين ان کي ساٿ سڳڻ ڪري چوندا آهيون.

سنڌيءَ ۾ برات اکر لاءِ نج سنڌي اکر ڄڃ آهي، اهو
اکر نڪتو آهي سنسڪرت مول جي اکر جن (जन) مان. جن
اکر جو مطلب آهي گهڻا ماڻهو. ڪنوار جي دروازي تي
ڪنوار پنا گهوٽن جو سواگت ۽ سنمان ڪندو آهي. سنڌيءَ
۾ ان رسم کي چون سيٽن جي گڏ جاٽي. ڏسي سبڻ نرن
نچ.

مون مٿي لکيو آهي ته هندن ۾ ڪجهه وواهن تي بندش
آهي. هندو جون ست پيڙهيون ليکيون وينديون آهن. جن
مان ڪنهن سان به هو وواهه نه ٿو ڪري سگهي، پر ڏکه آهي

۾ بہ مهيا ملي آهي. ان قانون جي ذارا ۵ مطابق اهي شاديون بي فائدي ڪري ليکيون ويندِيون ۽ عدالت کي ان قسم جي شاديءَ کي رد ڪرڻ لاءِ ذارا ۱۱ ۾ اختياري مليل آهي.

دک جي ڳالهہ اها آهي تہ اڄ جا نوجوان چمڙيءَ جي سونهن مٿان صفا چريا ٿيو پون ۽ پوءِ مائٽن سان ضد ڪن تہ مونکي ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرايو. غنيمت اها آهي جو اهو روڳ پونجي پتنين تائين محدود آهي غريبن کي تہ پنهنجي روٽي روزي ڪمائڻ جي بہ فرصت نہ آهي.

اجمير جي هڪڙي وڪيل پنهنجي ڳرو پٽري سان پهريائين ناجائز شاريرڪ سنبنڌ رکيو پوءِ هن کي پيچائي وجي هن سان شادي ڪيائين پر اها شادي ڪامياب نہ ويئي.

احمد آباد ۾ هڪ ڪروڙپتي حلوائيءَ پنهنجي پٽ جي ضد پرڻ تي پنهنجي ساليءَ جي پٽ جي ڌيءَ سان شادي ڪرائي ليڪن اها شادي بہ ڪامياب نہ ويئي. زال مڙس وچم طلاق ٿيو.

اڄ ڪالهہ انتر جاتيہ وواهہ الڳ الڳ ڌرمن جي ماڻهن ۾ پيا ٿين. سرڪار بہ انتر جاتيہ وواهہ لاءِ ڪجهہ ڏن راشي بہ ڏيندي آهي جي ڪڏهن ڪنهن اوچ ورڻ وارو ڪنهن دلت ڪنيا سان وواهہ ڪندو آهي تنهن کي وڏيڪ رقم سهاينا طور ملندي آهي. سرڪار چوي ٿي تہ اسين (Inter Mixing of Blood)

انتر بلڊ مڪسنگ يعني ٻن الڳ الڳ جاتين جي خون کي ملائي جاتيواد ختم ڪنداسين. ليڪن ايڪڙ ٻيڪڙ وواهن سان نہ خون جي ملاوت ٿئي ۽ نہ وري جاتيواد ختم

کي چوي ٿو ويجهي مٽي مائٽي ۾ استريون دوشت ٿين ٿيون استرين جي دوشت ٿيڻ تي ورڻ سنڪر سنتان پئدا ٿئي ٿي. ورڻ سنڪر ڪل گهاتي آهي هو ڪل کي نرڪ ۾ ڌڪي ٿو هو ڪل ڌرم جو ناش ٿو ڪري. ورڻ سنڪر جي پئدائش ئي اڌرمي آهي. هو پاڻ مريادائن کي ماري پوءِ پئدا ٿيا آهن. ورڻ سنڪر کي شراڌ ڪرڻ پند دان ڪرڻ جل جي ترپڻ ڪرڻ جو ڪوئي حق نہ آهي. ان سبب پترن جي ذواليت ٿئي هو اونچي لوڪ مان نرڪ لوڪن ۾ يا تنائون پوڳين ٿا. هڪ الڳ سيمينار ان وشئہ تي ڪوٺايو وڃي تہ اهڙو ڪهڙو ڪارڻ آهي جو سنڌ ۾ هند ۾ ۽ سنسار ۾ سنڌي مسلمانن جي ڀيٽ ۾ سنڌي هندو ايترو وڌيڪ ڪامياب ڇو ويا آهن. حالت ايتري قدر خراب آهي جو ڌرم بدلائڻ کان پوءِ ڪالهوڪو هندو اڄوڪو مسلمان سنڌي هندو جي مقابلي ۾ بيهي نہ ٿو سگهي. هندن جيڪا ترقي ڪئي آهي اها سندن رڪت جي شڌي سبب-سنڌي هندن ۾ ملاوٽي خون نہ آهي. ڪنهن ويجهي مٽ مائٽ جو خون نہ آهي. سنڌي هندو ورڻ سنڪر نہ آهن، هو تيز فهم جا مالڪ آهن. ٻئي طرف مسلمان پنهنجي سڳي سوٽ سان شادي ڪري پاڻ بہ ڪمزور ٿو ٿئي ۽ پنهنجي اولاد کي بہ ورڻ سنڪر بڻائي ڪمزور ٿو ڪري.

■ ■ ■

ته اڄ جا ڪي جوان چمڙيءَ جي سونهن پنيان ويجهي مٽي مائٽي ۾ به شادي ڪن ٿا. اهڙين شادين کان پوءِ پٽي پٽني جي خون جي ملاوت ٿئي ٿي، جنهن مان سنتان جي اُنهني ٿئي ٿي ٻنهي جي خون ۾ ساڳيو خاصيتون ڪونه آهن. هندن ۾ رت جي شڌيءَ پنيان گهڻو ڌيان ڏنو ويو آهي. ملاوٽي يا گڏيل خون مان پئدا ٿيل سنتان کي ورڻ سنڪر چون ٿا. ورڻ سنڪر جو هڪ مثال ٿو ڏيان سمجهو ته هڪ برهمڻ جوان هڪ شودر ڪنيا سان وواهه ٿو ڪري يا هڪ ڪتري هڪ وئشيه جي ڌيءُ سان لائون ٿو لهي. انهن چئني جي خون ۾ الڳ الڳ خوبيون آهن. برهمڻ جي ٻڌي تيز ٿيندي آهي، ڪتري ۾ ويرتا ٿيندي آهي، وئشيه وڻج واپار ڪندو آهي، جڏهن ڪ شودر جو ڪم سيوا ڪرڻ آهي. انهن جي گڏيل خون مان جيڪا سنتان پئدا ٿيندي اها به ملاوٽي هوندي، ان ۾ به پتا ماتا جي خون مطابق ڪجھ نه ڪجھ گڻ هوندا. اهي ورڻ سنڪر ڪرشيءَ ۾ به ڪامياب نه ٿيا آهن. انگريزي ۾ ان ملاوت کي چون مڪسڊ بريڊ معنيٰ گڏيل ٻج.

ٻيو مثال مسلمانن يا ٻين انهن جاتين جو ونو جيڪي ماءُ ۽ پيءُ کي چڏي ٻين سيني سان شادي ڪن ٿا. ٻين کي چڏي سنڌين جو ئي مثال ونو. ممبئي ۾ آءُ هڪ جلسي ۾ وينو هئس ۽ ورڻ سنڪر جي وشئه تي ويچار هلي رهيو. مون چيو ته ويجهي مٽي مائٽي ڪرڻ سان ڪمزور ٻار پئدا ٿيندو. ان جي ٻڌي ڪمزور هوندي. شريمد ڀڳوت گيتا جي پهرئين اڌياءُ ۾ شلوڪ ۴۰ کان ۴۵ پڙهي ڏسو. ارجن شري ڀڳوان

ويهي ڪرائيندا آهيون. ڪاڏي وارن جي گندي ٽيبل تي گرهه گوچر ڪرائيندا آهيون، هون ٻگيه ٻه ان ٽيبل تي اڳني ٻه ان ٽيبل تي، گهوٽ ڪنوار ڦيرا ٻه ان ٽيبل کي ڏيندا. ڪن هنڌ اهو ٻه ڏٺو ويو آهي ته گهوٽ ڪنوار ۽ ٻيا سڄڻ پوڄا وقت ٻه بوٽ جوراب نه لاهين، مٿو ڍڪي نه ويهن.

جن ڪان اسين ڪرپا گهرون ٿا انهن اڳيان اسان کي نمرتا سان ۽ پوري سنمان سان پيش ٿيڻ کپي. اسين گرودواري يا مندر ۾ مٿو ٽيڪڻ ويندا آهيون تڏهن مٿو ڍڪي جني ٻاهر لاهي هٿ ڌوئي پوءِ ويندا آهيون. وواهه وقت اسين سيني ديوي ديوتائن جو پوڄن ڪريون ٿا ان وقت اسين مٿي ڏيکاريل اڻگني هلت هلي سندن اپمان ٿا ڪريون.

توهان ٻگيه ڪرايو هوندو يا ٻگيه ۾ ڀاڱ ورتو هوندو يا ٻگيه ٿيندي ڏٺو ٻه هوندو. ٻگيه لاءِ ويدي ٺهندي آهي، اها پٽ تي ٺهندي آهي. ان لاءِ سڀ کان پهرين ان زمين جنهن تي ويدي ناهڻي آهي کي جل سان ڌوئي صاف ڪريو پوءِ ڳانءِ جي ڇيڻي سان ان ٽڪر تي ليپ ڪري ڪچ سرون گهرائي ٺلهو ناهجي. ان ٺلهي مٿان واري وجهي شڌ ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو ڇنڊو هڻي وري ڳانءِ جي ڇيڻي سان مٿان ليپو پائجي. جن ديوي ديوتائن جو پوڄن ڪيو ويندو آهي انهن ديوي ديوتائن جي نشانين جون مورتيون ان مٿان، اوهان جو پنڊت جي ڪڏهن وڌوان هوندو ته ضرور ناهيندو. سڀ کان پهريائين گڻيش ان ڪان پوءِ سرشٽي جاتي جا آدي ديو، شيش ناگ سوريه چندر ۹

وبڏيءِ جي رسم

هندو جي جيون ۾ وواهه سنسڪار جي وڏي اهميت آهي. انڪري اهو سنسڪار پوري وڏي ۽ شڌي سان ٿيڻ گهرجي، پر ڏک اهو آهي تہ اسان جا سنڌي پائر ان سنسڪار جي شڌي ۽ وڏي ڀنهي طرف ڪوئي ڌيان نہ ٿا ڏين. ان سنسڪار رستي اسين سڀني ديوي ديوتائن کي آهوان ٿا ڪريون تہ اچو هن وواهہ ۾ اچي ساکي ٻڻجي ور وڌو کي آشيرواد ڏيو. اسين ان موقعي تي يگيہ ڪرايون ٿا، اگني پرجولت ڪريون ٿا پر گڏوگڏ اسين انهن ديوي ديوتائن جي حثيت نہ سمجهي سندن نرادر ٿا ڪريون. سڀ ڪان ڀهريائين اها ڳالهہ ياد رکڻ کپي تہ ويڏي هميشهہ پٽ تي ويهي پڙهائبي آهي پر اسين پاڻ کي نوان انگريز سمجهندا آهيون پٽ تي ويهڻ تي شايد اسان کي شرم محسوس ٿيندو آهي. ڊاڪٽر راجيندر پرساد جڏهن ڀارت جو راشٽرپتي هو تڏهن سندس پٽ جو وواهہ ٿيو هو. ويڏي تہ راشٽرپتي ڀون ۾ ٿي پڙهي ويئي ليڪن راشٽرپتي ۽ گهوٽ بہ ڪنيا دان گرهڻ ڪرڻ لاءِ پٽ تي ويٺا هئا. سندس پتني ۽ ٻيا پٽ ۽ ٻيا سڀ سڳا سنبنڌي پڻ پٽ تي بوٽ جوراب لاهي هٿ ڌوئي ويٺا هئا. هو جي هو چاهين ها تہ راشٽرپتي ڀون ۾ ڪين ڪرسيون ۽ صوفا بہ ملي سگهن ها ليڪن سنسڪار پٽ تي ويهي ٿيڻو هو انڪري سڀ پٽ تي ويٺا هئا. ٻئي طرف اسين سنڌي لاٽ صاحب ٻڻجي ويا آهيون انڪري وبڏيءِ جو سنسڪار صوفن ۽ ڪرسين تي

سنسڪار ڪرائڻ لاءِ وقت ڪونهي. اج ڪالهہ جا پنڊت بہ اڌ ڪلاڪ ۾ سنسڪار پورو ڪرائي پئسا وٺي سامان ڪٽي رمندو رهي. هينئر توهين پاڻ ويچار ڪريو تہ جن ديوي ديوتائن کي راضي ڪرائڻ لاءِ توهان پوڄا ڪرائي، جن گرهن جي شانتيءَ لاءِ توهان ويڏي پڙهائي اُهي اڌ سنسڪار ٿيڻ تي راضي ٿيڻ بجاءِ ناراض ٿيندا يا نہ؟

هڪ دفعي ڀوپال ۾ منهنجي ڀيڻ جي ڌيءُ جي شادي هئي ڀيڻ چيو تہ ڀاءُ اج هي ڪنياڊان تون ڪر. ڀيڻ جي آگيا مڃي آءُ رات جو ويڏي پڙهڻ واري هنڌ تي پهتس. ان وقت ٿي شاديون ساڳئي وقت ساڳئي هنڌ تي هيون. اتي پهچي مون ڏٺو تہ ويڏيءَ لاءِ ٽيبل لڳل هيا، صوفا ۽ ڪرسيون ويهڻ لاءِ رکيل هيون. مون پنڊت جي کي چيو تہ راجا جنڪ سيتا جو وواهہ ڪرڻ وقت رام کي پٽ تي ويهي ڪنيا ڊان ڪيو هو، وواهہ سنسڪار پٽ تي ويهي ڪيو هو: هينئر بہ آءُ ڪنيا دان تڏهن ڪرائيندس جڏهن وواهہ سنسڪار شڌيءَ سان ٿيندو. منهنجي زور ڀرڻ تي پنڊت صاحب ويڏي جو استان پٽ تي تيار ڪيو. اسان کي ڏسي ٻين ٻن شادين ۾ ڀڻ صوفن ۽ ڪرسيءَ جو موهہ ڇڏيو ويو.

بياور ۾ مون پنهنجي جونئر وڪيل جي ڀيڻ جي شادي ڪرائي اجمير ۾ هڪ سنگهہ ڪاريہ ڪرتا جو وواهہ ڪرايو انهن ۾ شڌي سان وواهہ سنسڪار ڪرايو. آءُ تہ ساڌو سنتن ۽ برهمڻ سماج کي بہ وينتي ڪندس تہ جتي بہ وواهہ سنسڪار شڌيءَ سان نہ ٿئي تہ ان ۾ ڀاڱ نہ وٺو. اهڙين شادين ۾ ساڌو

گرهہ چوھڻ جوڳٽيون وغيره جا چتر اتي سان ڪيندو. گھوٽ ڪنوار ۽ سندن ماتا پتا ڀيا سڀ مٿ مائٽ جيڪي وڌيڪ ۾ پاڳ وٺڻ لاءِ آيا هوندا انهن سيني ڪي پٽ تي بوٽ جوراب لاهي مٿو ڍڪي ويهڻ گهرجي ليڪن دک آهي تہ سنڌين ۾ هڪڙو نئون غلط طريقو ويڌي پڙهائڻ جو شروع ٿيو آهي، گھوٽ ۽ ڪنوار پٽ تي ويهڻ بجاءِ بوٽ ۽ چمپل پاتل صوفن تي ويهندا آهن سي بہ مٿي اُگھاڙا. منهنجي ويچار ۾ ان لاءِ ڏوهاري ويڌي پڙهائيندڙ برهمڻ ئي آهن. ڪن هنڌ تہ مون ويڌي پڙهائيندڙ برهمڻن ڪي بہ بوٽ پاتل ڏٺو.

اها بہ دک جي ڳالهہ آهي جو سنڌين ۾ ڪي بہ ڪرم ڪانڊي برهمڻ ودوان ٿورا وجي بچيل آهن. ڪيترن براهمڻن کي تہ پوجا جا شلوڪ جيڪي سنسڪرت ڀاشا ۾ ٿين سي بہ شڌ اُچارڻ سان پڙهڻ ڪونہ ايندا آهن. اهڙا پنڊت يجمان جو پلو ڪيئن ڪري سگهندا پر اتفاق سان ڪو صحي ودوان پنڊت سنسڪار ڪرائڻ لاءِ آيو ۽ شڌي سان سنسڪار ڪرائڻ شروع ڪيائين تہ ان ۾ وقت ضرور لڳندو گهٽ ۾ گهٽ تي چار ڪلاڪ تہ لڳڻ ئي کپن پر يجمان پريائين رڙ ڪري چوندو اري پنڊت ڪهڙي جهنجهٽ ۾ اچي پيو آهين ڪم ڦٽاڦٽ ڪر دير اصل نہ ڪر چو ٿو وقت خراب ڪرين.

دک آهي تہ اسين سنڌي پنهنجي وقت جو قدر پاڻ نہ ٿا ڪريون. سنڌين کي دارون پيئڻ لاءِ وقت آهي تي وي ڏسڻ، تاس جا پتا ڪٽڻ، ڪلبن ۾ وڃڻ هوٽلن ۾ پارٽيون ڪائڻ ۽ ڪارائڻ لاءِ تہ گھڻو ئي وقت آهي پر شڌيءَ سان

تي ويچار ڪرڻ گهرجي.

هينئر آءٌ وري اچان ٿو ويڌيءَ جي بناوت تي. اها ويڌي جي ٿلهي هم چورس ٢ X ٢ فوٽ هئڻ گهرجي، ان جو وچون حصو ڪجهه مٿيرو هجي. ان ٿلهي جو چترڻ گلال هئڊ اٿوءِ سندر سان ڪرڻ گهرجي. ان ٿلهي تي اوپر ڏکڻ جي وچ ۾ ماترڪا منڊل (ديوين جو استان) اتر اوپر جي وچ ۾ نوگرهه منڊل ڏکڻ ۾ برهما، اُتر ۾ پرٿيتا پروڪشٽي استاپت ڪجي. ويڌي منڊپ جي چئن ڪندن تي چار لڪڙيو لڳائي ست جي ڌاڳي سان چئني کي ملائجي، ست ڦيرا ڌاڳن جا ڏجن، سنڌين ۾ ان بجاءِ ويڌي وقت مني رکڻ جو رواج آهي.

ڪنيا جي ماتا پتا جو منهن اولهه يا اُتر طرف هجي، گهوٽ ڪنوار جو منهن اوير طرف هجي ان ريت آسڻ لڳائڻ گهرجن. گهوٽ جي ماتا پتا کي ڪنوار جي ماتا پتا سامهون وهارڻ کپي. ردر ڪلش جي استاپنا بہ ويڌي جي هنڌ تي ڪئي وڃي.

■ ■ ■

ور پوڄا

نورڻ ۽ سيني سان سڳنن ڪان پوءِ گهوٽ کي ويڌي جي هنڌ تي آڻي وهاري ڪنيا جو پتا هن جي پوڄا ڪندو آهي. هن جا پير ڌوئيندو آهي ان کي سنسڪرت ۾ (पादार्घ्य) پادارگهہ چون-ور کي ديوتا ڪري ان وقت مڃبو ويندو آهي. ور

سنت آشريواد ڏيڻ لاءِ نہ وچن.

هڪ ڳالهہ آءٌ هت خلاصي ڪريان تہ آءٌ برهمڻ وروڌي نہ آهيان، برهمڻ لاءِ مونکي بہ سنمان آهي، نمو برهمڻ ديوايہ. چئي جتي برهمڻ ديوتا ملي آءٌ ان کي نمسڪار ڪندو آهيان. مٿي مون جيڪي ڪجھ برهمڻ لاءِ لکيو آهي اهو سندن اپمان ڪرڻ جي درشٽي سان ڪونہ لکيو آهي بلڪ هڪ حقيقت هئڻ سبب لکيو آهي جنهن لاءِ ڪي برهمڻ جي ڪڏهن اپرسن ٿيا هجن تہ مونکي معاف ڪن.

منهنجي اها مڃتا آهي ۽ اهو پڪو وشواس آهي تہ جي ڪڏهن وواهہ سنسڪار شڌيءَ سان ڪرايو وڃي، گهوٽ ڪنوار کي چڱي طرح سمجهايو وڃي تہ پوءِ ڪيترن ئي جوڙن جو جيون سکي ٿيندو. شادين کان پوءِ جا گهوٽ ڪنوار جا جهيڳڙا گهٽجي ويندا. مٿائن پريوءَ ۽ سيني ديوي ديوتائن جي آشريواد ٿيندي. شادين کان پوءِ جا جهيڳڙا خاص ڪري سنڌين ۾ ڪيتري قدر وڌيل آهن ان جو انومان توهين لڳائڻ چاهيو تہ انهن ڪورٽن يا پريوار ڪورٽن جا چڪر لڳايو جتي ان قسم جا ڪيس هلن ٿا. هڪ ڏينهن پريوار نيايالیہ جي جج سان ويٺو هوس. تنهن مونکي ٻڌايو تہ سندس ڪورٽ ۾ سنڌين جا پاريوارڪ مقدما سٺ سيڪڙو هلن پيا. مونکي اهو ٻڌي ڏڪو لڳو. اجمير ضلع ۾ سنڌين جي آبادي ڏهہ سيڪڙو بہ نہ ٿيندي پر انهن ۾ جهيڳڙا سٺ سيڪڙو ۽ نوي سيڪڙي کان وڌيڪ ٻيون سماجون ۽ انهن جا جهيڳڙا ڇا ٻهہ سيڪڙو؟ سنڌي سماج سڌارڪن کي گنڀيرتا سان ان وشيہ

اسمن راشٽري شريه ماوي شاميتو ديوي آپهه پرتيشيام
دکشڻ پاد اونيجني اسمن راشٽر اندرين دڌامي
سويم پاداونيجني اسمن راشٽر اندريم ورڌيامي
ديوا راشٽرسيه گپتيا اپيسياوروڌيي!
آپهه پاداونيجني دوشتم نردهنتو مي!!

ان جو سنڌي ۾ مطلب هن ريت آهي:- اسان جي راشٽر اسان جي ديش جو واڌارو ٿئي. اسان جي راشٽر جي ڌن سمپدا جو واڌارو ٿئي. اسان جي ديش ۾ سکه جو واڌارو ٿئي. اسان جي راشٽر جا وير ۽ ٻلوان ٿين اهي وير ديش جي رکيا ڪن. اهڙن راشٽر پرشن جي پير ڌوئڻ سان هو پوتر ٿين ۽ راشٽر جي وڪاس ۽ واڌاري جو ڪم ڪن زور شور سان ڪن ٿا. پوتر پاڻي پاپ ناس ڪندڙ آهي اسان سريشٽ پرشن جا پير ڌوتا آهن هو دشمنن کي ضرور ناس ڪندا. مان توکي سريشٽ پرش سمجهي تنهن جا پير ڌوئان ٿو.

ور جا پير ڌوئڻ پٺيان اها پاونا آهي. پير ڌوئي پوءِ ڪنيا جو پتا ور کي ويهڻ لاءِ آسڻ ڏئي ٿو ۽ هڪ آسڻ گهوٽ جي پيرن هيٺان به رکي ٿو.

ان پير جي ڌوئڻ جي رسم جو جواب گهوٽ هن ريت ڏئي ٿو:-

वर्षोऽस्मि समानानां उद्यतां इव सूर्य:

इदम् तमधितिष्ठामि योमा कश्चित अभिदासति

کي ان وقت وشنو ڀڳوان جو روپ ڪري سمجهيو وڃي ٿو. ۽ واهه ڪندڙ ڪنيا وڌوءَ کي به لڪشمي جو روپ سمجهي هن جي به پوڄا ڪئي وڃي ٿي.ور جي پوڄا (पाद्य, अर्घ्य, आचमन व मधुपर्क) ان وقت پاديه سان پير ڌوئڻ، ارگهه ڏيڻ، آچمن ڪرڻ ۽ مڌوپرڪ سان ٿئي ٿي. ڀريائين گهوٽ جا پير ڌوئبا آهن، هڪ ٿالهه ۾ گهوٽ جا پير رکي ڌوتا ويندا آهن. برهمڻ کي کپي ته برهمڻ ور جو ڀريائين ساڄو پير ۽ پوءِ کاٻو پير ڌوئارائي ڪتري ۽ وئشيه ور جو ڀريائين کاٻو پير ۽ پوءِ ساڄو پير ڌئارائڻ کپي. ڪنيا جو پتا پاڻيءَ سان ور جا پير دوئيندو آهي، پير ڌوئڻ وقت گهوٽ کي اهو شلوڪ دارائڻ کپي:-

विराजो दोहासि-विराजो दोहमशीय
मयि पादायै-विराजो दोह

وراجو دوهاسي-وراجو دوهمشييه
ميي پادائيه-وراجو دوهه

سنڌيءَ ۾ مطلب:- ورڻ ديوتا ۽ ورات پرش پرماتما آڪاش کي ڏهي ڪري هي پوتر پاڻي روپ کير پئدا ڪيو آهي. پاڻي منش کي پوتر ڪندڙ آهي پاڻي جيوت جو آڌار آهي مان پاڻي کي پوتر ڪرڻ لاءِ پير ڌوئاريان ٿو.

अस्मिन राष्ट्रे श्रिय मावेशाम्यतो देवी आप: प्रतिश्याम
दक्षिणं पाद अवनेजने अस्मिन राष्ट्र इंद्रियं दधामि
सव्यं पादावनेजने अस्मिन राष्ट्र इंद्रियं वर्धयामि
देवा राष्ट्रस्य गुप्तया अभयंस्या वरूध्यै।
आप: पादावनेजने द्विषंतं निर्दहन्तु मे॥

۾ سڳنڌ جو پاڻي پيئڻ لاءِ ڏيندو ور اهو جل پي چوندو.

आमागन् यशसा ससृज वर्चसा
तस्मात कुरू प्रियं प्रजानाम्
अधिपति पशूनां रिष्टि तनूनाम्

آمگن يشسا سسرج ورچسا
تسمات ڪروُ پريم پرجانام
اڌيپتي پشونام رشٽم تنونام

ورڻ ديوتا سيني ديوتائن جو راجا آهي هن آپ پاڻي پئدا ڪيو آهي مان هيءَ پاڻي پيئان ٿو هاڻي مان جس ۽ ناموس وارو ٿيندس. تيج وارو پراڪرمي ٿيندس. هي ورڻ ديو مونکي پرجا ۽ لوڪن ۾ پيارو ڪر. پشوڏن جو مالڪ ڪر مان تندرست رهندس ان ڪان پوءِ ور کي (मधुपर्क) مڌوپرڪ ڏيندو آهي. هڪ پيالي ۾ کير، ڏهي ۽ ماکي وجهي. مڌوپرڪ تيار ڪيو ويندو آهي، مڌوپرڪ جو اهو پيالو ور کي ڏيندو. ور پيالي جي ماکي ۾ نهاري هن شلوڪ جو اُچارڻ ڪندو آهي:-

मित्रस्य चक्षुषा प्रतीक्षे
मित्रस्य चक्षुषा सर्वाणिभूतानि समीक्षंताम्

مترسيہ چڪشوشا پرتيڪشي
مترسيہ چڪشوشا سرواڻي ڀوتاني سميڪشٽام

مان سيني کي پنهنجو متر سمجهان ٿو سيني کي مترنا جي درشٽي سان ڏسان ٿو، شل سڀ منش هڪ ٻئي کي مترنا جي درشٽيءَ سان ڏسن.

ورشواسمي سمانانا اُديتام او سوريہ
ادم تمذي تشتامي يوما كشچت اپيداستي

مان پاڻ جيڏن ۾ هنن کان مٿيرو آهيان، مان هنن کان سريشٽ آهيان، مان اُپرندو سورج آهيان، منهنجو وروڌ کندڙ ڪٽي منهنجي جاتيءَ جا هجن يا ڌاريا هجن مان سيني وروڌين ۽ مقابلو ڪندڙن کي شڪست ڏيندس. هو هن آسڻ وانگر منهنجي پيرن هيٺان دبيل ئي رهندا.

وئدڪ آريہ وير اهڙا بهادريءَ جا ويچار رکندا هئا. هو گدڙ نہ پر شينهن هئا.

ان کان پوءِ ور کي ارگهيہ (अर्घ्य) ڏنو ويندو آهي. هڪ چمچي جهڙي باسڻ ۾ سڳنڌي وارو جل ۽ گل وجهي ارگهيہ جي روپ ۾ ڪنوار جو پتا گهوٽ کي ڏيندو آهي. ارگهيہ وٺي گهوٽ چوي ٿو:-

आपस्थ युष्माभि सर्वान कामान अवाप्रवानि
अरिघ्यस्मांक वीरामा परा सोचियत पय:

آپستہ يشماڀي سروان ڪامان اوا پروان
ارگهيہ اسماڪم ويراما پراسوچيت پيهہ

(आप) آپ پاڻيءَ جو ديوتا ورڻ آهي، ورڻ ديوتا اسان جي من جون ڪامنائون پوريون ڪري. پوتر جل ارگهيہ وٺڻ سان مان ۽ اسان جا وير سدائين سوستہ، بلوان ٿي سوپارا ٿينداسين پوءِ ڪنيا جو پتا ور کي آچمن ڏئي ٿو هڪ چمچي

مٿر بسنت رتو آئي آهي، مٺي مٺي هير لڳي رهي
آهي. سنڌو ۽ ٻيون نديون ماڪيءَ جهڙو پاڻي وهائي رهيون
آهن، مٿر چانڊوڪي رات ٿي آهي. ڌرتيءَ مان ٻه مٺي
سڳنڌ اچي رهي آهي. سورج ٻه مٺا قل ڏيڻ لاءِ ان کي اُسرڻ
۾ مدد ڪري ٿو. ونسپتيون (دوائون) ٻه مٿر ميناج واريون
ٿيون آهن. اسان جون ڳانيون ٻه ماڪيءَ جهڙو مٺو کير ٿيون
ڏين چوڌاري مٿو ماڪيءَ جي جڻ برسات ٿي رهي آهي
جنهن ڪري سارو سنسار مٺو پيو لڳي.

اهي منتر پڙهي گهوٽ (ور) ماڪيءَ کي ورتائي ٿو
پنهنجي ڪنوار (وڌو) کي ٻه ماکي چٽائي ٿو ان ريت وواهه
جي منڊپ ۾ ور جو پوڄن پورو ڪجي. وڏي دک جي ڳالهه
آهي ته سنڌين جي وواهه سنسڪار ۾ ور پوڄا يا ته نه ٿيندي
آهي يا وري لبي ٿبي جو ڪم ڪندا آهن ور پوڄا رسم جي
مهتو جي ڪين ڄاڻ ئي ڪونه آهي. هندو وواهه سنسڪار ۾
ور جي پوڄا انڪري ڪئي ويندي آهي جيئن ته هو ڀڳوان
وشنو جو روپ آهي ۽ هو دان گرهڻ ڪرڻ لاءِ پاتر بڻجي
سگهي.

■ ■ ■

ڪنيا دان

هندو وواهه سنسڪار ۾ ڪنيا دان هڪ مکيه انگ آهي.
ڪنيا دان دوران ور کي وڌو يا گهوٽ کي ڪنوار ملي ٿي

ماکي ورتائڻ وقت ور هيٺيون منتر پڙهندو:-

यन्मुधुनो मधव्यं परमं रूपम अन्नाद्य
तेनाहं मघुनो मधव्येन परमेण रूपेण
अन्नाद्येन परमो मधव्यो अन्नादो असानि

ين مڌونو مڌويم پرمم روپم اناديہ
تيناهم مڌونو مڌوين پرميڻ روپيڻ
اناديين پرمو مڌيو انادو اساني

هي اگني ديوتا تنهنجو روپ تيج وارو آهي پاڻي منو آهي ۽ ماکي بہ مٺي آهي ماکي شڪتي وڌائيندڙ خوراڪ آهي. ماکي منش جي سياءُ کي ميناج وارو ڪري ٿي. مان پاڻ ۾ پريم ۽ مترتا وڌائڻ لاءِ هيءَ ماکي واپريان ٿو. ماکي مونکي سندر روپ واري بہ ڪندي.

ماکي واپرائڻ لاءِ ٻيو اتي سندر منتر هن ريت آهي:-

मधुवाता ऋतायते मधुक्षरंति सिंघव:
माघ्वीर्नं सन्तु औषधि। मधुनक्त मुतोषतो
मधुवंत पार्क्षिवरज:। मधु द्यौ रस्तु न: पिता।
मधु मानो वनस्पति मधुमास्तु सूर्य:
माघ्वीर्गावो भवन्तु न: ॥

مڌوواتا رتايتي مڌوڪشرنتي سنڌو
ماڌويرن سنتو اوشڌي مڌونڪت متوشتو
مڌوونت پارڪشو رجهہ مڌو ديہءُ رستو نہ پتا
مڌومانو ونسپتي مڌو ماستو سوريهہ
ماڌوير گاوو ڀونتو نہ

مکيہ انگ ڪري مڃيو ويو آهي.

وواهہ منڊپ ۾ ويڏيءَ جي اڳيان اگني ديوتا جي ساکي ۾ ڪنيا دان جو سنسڪار شروع ٿئي ٿو.

برهمڻ لاءِ ضروري آهي تہ وواهہ منڊپ ۾ ويٺل سيني ماڻهن اڳيان سڀ کان پهريائين ور ۽ وڌو جي پريچئہ ڪرائي ان واقفيت ۾ گهوٽ جو نالو سندس ماتا پتا سندس ڏاڏو ڏاڏي ۽ ناني نانيءَ سوڌي واقفيت ڏي. اهڙي طرح وڌو پکش جي واقفيت ڪرائي ٻنهي ڌرين جا گوتر الڳہ الڳہ ٻڌائي. گوتر ڪي سنڌي ۾ نک چوندا آهن. اهو ان ڪري بہ ضروري آهي جيئن حاضرين مت مائٽن ۽ مترن کي وواهہ بابت پوري ڄاڻ ملي ۽ وقت ضرورت تي هو شاهدي بہ ڏيئي سگهن. ڇاڪاڻ تہ اڄ ڪالهہ شادين کان پوءِ جا جهڳڙا وڌيل آهن. ڪي پکش عدالت ۾ وواهہ کان ئي انڪاري ٿيو وڃن. جيتوڻيڪ اڄ ڪالهہ شادي وواهہ جي موقعي تي فوٽو گرافي بہ گهڻي ٿئي ٿي ويڊيو فلم بہ نڪري ٿي پرڪوڙ تہ کهڙو صرفو شادي کان انڪار ڪرڻ وارا ڪوڙ پنيان ڪوڙ بہ ڳالهائيندا آهن. انڪري شادي کان اڳ ٻنهي ڌيرن جي واقفيت ڏيڻ نهائت ضروري آهي. پر سنڌين جي وواهن ۾ مون ڏٺو آهي تہ برهمڻ ديوتا ويڏي کان اڳ واقفيت ڏيڻ جو ڪشٽ ڪونہ وٺن البت اهو ضرور ڏٺو اٿم تہ ڪن برادرين ۾ ويڏي کان اڳ ٻنهي پکشن جا وواهہ لاءِ آيل مهمان چانهہ پاڻي جهڙي موقعي تي سيٽن جي گڏ جاڻي جو ڪاريہ ڪرم رکندا آهن جتي هڪ ٻئي جي سڃاڻپ ڪندا آهن.

استري کان سواءِ پرش اڌورو آهي. پرش کان سواءِ اڪيلي ناري پڻ اڻ پوري آهي. پرش ۽ ناري جي ميل مان ئي پورڻ پرش ٿئي ٿو، ٻئي هڪ ٻئي جا پورڪ انگ آهن، انڪري ناري کي پرش جو اڌ شرير ارڌانگني ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. اڻ پرڻيل نر کي هوم يگيہ ڪرڻ لاءِ ايوگيہ (اڻ لائق) ڪري ٺهرايو ويو آهي انڪري شاستر چوي ٿو:-

यावन्न विंद्यते भार्या तावदर्घो भवते पुमान्

ياون ونديتي ڀاريا تاودرڌو ڀويت پمان

وواھہ ڪري جنھن استري گھر ۾ نہ آندي آهي اهو نر اڌ رنگہ وارو اڻ پورو آهي. وواھہ ڪرڻ سان پرش ۽ ناري پورڻ ٿين ٿا. ٻئي ملي هڪ ٿي گرهستيءَ جو گاڏو هلائين ٿا. منش جاتي جي اُتپتيءَ ۾ اضافو آڻڻ لاءِ وواھہ ضروري آهي، اهو هڪ فرض سمجھڻ گهرجي. جتي نر يا ناريون وواھہ نہ ٿا ڪن انسان ذات پنهنجي فرض کي ڀلجيو وڃن. ڪنوارن کي اهو سوچڻ کپي تہ جي ڪڏهن سندس ماتا پتا وواھہ نہ ڪن ها تہ هو ڪيئن جنم وٺي ها. جي هو جنم وٺي هن سنسار ۾ آيل آهي تہ هن جو فرض آهي تہ هو وواھہ ڪري سنتان جي اُتپتي ڪري ڪنيا جو دان ڪرڻ سان يا ڪنيا دان سويڪار ڪرڻ سان نر ۽ ناري تڏهن ئي پورڻ ليکيا ويندا جڏهن شاسترن جي وڌي وڌان دواران هنن جو وواھہ سنسڪار پورڻ ٿيندو، تڏهن ناري پنهنجي پتيءَ جي وامانگني ٿيندي. اهي پورڻ جوڙا ئي سماج جو واڌارو ڪن ٿا ۽ ڌرماتما ٿين ٿا انڪري ئي ڪنيا دان کي وواھہ جو

هي ور تون ڌرم جي هر ڪاريہ ۾ ڌن، ڌنڌي سنتان سمپتي پريوار ۽ دنيا جي هر وهنوار ۾ هن جي صلاح سان ئي سڀ ڪم ڪجان۽ ۽ ان کي اورانگهي هن جي صلاح کان سواءِ ڪوبہ ڪم گهر گهرهستيءَ جو نہ ڪجان۽. جيڪي بہ سنسار جا ڪم ڪرڻ سي سڀ هن سان گڏ ڪجان۽.

ڪنيا جي پتا جا اهي وچن ٻڌي ور چوندو (नाति चरामि) ناتي چرامي مون کي اوهان جي هر ڳالهہ منظور آهي ۽ ڪنيا (وڌو) جي صلاح سان ئي سڀ ڪجهہ ڪندس. ور وڌيڪ چوي ٿو تہ :-

धर्म प्रजा सिध्यर्थ कन्या प्रतिग्रहणामि

ڌرم پرجا سڌيرٿم ڪنيا پرتي گرهيامي

ڌرم جي مارگ تي هلڻ لاءِ پرجا (سنتان) جي اُتپتي ڪرڻ لاءِ مون اوهان جو ڪيل ڪنيا دان سويڪار ڪيو آهي. ان ريت ڪنيا دان ڪرڻ جي رسم پوري ٿئي ٿي.

■ ■ ■

ويڌي ڪيئن ٿا هجي

وواهہ سنسڪار هڪ مهان ڌارمڪ سنسڪار آهي. سماجڪ ريت رسم آهي انڪري اچو تہ اسين پهريائين ڌرم کي سمجهون تہ ڌرم ڇا آهي؟ ڌرم جو ارٿ ڪهڙو آهي. ڌارڻا لڪشڻو ڌرم (धारणा लक्षणो धर्म) سنسڪرت تي هلڻ اوچن آدرش تي هلڻ. چڱن لڇڻن جي ڌارڻا ڌارڻ ڪرڻ جو نالو ڌرم آهي.

كنيا دان ڪرڻ لاءِ كنيا جو ساڄو هٿ ور جي ساڄي هٿ مٿان رکيو ويندو آهي. كنيا جي ماتا پتا کي كنيا دان جو سنڪلپ جو جل کين ساڄي هٿن ۾ ڏجي كنيا جو پتا چوي ”هي ور تون ساڪيات وشڻو ڀڳوان جو روپ آهين ۽ اسان جي كنيا بہ ساڪيات لڪشميءَ جو روپ آهي تنهنجي گرهست آشرم هلائڻ منش جاتي جي اُتپتي لاءِ ڌرم جي مارگہ تي هلڻ لاءِ هيءَ كنيا اسين سندس ماتا پتا توکي دان ڪري ارپڻ ٿا ڪريون“ ايترو چئي كنيا جا ماتا پتا پنهنجي هٿن ۾ جهليل سنڪلپ وارو جل ور ۽ وڌوءَ جي هٿن ۾ ڏين. ان کان پوءِ كنيا جئ هٿ کي پنهنجي هٿ سوڌو پنهنجي پيشانيءَ تي لڳائي ور چوي ”سوستي“ يعنيٰ مون اهو كنيا دان سويڪار ڪيو ان کان پوءِ كنيا جو پتا ور ڏانهن مخاطب ٿيندي کيس چوندو تہ هي ور اگني ديوتا کي ساکي ڪري پنهنجي كنيا جو دان توکي ڪري آءٌ توکي پنهنجي كنيا ارپڻ ڪئي آهي ۽ تو اهو دان سويڪار ڪيو آهي هاڻي ياد رکجائين :-

धर्मे अर्थे च कामे च त्वयैयं नाति चरितव्या।
यत्वया धर्म चरितव्य स अन्या सह॥

ڌرمي ارٿي چڪامي چہ تويئيم ناتي چريتويا
يتويا ڌرم چرتويہ سہ انيا سهہ

هي ور ديوتا تون كنيا دان سويڪار ڪري هن نياڻيءَ جو پتي ٿي رهيو آهين. هيءَ كنيا هينئر تنهنجي پتني ٿيندي توهين ٻئي هينئر ڌرم بنڌن ۾ ٻڌجي رهيا آهيو.

سان پنڊت الڳ الڳ رنگ سان چٽر ڪندو. ويڏي جي
ئني ڪنڊن تي چار لڪڙيون لڳائي ان کي سٽ جي روليءَ
سان ٻڌجي. سنڌين ۾ ان ڪم لاءِ لڪڙيءَ جي مني
ڳائيندا آهن پنڊت هڪ گهڙو رکي اُن مٿان ڪلش جي
ستاپنا ڪندو. ناريل رکندو. پوڄا جي سامگري ويڏي
ڙهڻ کان اڳ پنڊت کان پڇي پوري گهرائي رکڻ کپي.
ورڻ مهل وت نه سنڀارڻ گهرجن بلڪ سڀ سامان
گربتيون، ماچيس سوڌو، تيار هجي. دان ڪرڻ لاءِ يڳيه
ي يجمان ڪنيا جا ماتا ٽين ٿا. انهن کي اهڙيءَ طرح
يهاريو جيئن انهن جو منهن اولهه طرف ٿئي. گهوٽ
ڪنوار جو منهن اوڀر طرف هجي باقي هڪ طرف گهوٽ
جا ماتا پتا ويهن ۽ ٻئي پاسي جيڪي به مٽ مائٽ يا مٽر
بهڻ چاهين پر اهي ويهن پٽ تي لڳايل آسڻ تي بوٽ
حمپل لاهي ويهن. ٽيبل تي ويڏي ڪڍهن به نه ٺهندي
هي ۽ نه وري صوفا سيٽ يا ڪرسين تي ويهي ويڏي
ڙهائبي آهي.

ويڏي منڊپ ۾ ڪنوار ۽ گهوٽ جي اچڻ کان پوءِ
ڊت گهوٽ ۽ ڪنوار جي ڪپڙن کي ڳنڍ ٻڌڻ وقت هي
منتر پڙهندو:-

सिद्धि दाता सुतोयस्या स्वयं सौभाग्य दायनी
वर कन्या पट ग्रन्थि बंधने सुखदा भवेता

سڌي داتا ستويسيا سويم سوڀاڳيا دايني
ور ڪنيا پٽ گرنٿي ٻنڌني سکدا ڀوينا

यतो अभ्युदय निःश्रेयस प्राप्तिस धर्म

يتو اشوديہ نهہ شريیس پراپتي سہ ڌرم

جن ڪرمن ڪرڻ سان هن لوڪ جا سکہ ملن ٿا، ناماچار وڌي ٿو پرلوڪ ۾ بہ سک شانتي ملي ٿي، مکتي ملي ٿي اهڙي آچرڻ يا هلت جو نالو ئي ڌرم آهي. وواهہ ڪرڻ سان گهرهست جيون جو سک آنند ملي ٿو. سنتان جي اُتپتي ٿئي، ناماچار ۽ رشتيداري وڌي ٿي. پرلوڪ ۾ بہ سک ملڻ جي آشاهن جيون ۾ ئي پئدا ٿئي ٿي. انکري اهو ڪاريہ پورڻ شڌي سان ٿيڻ گهرجي. اهو ڪم لبي ٿبي ۾ تڙ تکڙ ۾ نہ ٿيڻ گهرجي. برهمڻ ديوتا جيڪو شڌي سان وواهہ سنسڪار ڪرائي رهيو آهي ان تي توڪبازي نہ ڪجي جلدي جلدي ميل اسپيڊ ۾ سنسڪار پوري ڪرڻ جي گهر نہ ڪرڻ گهرجي. وواهہ سنسڪار لاءِ جتي ويڌي ناهجي ان هنڌ کي پهريائين شڌ ۽ پوتر ڪرڻ گهرجي. پاڻي سان ڌوئي مٿانس ڳانءِ جي ڇيڻي جو ليپو، پاڻي هم چو رس ٢X٢ فوت هڪ ٿلهو ناهڻ لاءِ پهريائين سرون رکو. ٢-٢ تهہ سرن جا هجن ان سرن جي ٿلهي مٿان پاڻي وجهي مٿانس وري ڳانءِ جي ڇيڻي سان ليپو پايو. ٿوري دير ان کي سکڻ ڏيو. ان ٿلهي مٿان ڪٽڪ جي اٿي جي تهہ تي ودوان پنڊت سيني ديوي ديوتائن جا چنر ڪڍندو. ويڌي جي اوپر ڏکڻ جي وچ ۾ ديوين (ماتر منڊل) جا چنر، اوپر اُتر جي وچ ۾ نوگرهہ منڊل، ڏکڻ ۾ برهما-گڻپتي-مهيش-وشنو-سوريہ-چندرما-سواستڪ-پرٿوي-شيش ناگ ٦٤ جوڳڻين جا پرتيڪ

دواران سرشتي پئدا ڪيئن ڪرائي اهو آهي شروع ۾ ئي چئي
چڪو آهيان. انڪري هر وواهه سنسڪار ۾ برهما جي وڏي
اهميت آهي ان سبب ئي ڪيس وواهه جي ڪارج ۾ پرڌان
ديوتا ۽ پرجاپتي جو درجو مليل آهي. ان سبب وواهه ۾ هوم
جي شروعات ڪرڻ وقت سڀ کان پهرين آهوتي پرجاپتيءَ
کي آهوتي प्रजापतयेस्वाहा پرجاپتيبه سواها چئي ڏبي آهي.
هندو وواهه ۾ ڪل پنج هوم ٿين ٿا (١) (प्रायश्चित होम)
پرائشچت هوم- هن هوم ۾ يجمان سڀني ديوتائن کان هن
وقت تائين ڪيل پلن چڪن ۽ غلطين لاءِ معافي گهري ٿو.
(٢) (जया होम) جيا هوم- گرهست آشرم ۾ شڪلتا ۽ جئه جي
پراپتيءَ لاءِ هي هوم ڪيو وڃي ٿو.
(٣) (राष्ट्रभृत होम) راشٽربرت هوم- هي هوم ڪرڻ سان
راشٽر جو پلو ٿئي ٿو.
(٤) (अभ्यात होम) ابيات هوم- هي چوٿون هوم آهي هن
کي دڪپال هوم به چئبو آهي. ديش رکيا ڪندڙ ديوتائن لاءِ
هي هوم آهي.
(٥) (लाजा होम) لاجا هوم- هي پنجون هوم آهي. هي
هوم ور ۽ وڌو جي پريت کي وڌائيندڙ آهي.
انهن سڀني هومن جي صرف هڪ هڪ منتر ۽ ان جو
ارث هني ڏجي ٿو ان مان پاٺڪن کي ڄاڻ ملندي. اهي
هوم ڇو ضروري آهن.
پهرئين (प्रायश्चित) پرايشچت هوم- پلن چڪن جي
معاف ڪرائڻ واري هوم جو هي منتر مول سنسڪرت ۾

شل هيءَ ڳنڊ سڪدائي ثابت ٿئي. هٿيالي ٻڌڻ کان
پوءِ پنڊت گهوٽ ڪنوار کي پنهنجي پنهنجي آسڻن تي
ويهاريندو. گهوٽ پيءُ، گهوٽ ماءُ، ڪنوار پيءُ، ڪنوار
ماءُ به پنهنجي استان تي ويهي ويندا. ٻن ٿالن ۾ هون پوڄا
جي سامگري وجهي سندس اڳيان رکي وجي. پنڊت پوڄا
شروعات ڪرائيندو. نروگهن سمست ڪاريه ٿئي ان جي لاءِ
يگيه جي رکيا جي لاءِ منترن جو اُچارڻ ڪندو پرٿويءَ جي
پوڄا ڪندو. وروڻ ديو، گڻيش پوڄا ١٦ ديوين جي پوڄا
برهما، وشنو، مهيش نوگرهه ٦٤ يوگنين چندر، سوريه، اگ
ني، سروي گرهشانتي ڪرايو. شيش ناگ ردر سواستڪ
سيني جي پوڄا ٿيندي انهن کي يگيه جو ڀاڱ ملندو.

ان ريت سيني ديوي ديوتائن جي پوڄا ارچنا ان پوءِ
يگيه ڪرائڻ لاءِ پنڊت اگني پرجولت ڪندو.

■■■

هوم يگيه

هندو وواهه لاءِ يگيه هوم هون قبرا ۽ سپت پدي
ضروري آهن. هندو سپيتا يگيه کي پرڌانتا ڏيندڙ آهي هندو
آرين جي سيني شڀ ڪارين ۾ اگني پرجولت ڪري هوم
ڪرڻ ضروري آهي. جدا-جدا ديوتائن کي پرسن ڪرڻ لاءِ
اگنيءَ ۾ وڌل آهوتيون انهن ديوتائن تائين اگني
پهچائيندي آهي. هندو وواهه جو پرڌان ديوتا برهما آهي
برهما(प्रजापति) پرجاپتي ڪري مڃيو ويو آهي. برهما منو

ديوتائن جي دئتن سان جنگ لڳي جنهن ۾ ديوتائن
جي جيت ٿئي ان لاءِ اندر پرجاپتي برهما وٽ آيو. پرجاپتي
اندر کي جنگ ۾ جئه پراپت ڪرڻ لاءِ کي منتر ٻڌايا انهن
منترن کي جيان (जयान) معنيٰ جئه ڏيندڙ ڪري ڪوٺيو
ويو پوءِ اندر انهن منترن سان هوم ڪيو. اندر جو روپ اُگر
ٿي پيو. اندر اُگر روپ ڌارڻ ڪري دئتين جي سينا تي
حملو ڪيو. اسر (دئيت) هارائي ويا. ديوتائن جي سوپ تي
۽ واڌارو ٿيو. اسين هوم ڪندڙ اندر جي وش (विश) پر جا
آهيون اندر جي ڪرپا سان هن هوم ڪرڻ ڪري اسان جي
بہ جئه ٿيندي. اهو آهي جيا هوم هن هوم، ڪرڻ کان پوءِ
وواهه ڪيل وڏو جو نالو بہ (जया) جيا معنيٰ جيت ڏيندڙ
رکيو وڃي ٿو. وواهه ڪيل ناريءَ جيا مان جايا ٿيو پوي ٿو.
شايد سنڌي اکر جوءِ بہ ان جايا مان ئي نڪتل ٿو نظر اچي.
(राष्ट्रभृत होम) راشٽرڀرت هوم جو منتر هن ريت آهي:-

ऋताषाढ़ ऋतधामा अग्नि गंधर्व:
स न: इदम ब्रह्म क्षत्रं पातु तस्मै स्वाहा:
رتاشاڙ رتڌاما اگني گنڌروهه
سہ نهہ ادم برهم کترم پاتو تسمئي سواها

هن منتر ۾ (ऋत) رت شبد ڪم آندل آهي. ويدڪ
ساهتيہ ۾ (सत्य एवं ऋत) ستيہ ۽ رت اکر گهڻيئي ڀيرا ڪم
آيل آهن. رت ۽ ستيہ جي ارٿ ۾ (समानता) سمانتا آهي. پر
شبد ڌار ڌار نموني ڪم آيل آهن. ستيہ جو ارٿ تہ سچ آهي
۽ سڌائين ڏسڻ ۾ بہ ايندو آهي. ويد ٿا چون تہ هيءَ سرشٽي

ٻجي ٿو:-

त्वन्नो अग्ने वरूणस्य विद्वान
देवस्य हेडो अवयासि सीष्ठा
यजिष्ठो वन्हितम शोशुचानो
विश्वा द्वेषासि प्रमु मुग्ध्य अस्मत स्वाहा

تونو اگني وروڻسيہ ودوان
ديوسيہ هيڊو اوياسي سيشٺا
يجشٺو ونهتم شوشچانو
وشوا دويشاسي پرمو مگڌيہ اسمت سواها

انجو ارٿ هن ريت آهي وروڻ ديوتا سڀني ديوتائن جو راجا آهي. هو ودوان آهي گيانوان بہ آهي هو پرجا جو راجا آهي. اسان کي پلون چڪون پاپ ڪيا هوندا انهيءَ ڪري راجا وروڻ ديو اسان تي ڪاوڙيو بہ هوندو. اسين پنهنجي ڪيل پاپن ۽ پلن لاءِ پڇتايون ٿا. هي اگني ديوتا اسين هوم ڪري پويتر ٿيا آهيون. هاڻ وروڻ ديوتا جي ڪاوڙ کان تون اسان کي بچاءِ. وروڻ ۽ تون اگني شل اسان تي پرسن ٿيو.

(जया होम) جيا هوم جو منتر هن ريت آهي:-

प्रजापतिर्जयान इन्द्राय वृष्णे प्रायच्छत
इन्द्र उग्र पृतना जयेषु। तस्मै विश समनमन्त
सर्वा उग्र स इह व्यो वभूव स्वाहा।

پرجاپتير جيان اندرايہ ورشڻو پرايڇت
اندر اُگر پرتنا جييشو تسمئہ وش سمنمنت
سروا اُگر سہ اِهہ ويو وڀوو سواها

آسيس گهرندا هئا اپيات هوم جو هڪ منتر هن ريت آهي:-

अग्निर्भूतानां अधि पति स मां अवतु
अस्मिन ब्रह्ममणि अस्मिन क्षत्रे
अस्यां आशिषस्यां पुरोधायां
अस्मिन कर्मणि आस्यां देवहूत्यां स्वाहा:

اگنير ڀوتانام اڌي پتي سہ مام اوتوءِ
اسمن براهمڻ اسمن کتري
اسيام آشيش سيام پروڌايام
اسمن ڪرمڻي آسيام ديو هوتيام سواها

اگني ديوتا سنسار جي سڀني ساهوارن يا بنا ساهوارن پراڻين ۽ ڀوتن (भूतों) جو مالڪ آهي. اهو اگني ديوتا منهنجي ۽ منهنجي پتنيءَ جي رکيا ڪري اسان جي ديش جي رکيا ڪري. اسان جي ديش جي آڌار برهمڻن ۽ ڪترين جي رکيا ڪري ۽ ٻين جي بہ رکيا ڪري.

هن مون سان پرڻيل منهنجي هن پتني ۽ منهنجي رکيا ڪر. هيءَ مون سان پرڻيل منهنجي پتني آسيس وٺڻ جي لائق آهي. هيءَ سڀني نارين ۾ پروڌا (पुरोधा) يا اڳري آهي. هيءَ هڪ سريشٽ ناري آهي. هيءَ منو جي ڪنيا ديوهوتي جهڙي آهي. هيءَ ئي ديوهوتي (देवहुति) آهي. ديوتائن کي هوم يگيہ رستي آهوتيون ڏيئي پوڄا ڪندڙ آهي. هن وواهہ جي ڪارج ۾ اگني ۽ ٻيا دڪپال ديوتائون اسان کي آسيس ڪن. وواهہ ۾ مٿي ڏيکاريل اپيات هوم ور ۽ وڌو ٻئي ڪن ٿا.

لاجا هوم (लाजा होम) - اسين جنهن کي هٿ ڏيڻ چئون ٿا

رت پئدا ڪئي آهي. سرشٽي جي پالنا ستيہ تو ڪري. ستيہ
جي آڌار تي ئي سرشٽي يا سنسار پيو هلي. اگني ديوتا، سوريہ
ديوتا رت جو ڌام (گهر) آهن. توهين ۽ اسين سڀ
(ऋताषाढ़) رتاشاڍ آهيون. رت جا پئدا ڪيل آهيون. ستيہ
تي هلندڙ آهيون. هي سنسار سپنو نہ آهي سنسار جا سک ۽
ڪوڙ ۽ سپنو نہ آهن. سنسار ۽ سرشٽي رت (ऋत) آهي ۽
ستيہ جي پئدا ڪيل آهي. اسين سنسار جا سک ماڻيندا سين.
ويدڪ لوڪ مايا وارا ڪين هئا. ڪرم يوگي هئا سنسار کي
سپنو ڪري ڪونہ مڃيندا هئا. وڌيڪ منتر ڄاڻائي ٿو تہ
اگني ۽ گنڌرو (गंधर्व) يا سوريہ رت جا راکا آهن برهمڻ
کتري ۽ وئشيہ راشٽر جو آڌار آهن. شل سوريہ اگني برهمڻ
کتري ۽ وئشين جي رکيا ڪن، اسان جي رکيا ڪن اسان
جي راشٽر جي رکيا ڪن. اهو هو ورٽن راشٽرپرت هوم جو.
(अभ्यात होम) اڀيات هوم ڇا آهي؟- اسان جي ديش
جون جيڪي سيمائون آهن انهن سيمائن جي رکيا دڪپال
يا دشائن جا رکيڪ ۽ ديوتائون ڪن ٿا. ڀارت جي پورو (اوپر)
سيما جي رکيا ڪندڙ پاڻ اندر ديوتا آهي. پشچم سيما رکيڪ
ورڻ ديوتا آهي. ڏکڻ جي ڏس يا دشا جو رکيڪ يم ديوتا
آهي. اُتري سيما ڏس يا دشا جو رکيا ڪبير ديوتا آهي.
اهڙي ريت اگني ديوتا اُپرندي ۽ ڏکڻ جي ڪنڊ واري دشا
جو رکيڪ آهي. اگني مکيہ دڪپال آهي. اڀيات هوم انهن
دڪپالن کان آسيس وٺڻ جو هوم آهي ويدڪ آريہ اڀيات
هوم ذريعي انهن ديوتائن کي آهوتيون ڏيئي انهن کان

مونکي (प्रेतो मुंचतु) پلي (प्रइतो मुंवातु) مونکي پيکن کان ذار
کيو پر (मापते) ماپتي مونکي پتيءَ کان کڏهن بہ ذار نہ
کجو. مان سدائين پتيءَ سان گڏ رهندس.

अर्यमणं नु देव कन्यामग्नि मयक्षत
स इमां देव अर्यमा प्रेतो मुंचातु नामुत
اريہ مڻمن ديو کنيا مگني ميہ کشت
سہ امام ديوو اريما پريتو منچاتو نامت

هاڻ وري ور يا گهوٽ آدي پتر اريما کي چوي ٿو تہ
اسان توهان جي ۽ اگني جي پوڄا ڪئي آهي. هي اريما
ديوتا تون هن وڌو کي سندس پيکن جي بندن کان پلي
آزاد کر (प्रइतो मुचांतु) هيءَ پيکن کان ذار ٿي آهي (नामुत)
پر اسان کان کڏهن بہ ذار نہ ٿئي. اسان وٽ سدائين لاءِ
گڏ رهي.

وروڻ ديوتا اسان جو راجا آهي هن کان بہ گهوٽ
کنوار جي گڏ رهڻ لاءِ آسيس گهري ٿي وڃي.

वरूणं नु देवं कन्या अग्नि मयक्षत
स इमां देवो वरूण प्रेतो मुंचातु नामत
وروڻہ ما ديوم کنيا اگني ميہ کشت
سہ امام ديوو وروڻہ پريتو منچاتو نامت

هي وروڻ ديوتا توهان کنيا کي پيکن کان ذار کري
هن کي پکي گهر جي بندن کان ڇڏائي ساهري گهر ۾
آندو آهي. هاڻي کيس آسيس کريو هيءَ ساهري گهر ۾
بهضکي پنيءَ وٽ سدائين لاءِ استر ٿي اهي.

اهو اصل ۾ لاجا هوم آهي. لاجا هوم ۾ ڪنوار جو ڀاءُ مامو چاچو ۽ پتا وجڻي يا (सुपा) ڇڄ مان چانورن جا ڦلا (جن کي لاجا چئجي ٿو) اُهي ور ۽ وڌوءُ جي هٿن ۾ ڏين ٿا. پوءِ ور ۽ وڌو هٿن ۾ ورتل ڦلا لاجا اگني ۾ منترن سان هوم ڪن ٿا. اهو آهي لاجا هوم ويدڪ وواهه ۾ اگني کي ۴ ڦيرا ڏنا ويندا آهن. انهن مان ٽن ڦيرن ۾ ڪنوار اڳيان ٿيندي آهي يعنيٰ گهوٽ ڪنوار جي پٺيان هوندو آهي، چوٿين ڦيري ۾ ور اڳيان ۽ وڌو پٺيان ٿيندي آهي. هر هڪ ڦيري ڏيندي هو لاجا هوم ڪن ٿا لاجا هوم جا پورا منتر وڌي معنيٰ پربل ارٿ وارا آهي.

अर्यमणं नु देव कन्या अग्निमयक्षत
स नो अयमादेव प्रेतो मुंचते मापते

اريمڻم نہ ديوم ڪنيا اگني ميہ ڪشت
سہ نو ايماديو پريِتو منچتي ماپتي

ارپيا ديوتا اسان جي(पितरन) پترن جو راجا آهي اسان جو آدي پتر آهي ارپيا ڪنوارين ڪنيائن ۽ ڪمارن جو پلو ڪندڙ آهي. وواهه ڪندڙ جي سکن کي وڌائيندڙ آهي. هن منتر ۾ وڌو اگني ۽ ارپيا کي پرارٿنا ٿي ڪري تہ توهين اسان جا آدي پتا(आदि पिता) آهيو. اسين توهان جي سنتان آهيون. وڌا سدائين سنتان (اولاد) تي ديا ڪندا آهن. هي ارپيا ديوتا توهان جي آگيا مطابق مون وواهه ڪيو آهي. توهين مونکي پيڪي گهر کان ڌار ڪري پتيءُ جي گهر ۾ داخل ڪري رهيا آهيو مان پيڪن جي پڇر ڇڏ يان ٿي

کي ڪونجي ٿو ۽ هرديہ (हृदय) يا دلين جي ميلاپ کي بہ ڪونجي ٿو. ور ۽ وڌو ڇا تا چون تہ هي اگني ديو اسان جي هن ٿيل ورواهہ کي هردين جي ميلاپ کي اگني ديوتا وڌائي ان ربت اوچن آدرشن وارو ۽ سچي گرهست آشرم ۾ داخل ڪندڙ لاجاهوم سماپت ٿئي ٿو.

■ ■ ■

پاڻي گرهڻ-هٿيالو ٻڌڻ

لاجاهوم ڪان پوءِ پاڻي گرهڻ جو منتر اچي ٿو. (पाणी) هـ ٿ کي چوندا آهن. (ग्रहण) وٺڻ کي ئي گرهڻ ڪري چون ٿا. ور ۽ وڌو جي هڪ ٻئي جي هٿن کي هڪ ٻئي سان ملائڻ کي سنسڪرت ۾ پاڻي گرهڻ ۽ سنڌيءَ ۾ هٿيالو ٻڌڻ چون ٿا.

ويدڪ وڌي موجب پاڻي گرهڻ يا هٿيالو لاجا هوم ڪان پوءِ ئي ٿيندو آهي. پر عام ريت ورواهہ ڪرائيندڙ ساڌارڻ وديا وارا پروهت هئڻ سبب شاسترن جي پوري ڄاڻ نہ هئڻ ڪري گهوٽ ڪنوار جو هٿيالو اڳوات ئي ٻڌائين ٿا. هٿن جي ٻڌل هئڻ ڪري ورواهہ جي پوڄا پاٺ گهوٽ ڪنوار جا پتا ماتا ڪن ٿا. اگنيءَ ۾ پنج هوم بہ گهوٽ پيءُ ۽ ڪنوار پيءُ کان ڪرايا وڃن ٿا. حقيقت ۾ ورواهہ جي سموري وڌي ۽ هوم وربا گهوٽ کي ئي ڪرڻو آهي. اهو سمورو ڪرم (वरकर्तृक) گهوٽ جي ڪرڻ جو ئي آهي پر اگياني پروهت سموري وڌي ڪنيا جي ۽ گهوٽ جي پتا کان ئي ڪرائيندا

پوءِ وڏو اگني ۾ لاجا هوم جي پڇاڙيءَ جي آهوتي ڏيندي چوي ٿي:-

इय नार्युपब्रूते लाजा नावपान्तका
आयुष्मान् अस्तु में पति एघंताम ज्ञातयो मम:

ايہ ناريو پبرتي لاجا ناورناوپنتيڪا
آيوشمان اسو مي پتي ايگهتام گياتيو مم

وڏو چوي ٿي تہ- اگني ديوتا مون لاجائن جون آهوتيون ڏيئي توهان کي پريو آهي. هاڻي توهين اسان جا پندار پريو منهنجو پتي(आयुष्मान) آيوشمان ٿئي وڏي عمر واري ٿئي اسان جي جاتي وارا اسان جي برادري وارا بہ وڌن.

هينئر ور ۽ وڏو ٻئي گڏجي اگني ديوتا کي عرض ٿا ڪن:-

इमा लाजान् अवपामि अग्नौ समृद्धि करणं तव
मम तुम्यंच संवननं तदग्ने रनु मन्यताम्

اما لاجات اوپامي اگني سمرڌي ڪرڻم تو
مم تمينچ سنونن تدگني رنو منيتام

هي اگني ديوتا اسان لاجائين جو هوم ڪري توهان جي پوڄا ارچنا ۽ واڌارو ڪيو آهي. توکي لاجا ۽ گيهہ جون آهوتيون ڏنيون آهن. اسان کي پڪ آهي تہ هاڻي توهين اسان تي ضروري ئي پرسن ٿيا هوندا اسان جو (संवननम) سم وننم يعني ووِاهہ ٿيو آهي توهين اسان هن سم وننم کي مڃتا ڏيو اسان کي ووِاهہ لاءِ قبوليت ڏيو.

سم وننم شبد جا ڪيترائي ارٿ آهن. سم وننم ووِاهہ

ور هن منتر ۾ پنهنجا سندر وچار پڌرا ڪري ٿو:-

अमोहमस्मि सात्व मस्य अमोहम्
सामाहं ऋक् त्वं द्यौर हं पृथ्वी त्वम

اموهہ مسمي ساتو مسيہ اموهم
ساماهم رڪ توم-ديور هم پرٿوي توم

(अमो) امو آءُ آهيان. امو پرماتما کي ڪوٺيو آهي.
مان امر آهيان تون منهنجي پرڪرتي مايا آهين. قدرت آهين
مان سام ويد آهيان تون جڳت جي ماتا پرٿوي يا ڌرتي.

وري هڪ ٻئي منتر ۾ ور پنهنجي هرديہ جا سمورا
وبچار پڌرا ٿو ڪري. اوچ آدرشن جو اظهار ٿو ڪري:-

तावेव विवहावहै सह रेतो दधावहै
प्रजा प्रजनयावहै। पुत्रान विदावहै बहून

تاويو ووهاوهئہ سهہ ريتو دڌاوهئہ
پرجا پرجنياوهئہ پتران وداوهيءَ بهون

ते सन्तु जरदष्टय: संप्रियौ रोचिष्णु सुमनस्य मानौ
पश्येम शरद: शतम जीवेद शरद: शतम ॥

تي سنتو جردشٽيم-سم پريوءُ روچشٽو سُمنسيہ مانو
پشييم شردهہ شتم جيود شردهہ شتم

اسان جو وواهہ ٿيو آهي اسان جي سماڳم سان اسان
کي سنتان (پرجا) پئدا ٿيندي. اسين گهڻيئي پٽ پئدا
ڪنداسين. اسان جا پٽ ۽ ڌيئر وڏي عمر وارا ٿيندا ۽ اُها
اسان جي سنتان (संप्रियौ) سم پريئہ يعني سڀ کي سٺي
لڳندي. سهڻي ۽ سندر ٿيندي تيج واري چمڪندڙ ٿيندي.

آهن اها پل آهي. پاڻي گرهڻ جو منتر هن ريت آهي:-

गृमणामि ते सौभागत्वाय हस्त म्
मया पत्या जरदष्ट्रि यथा स
भगो अर्यमा सविता पुंरधि
मह्यंत्वा अदु गार्हपत्याय देवा:

گرمڻامي تي سوڀاگيه توايه هستم
ميا پتيا جر درشٽي يٿاس
ڀگو اريما سويتا پرنڌي
مهاتوا ۾ ادو مارهه پتيايه ديوا

گهوٽ پنهنجي ڪنوار کي چوي ٿو ته هي منهنجي پتني ڏيان ڏيئي ٻڌ، مان تنهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺان ٿو. اسين هڪ ٻئي جو هٿ وٺون ٿا پاڻي گرهڻ ڪريون ٿا. هٿيالو ٻڌون ٿا هٿ هٿ ۾ ملايون ٿا. اسان جا هن وقت ساڄا هٿ پاڻ ۾ مليا آهن. مون تنهنجو پاڻي گرهڻ تنهنجي (सौभाग्य) سهاڳ جي وڌائڻ لاءِ پنهنجي سوڀاڳيه لاءِ يا وڏي ڀاڳ ڪرڻ لاءِ ورتو آهي. تون منهنجي پتني آهين، منهنجي يعنيٰ پتيءَ جي گهر ٻڍاپي تائين بلڪ مرڻ گهڙيءَ تائين واسو ڪجانءِ. آدي پتر اريما جي معرفت تون مون کي ڏني ويئي آهين. سورج ديوتا سڀن کي وڌائيندڙ (भग) ڀڳ ديوتا تو (सुरंधी) سرنڌي (سريشٽ نگرواسي ناري کي) مون کي ڏنو آهي ڇا جي لاءِ؟ منهنجي گرهست ڌرم نڀائڻ ۾ سهائتا ڪرڻ لاءِ مونکي تون ديوتائن جي دواران ملي آهين.

پاڻي گرهڻ يا هٿيالي جي وڏي پوري ٿيڻ کان پوءِ

اسان جي اها ياترا اوس پوري ٿيندي اسين سکن جي اوچ شکر تي پهچي آنند ماڻيندا اسين. جيئن هي پٿر پهاڙين جيان هڪ هنڌ استر تي بيٺو آهي تيئن تون بہ منهنجي پاريا منهنجي گهر ۾ پهاڙ يا پٿر جيان استر ٿي رهجانءِ، پختن پيرن تي بيهجانءِ سنسار جي سنگهرش ۾ يعنيٰ جيون جي جهدوجد ۾ حالتن کي مڙس ٿي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي پتيءَ جو ساٿ نہ ڇڏجانءِ ان سنسارڪ سنگهرش ۾ سڦلتا پراپت ڪرڻ لاءِ ور هي منتر پڙهي ٿو:-

अभितिष्ठ पृनन्यतो अव वाधस्व पृतनायत:

اڀيتشٺ پرننيتو او ٻاڌسو پرتنايتھ

اسان جو چٽاپيٽي ڪندڙن سان ۽ شترن جي سينا سان مقابلو ٿي رهيو آهي. اسان جي سامهون شترن جي سينا بيٺي آهي. اسين دشمن جي فوج جي حملي کي روڪيندا اسين بوءِ شترن جي سينا تي آڪرمڻ يا حملو ڪري انهن کي ناس ڪنداسين. تون جيون جي ان يڌ ۾ مون سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهجانءِ- ويدڪ وواهہ ڪندڙ ويرن جي ويرتا وارا اهڙا ويچار وواهہ جي وڌيءِ ۾ لکيل آهن.

■ ■ ■

ور ۽ وڌو جي ميلاپ لاءِ سندر منتر

هاڻي ور ۽ وڌو هڪ ٻئي سامهون اگنيءَ جي اڳيان بيٺا آهن. هڪ ٻئي سان درشٽي ملائين ٿا. اڪين جي ميلاپ ۽ من جي ميلاپ اهو ئي منتر اُچارين ٿا:-

اسان جي سنتان وري (सुमनस्य मानौ) ڏاڍي سندر ڪومل من واري ۽ سندر ويچارن واري ٿيندي. اسين ٻئي سو سال جيئرا رهنداسين. سو سالن تائين سنسار جا سندر درشيه ڏسنداسين.

اسان جي ويدڪ آرين کي ڪام شاستر ۽ (सुप्रजनन शास्त्र) يعني سندر سنتان جي اُتپتي ڪرڻ جي چڱي ڄاڻ هئي. مان نه ٿو پايان ته دنيا جي ٻئي ڪنهن به وواهه وڌي ۾ اهڙا اوچ آدرش وارا سندر ويچار هوندا.

اشما روهڻ وڌي(अश्मारोहण विधि) - اڄ ڪالهه جا پروهت هن وڌيءَ کي ڄڻ پلجي وياآهن شايد ئي ڪنهن وواهه ۾ هيءَ وڌي ڪئي ويندي هوندي.

سنسار هڪ اونچي پهاڙ مثل آهي. گرهست جي گاڏي هلائڻ به پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهڻ کان گهٽ ڪونه آهي هٿيالي ۽ هوم کان پوءِ (अश्मारोहण)اشما روهڻ وڌي ٿئي ٿي. هڪ پٿر يا هڪ سرتي گهوٽ ڪنوار جو پير رکائي ٿو. ور وڌوءَ کي سنسار روپي پهاڙ تي چاڙهڻ جي يعني يانرا ڪرائڻ جي وڌي بجا آڻي ٿو.

هي منتري پڙهي ٿو.

आरोहे मम श्मांन अश्मेव त्वं स्थरा भव

آروهي مم شمانم اشميو توم استرا ڀو

تو کان پٿر تي پير رکايو اٿم. اسان جي گرهستي سنسار روپي پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهڻ جي ياترا شروع ٿي آهي. اسين سنسار روپي پهاڙ جي چوٽيءَ تي ضرور پهچنداسين.

سپت رشي درشن

پراچين ڪال ۾ مها گياني ڏياني ست رشي ٿيا آهن جن جو درجو هنيئر اڪاش ۾ چمڪندڙ تارن جو آهي. ويدڪ وواهه ڪندڙن کي انهن سپت رشين جو درشن ڪرائبو آهي. شڪر جو به درشن ڪرائبو آهي. پرماتما جي پياري ڀڳت ڌروء جو درشن ڪرائبو آهي. اهي سڀ هن وقت آڪاش ۾ تارا آهن آڪاش ۾ ڏسڻ ۾ ايندڙ ستن رشين جي ستن تارن ۽ ورهسپتي ۽ شڪر تارن جو به درشن ڪرائبو آهي. ان خيال کان اهي درشن ڪرائڻ گهرجن جيئن ور وڌوء کي اها پريرڻا ملي ته اسين گرهست ۾ رهندي به انهن رشين جيان پرم گياني ۽ ڌياني بڻجي جڳ ۾ ناموس حاصل ڪريون. انهن رشين جي آسيس اسان مٿان ٿئي. ڌرو تارو سدائين هڪ هنڌ بيٺو هوندي آهي. (ध्रुव) ڌرو تاري جو درشن ڪرائي وڌوء کي اها سکيا ڏجي ته جهڙي ريت آڪاش ۾ هڪ هنڌ ڌرو اسٿر بيٺو آهي اهڙي ريت تون به پتيء جي گهر ۾ اسٿر رهج ڪڏهن به پتيء کان الڳ ٿيڻ جو ويچار من ۾ نه آڻج.

اهڙيء طرح جيڪڏهن ويڏي ڏينهن جو پڙهائي وجي ته سپت رشين بجاء ور وڌوء کي سورج جو درشن ڪرائي مناسب سکيا ڏني وڃي.

समंजंतु विश्वे देवा समापो हृदयानि नौ।
संमातरिश्वा संधाता-समुदेष्ट्री दधातु नौ॥

سمنجنتو وشوي ديوا سماپو هردياني نئہ
سنماترشوا سمڌاتا سموديشٽري دڌاتو نئہ

اسان جا نيڻ نيڻن سان مليا آهن اسان جا هرديہ (دلبون) هرديہ سان مليا آهن. اسان جي درشٽيءَ جو ميلاپ سدائين قائم رهي سدائين استر ٿي رهي. وايو ديوتا، سورج ديوتا ۽ پرجاپتي ڌاتا (धाता) يا ورڌاتا ۽ وديا جي ديوي سرسوتي اسان جي هن ميلاپ کي سدائين قائم رکن.

ان کان پوءِ پنهنجي پتنيءَ جي ساڄي ڪلهي تي هٿ رکي هڪ ٻئي سان ميل ميلاپ ۾ رهڻ لاءِ هي منتر پڙهي ٿو:-

मम ब्रते ते हृदयं दधामि। मम चितमनु चितं ते अस्तु।
मम वाचमेक मना जुषस्व। प्रजापतिष्टवा नियुनक्तु महयम्॥

مم برتي تي هرديم دڌامي مم چٽ منو چٽم تي استو
مم واچميڪ منا جسشو پرجاپتي شٽوا نيہ نڪتو مهيم

هي وڏو منهنجي جيون جو جيڪو (व्रत) ورت آهي ان ئي ورت يا جيون جي اُديشن ۽ آدرشن ۾ مان تنهنجو من ۽ ويچار (मन) لڳايان ٿو شل تنهنجي ۽ منهنجي چٽ جا ويچار هڪ ٿين. تون منهنجي چوڻ کي هڪ چٽ ٿي ٻڌ- اسان جا هرديہ ۽ وِيچار هڪ ٿي ويندا شل پرجاپتي اسان جي هن ميلاپ کي سدا قائم دائم رکي.

■ ■ ■

جي ويڏي وقت پهريائين پوڄا ٿئي ٿي.

■ ■ ■

ڦيرا

سپت پدي کان اڳ اگني پرجولت ڪرڻ ۽ هوم ڪرڻ کان پوءِ ور وڌو کي اگني جي پرڪرما ڪندي ڦيرا ڏيارايا ويندا آهن. ڪٿي پر مپراستن ڦيرن جي آهي بر گهڻو ڪري ور وڌو ٻئي گڏ جي چار ڦيرا اگني جي چوگرد ڏين ٿن ڦيرن ۾ ڪنيا اڳيان هوندي آهي ۽ چوٿئين ڦيري ۾ ور اڳيان هوندو آهي.

هر گرهستي جي جيون ۾ چار مکيہ لکش ٿين ٿا. ڌرم، ارٿ، ڪام ۽ موکش. انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسين پتي پتنيءَ گڏجي ڪم ڪنداسين اگني جي پرڪرما ڪندي ور وڌو اهو سنڪلپ ڪن ٿا. ڦيرن وقت عورتون لوڪ گيت ڳائينديون آهن.

ور وڌو پاتا ڦيرا

يوگ پوگ سنجوگ ٽن ڦيرن ۾ ڪنيا جي اڳيان رکڻ جو هڪ ٻيو بہ مطلب آهي تہ گهر پربوار ۽ گرهست جي ڪمن ۾ ڪنيا سدائين اڳيان رهندي. پر موکش لاءِ ڪاريہ ڪندي پرش سدائين اڳيان رهيو آهي. استري هن جي پٺيان هلندي. هر هڪ ڦيري ڏيندي ڪنيا کي اهو پڻ احساس ٿيندو آهي تہ مان هينئر پيءُ جي گهر مان نڪري

وواهہ کان اڳ ڪنيا جا رکيک ڪير

منش روپ ۾ پتي ملڻ کان اڳ ڪنيا جي پالنا ڪير ٿو ڪري. شاستر چوي ٿو ٻالپڻي ۾ ڪنيا جي پالنا ڪندڙ پتي چندرما آهي. ان کان پوءِ (गंधर्व) گندرو يا سورج ڪنيا جي پالنا ڪندڙ ٻيو پتي آهي. اگني ديوتا ڪنيا جي پالنا ڪندڙ ٽيون پتي آهي. وواهہ وقت پنڊت ان منتر جو اچارڻ ڪندو تہ هن وقت تائين ڪنيا جي پالنا ديوتا پتين دواران ٿئي ٿي پر هينئر وواهہ کان پوءِ منش پتي سندس پالنا ڪندو.

सोम: प्रथमं विविदे गंधर्वो विवद उत्तर: ।
तृतीयो अग्निर्व पति: तुरीयस्ते मनुष्यजा ।।

سومهہ پرٿمر وودي گندروو وود اترهہ
ترتيو اگنيروء پتي تريستي منشيجا

هن شلوڪ ۾ پتي اکر جو مطلب صرف پالنا ڪندڙ سان آهي (पति इति पति:) جيڪو پالي اُهو آهي پتي. ديوتائون پروڪش روپ ۾ پالنا ڪن ٿا. چندرما يا سوم من جو مالڪ آهي ٻالڪپڻ ۾ ڪنيا جي من جو وڪاس ۽ واڌارو ٿئي ٿو. سورج ڪنيا جو ٻيو پتي آهي هو ڪنيا جي بدن جو وڪاس ڪري ٿو. اگني ڪنيا جي تن من کي شڌ ڪري هن جي ويچارن کي شڌ ڪري ٿي. ان ريت ديوتائون وواهہ ڪندڙ ڪنيا جي من ۽ بدن جو وڪاس ڪيو آهي. ڪنيا کي شڌ ڪيو آهي. انهن ديوتائن هاڻ منش پتيءَ کي گرهست ڌرم کي هلائڻ لاءِ ڪنيا جو هٿ ڏنو آهي. سوريہ چندرما ۽ اگني

هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏنو. هٿيالو بہ ٻڌجي چڪو پوءِ هينئر دير ڇاجي؟ اڄ اڇي منهنجي ڪبي پاسي ۾ ويهہ منهنجي پتني ٻڻجڻ جو شرف حاصل ڪر. ان تي ور ڪي وڏو چوي ٿي تہ آءُ تنهنجي پتني ٿيان ان ڪان اڳ توکي ڪجهہ وچن مونکي ڏيڻا پوندا ۽ انهن وچنن تي زندگي ڀر عمل پڻ ڪرڻو پوندو جي تيار هجو تہ ٺيڪ نہ تہ .... ويچارو ور ڪنيا دان گرهڻ ڪرڻ ڪان پوءِ معاملو اڌ ۾ ڇڏي ڪيئن ٿي سگهي ٿو. ڪنيا جا سڀ شرط مڃڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو. ان سنسڪار کي سپت پدي ڪري چون ٿا پر اهو ضروري نہ آهي تہ گهوٽ ۽ ڪنوار ويدي تان اُٿي ڪڙا ٿين ۽ هڪ هڪ قدم تي منتر اُچارڻ ڪن. ان جي جاءِ تي وواهہ ڪرائيندڙ پنڊتن وچ وارو رستو ڳولهي ڪڍيو آهي جنهن مطابق ڪنوار جي ساڄي پير اڳيان چانورن جون ست ڍڳيون ٺاهي رکندا آهن ۽ پوءِ ڪنوار جي ساڄي پير جو اڱوٺو هڪ هڪ ڍڳي مٿان رکائي منتر پڙهندا ويندا آهن. اهي منتر اسين هيٺ ڏيون ٿا. هندو وواهہ جي وڌڻا لاءِ سپت پدي. اگني، هون، هوم ۽ ڦيرا ضروري آهن ڪنهن جي بہ وواهہ ۾ جي ڪڏهن انهن سنسڪارن مان ڪوبہ هڪ ڪٽل هوندو تہ ان وواهہ کي بي فائدي مڃيو ويندو. اهو وواهہ رد ٿي سگهي ٿو. ان قسم جا فيصلا انيڪ هاءِ ڪورٽن ۽ سپريم ڪورٽ جا ڏنل آهن:-

پهريون پڳ-(एक मिषे विष्णु स्त्वानयतु) **ايڪ مشي وشڻو** سنوانيتو بني پنني۽ کي ٿو چوي تہ اسان وواهہ ڪيو آهي. وواهہ جي ڌرمي بنڌنن ۾ اسين ٻڌجي ويا آهيون (इषे)

رهي آهيان. اڻ ڄاتل پريوار سان رستوڪي رهي آهيان. نو
جيون ۾ ور وڌو پرويش ڪري رهيا آهن.

اگني کي ساکي ڪري پريڪرما اگني ديو جي ور-
وڌو ڏنا ڦيرا چار-
رهي تن ۾ اڳيان ڪنيا-
ور ڪرايو چوٿون پار-
ڪئي پرتگيا جنم جنمانتر جو هي ناتو
جيون ڀر سات نڀائڻ جي

هندو قانون مطابق هندو وواهه جي مڃتا لاءِ ڦيرا به
هڪ اهم انگ آهن. جنهن وواهه ۾ ڦيرا نه ٿا ڏنا وڃن اهو
وواهه اڌورو آهي. ڪنيا همت سان پتيءَ کي چوي ٿي ته نه
گهٻراءِ آءٌ تنهنجي گهر گرهستي چڱي طرح سنڀاليندس. ور ڪيس
خاطري ٿو ڏياريس ته آءٌ توکي موت ۾ موڪش ڏياريندس.

■ ■ ■

سپت پدي ست قدم

ديوي ديوتائن جي هون يگيه هوم ڪنيا دان ڪرڻ،
دان قبول ڪرڻ کان پوءِ به ڪنيا تيستائين ڪنواري مڃي
ٿي جيسين هوءِ پتيءَ جي وام ڀاڱ ۾ نه آئي آهي هن وقت
تائين ٿيل سيني سنسڪارن ۾ وڌو ور جي سڄي پاسي ۾
ويٺي رهي. گهوٽ چيس ته هيتري پوڄا پاٺ ٿي ويئي
تنهنجي پتا توکي دان ڪري مونکي يوگيه سمجهي تنهنجو

هي رنون آهن. انهن جي سکہ ماڻهن لاءِ اهو ڇهون پير رکايو آهي.

ستون پيگ - (सखे स सतपदा भव, ता मामनुब्रता भव विष्णु स्तवानयतु)

سکي سہ ستپدا ڀو، تا مامنوبرتا ڀو وشڻو استوان يتو- ور

جوئي ٿو تہ هي منهنجي ڌرم پتني هاڻي مان توکي (सखी)سکي جو درجو ڏيان ٿو تون منهنجي سکي ساٿڻ صلاحڪار آهين ۽ منهنجو متر آهين. تون منهنجي جيون جو ورت پاڳي پائيوار ٿي رهجانءِ. منهنجي ويچارن کي مان ڏجانءِ. وشنو تو کان ستون پير رکايو آهي. پتي جي انهن خاطرين کان پوءِ موت ۾ استري پتي کي جيڪي ڪجهه جوئي ٿي ان کي بہ اسين هيٺ لکون ٿا :-

त्वत्तो मेडखिल सौभाग्यं पुण्यैश्च विविधै स्ततै: ।
देवै: संपादितो मह्यं वधू राद्ये पदे डब्रवीत ॥

توتو مي اکل سوڀاگيم پڻيئشچہ ووڌءِ استتئہ
ديوءِ سمپادتو مهيم وڌو راديي پدي ابرويت

ڀهربون ڀير رکائڻ جي موت ۾ وڌو چوئي ٿي تہ منهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو توهان جهڙو چڱي ڪل ۾ پئدا ٿيل پتي مونکي مليو آهي. مون کي چڱا پيچ کيا آهن جنهن ڪري ديوتائن مونکي توهان جهڙو پتي ڏنو آهي.

कुटुम्बं पालयिष्यामि आवृद्ध बालकादिकम ।
यथा लाभेन संतुष्टा ब्रूते कन्या द्वितीयके ॥

ڪنٽنيم پاليشيامي آورڌ ٻالڪا دڪم
يٿا لاڀين سنتشٽا بروتي ڪنيا دوتييڪي

اشي يا اناج ۾ واڌاري لاءِ اسين گڏجي ڪم ڪنداسين.
وشنو ڀڳوان توکان اهو پهريون پڳ ان لاءِ کڻايو آهي اهو پهريون وچن آهي.

ٻيو پڳ -(द्वे ऊर्जे विष्णु स्तवानयतु)دويئه اورجي وشٽو اسنوانيتو ٻل طاقت ۽ ٻي اورجا (شڪتي) وڌائڻ لاءِ وشنو ڀڳوان توکان ٻيو پير رکايو آهي.

ٽيون پڳ -(त्रीणि रायस्योषाय विष्णु स्त्वानयतु)**تريڻي رايسيوشاييه وشٽو استوانيتو** ڌن جي واڌاري لاءِ وشنو تو کان ٽيون (विष्णु स्तवानयतु)پير رکايو آهي (राय) ڌن جو نالو آهي.

چوٿون پڳ - (चितवारि मायोभव्याय विष्णु स्तवानयतु) **چتواري مايو ڀوييايه وشٽو استوانيتو**- سک کي مايه (मायाभव्याय) چئبو آهي. ڀوييايه واڌاري کي چئجي ٿو. سک جي واڌاري لاءِ وشنو ڀڳوان توکان چوٿون پير رکايو آهي.

پنجون پير -(पंच पशुभ्य: विष्णु स्तवानयतु)**پنچ پشوڀيه وشٽو استوانيتو**- ان ۾ اکر پشوڀيه گانين مينهن گهوڙن ۽ ٻين چو پائي مال لاءِ پشو اکر ڪم آيل آهي. ويدڪ زماني ۾ چوپايو مال گهڻو هوندو هو ۽ اها هڪ وڏي سمپدا ليکي ويندي هئي. پنجين وچن ۾ پتي پتنيءَ کي چوي ٿو چوپايو مال وڌائڻ لاءِ وشنو ڀڳوان تو کان پنجون پير رکايو آهي. ڌن جي واڌاري لاءِ تون پنجون قدم رکڻ.

ڇهون پڳ - (षड्ऋतुभ्यो विष्णु स्तवानयतु) **ڇٽ رتوڀيو وشٽو استوانيتو**- ڇهه رتن يا مندن جي سک ماڻڻ لاءِ وشنو توکان ڇهون پير رکايو آهي. اونهارو سيارو برسات سرءُ بسنت بهار

دکي ڏيرا سکي ھرشتا سکہ دکہ وياگني

ناوھم پرم گمشيامي پنچمي سابرويد ورم

پنجين وچن ۾ وڏو چوي ٿي توھين منھنجا پتي ٿيا آھيو مان پتيورتا ٿي رھندس. پرائي پرش جو سپني ۾ بہ ويچار ڪين ڪندس. سکن جي وقت ۾ توھان سان سک ماڻيندس پر جي دک جو يا اوکي جو وقت آيو تہ دک يعني اوکي جي وقت بہ مان توھان کي ڌيرج ڏيندس توھان سان مان سک توڙي دک ۾ ڀاڳي ڀائي ٿي رھندس.

सुखेन सर्वं कर्माणि करिष्यामि गृहे तव।
सेवा श्वशुरयो श्चापि बन्धूनां चैव सतकृति॥

سکيت سرو ڪرماڻي ڪرشيامي گرھي تو
سيوا شوشريو شچاپي بنڌونام چئيو ستڪرتي

منھنجو ڇھون وچن آھي تہ مان وڏي خوشيءَ سان توھان جي گھر جو ڳاڏو ھلائيندس. وڏن ۽ سس سھري جي سيوا ڪندس. اسان جي گھر ۾ آيل مھمانن، مٽن مائٽن جو اسين آدر سنڪار ڪنداسين. ساڌو برھمڻ جو آدر ستڪار ڪنداسين.

होम यज्ञादि कार्येषु भविष्यामि सहायकृत।
धर्मार्थ काम कार्येषु मनोवृत्तानु सारिणी॥

ھوم يگيہ آدي ڪاريشو ڀوشيامي سھايہ ڪرت
ڌرمارٿ ڪام ڪاريشو منو ورتانو سارڻي

ستين وچن ۾ وڏو چوي ٿي تہ ھوم يگيہ دان پنج اھي گرھست آشرم ۾ ڪرڻ ضروري آھن. اھو اسان جو ڌرم آھي

توهين مونکي جيکي بہ ڏيندا انهيءَ ۾ مان سنتوش ڪندس. توهان جي آمدنيءَ موجب خرچ ڪندس. توهان جي ڪٽنب جي پالنا ڪندس. سس سهري ۽ وڏن جي سيوا ڪندس. پاڻ جيڏين سان پريم سان ملندس. پاڻ کان ننڍن جي سار سنڀار لهندس، اِهو آهي استريءَ جو ٻيو وچن.

मिष्ठान्न व्यंजनादी नि काले संपादये तव।
आज्ञा संपादिनौ नित्यं तृतीये साडब्रवीद वरम्॥

مشٽان وينجن آدي نہ ڪالي سمپاديي تو
آگيا سمپادني نتيم ترتيي سابرويد ورم

ٽين وچن ۾ وڌو چوي ٿي تہ مان توهان جي آگيا مڃيندس. گرميءَ جي ڏينهن ۾ گرميءَ کان بچڻ لاءِ ۽ سرديءَ جي موسم ۾ ٿڌ کان بچڻ لاءِ پوڄن ناهي توهان کي کارائيندس. مان طرح طرح جون مٺايون ۽ طعام ٺاهي توهان کي کارائيندس.

शुचि श्रृंगार संयुक्ता वाङ् मन: काय कर्मभि:।
क्रीड़यिष्यामि त्वया सार्धं तुरीये साडब्रीद वरम्॥

شچي شرنگار سنيڪتا وانگ منہ ڪايہ ڪرميي
ڪريڙا يشيامي تويا سارڌ تريي سا ابرويد ورم

وڌو چوٿون وچن ٿي ڏئي تہ مان من، وچن واڻي ڪايا (شرير) سان توهان جي سيوا ڪندس. شرير پاڻي سان اسنان ڪري پوتر اڇي اجرو ٿئي هار سينگار ڪري توهان سان گڏ سنسار جا سک ماڻيندس.

दु:खे धीरा सुखे हृष्टा सुख दु:ख विभागिनी।
नाडहं परं गमिष्यामि पंचमे साडब्रवीद वरम्॥

प्रथमे- एक मिषे विष्णु स्त्वानयतु

پرٿمي-ايڪ مشي وشڻو استوانيتو

پهرئين پيڳ ۾ پتي ڪامناڻو ڪري شل وشڻو ڀڳوان تنهنجي منوڪامنا پورڻ ڪري توکي من چاهي پراپتي ٿئي.

द्वितीये- द्वे ऊर्जे विष्णु स्त्वानयतु

دويتيي- دويءِ اورجي وشڻو استوانيتو

ٻئي پيڳ ۾ ٻل پراپتي جي پرارٿنا آهي.

तृतीये- त्रीणि रायस्योषाय विष्णु स्त्वानयतु

ترتيي- تريڻي رايہ سيوشايہ وشڻو استوانيتو

ٽين پد ۾ ڌن پراپتيءَ جي پرارٿنا آهي.

चतुर्थे- चत्वारि मयो भुवाय विष्णु स्त्वानयतु

چترٿي-چتواري ميو ڀوايہ وشڻو استوانيتو

چوٿين پد ۾ سک پراپتيءَ جي پرارٿنا آهي.

पंचमे- पंच पशुभ्यो विष्णु स्त्वानयतु

پنچمي- پشو ڀيو وشڻو استوانيتو

پنجين پد ۾ پشو ڌن جي ورڌي لاءِ پرارٿنا آهي.

षष्ठे- षडऋतुभ्यो विष्णु स्त्वानयतु

ششٺي - شڙ رتوڀيو وشڻو استوانيتو

ڇهين پد ۾ ڇهن ئي موسمن ۾ تندرستي ٺيڪ رهڻ لاءِ پرارٿنا آهي.

सप्तमं- ॐ सखि सप्तपदाभव सममामन
ब्रताभव विष्णु स्त्वानयतु

سپتمم- اوم سکي سپت پداڀو سمامن
برتاڀو وشڻو استوانيتو

مان ڏرم جي ڪارين ۾ ڏن، ۽ وهنوار جي ڪمن ۾ ۽ سنسار جي سڀني ڪمن کي پوري ڪرڻ جي ڪم ۾ توهان جي سهائتا ڪندڙ ٿي رهندس. ور ۽ وڌو هڪ ٻئي کي هن ريت وچن ڏيئي پڪو پختو ڪن ٿا ليڪن افسوس آهي ته اڄ جي يگه ۾ وواهه وڌي ٿيڻ کان پوءِ ٻئي پنهنجي وچنن کي وساريو ڇڏين. انڪري گهرن ۾ ڪلڪل ۽ گهپي پئدا ٿيو وڃي ۋواهڪ وواد پئدا ٿيو وڃي. پتي پتني هڪ ٻئي کان جدا ٿيو وڃن. طلاق لاءِ ڪورٽن جا در ڪڙڪائين. ملڪيت جي ورهانگي کان سواءِ ٻارن جو ورهانگو به ڪن. ان لاءِ دوش ڪنهن کي ڏجي ور وڌوءَ جي متن مائتن کي يا ور ي سنسڪار ڪرائيندڙ برهمڻ کي؟ برهمڻ کي اهو سنسڪار ڪرائڻ کي صرف ڪمائڻ جو ذريعو نه سمجهڻ کپي بلڪ هو پنهنجي مٿان اها وڏي ذميواري سمجهي ته هو اهو سنسڪار شڌي سان صحي نموني ڪرائي ورو وڌوءَ کي ان سنسڪار رستي جا سکيا ملي ٿي يا ور ي هو هڪ ٻئي کي جيڪي وچن ڏين ٿا انهن کي ڪين چڱي ريت سمجهائي انهن کي پالن ڪرڻ جي هدايت به ڏنل آهي ته ڏنل وچنن جي پالنا نه ڪرڻ ڪيڏو پاپ آهي ان جي جيڪا سزا ملندي ان کان ڪين ڪير واقف ڪري. پر افسوس اڄ ڪالهه ايئن ڪونه ٿو ٿئي.

سپت پدي جي هندو وواهه شاستر ۾ وڏي اهميت آهي جا اسان کي به سمجهڻ کپي. انڪري آءٌ ٻين شاسترن مان به حوالا هن پستڪ ۾ ڏيان ٿو، ور چوي ٿو:-

पुज्यौयथा स्वौ पितरौ ममापि
तथेश भक्तो निजकर्म कुर्या:।
वामांग मायामि तदा त्वदीयं
ब्रवीति कन्या वचनं द्वितीयम्॥

پوڄيئہ يٿا سوئہ پترءُ مماپي
تٿيش ڀڪتو نج ڪرم ڪريا
وامانگ مايامي تدا توديم
برويت ڪنيا وچنم دويتيم

ڪنيا چوي ٿي تہ هي منهنجا پتي ديو جي تون چاهين ٿو
تہ آءُ تنهنجي ڪابي پاسي وِيهان تہ پوءِ مونکي وچن ڏي تہ
جهڙي ريت تون پنهنجي ماتا پتا جو آدر ڪندو آهين اهڙو
آدر منهنجي ماتا پتا جو بہ ڪندين. پنهنجي ڪٽنب جي
مريادا موجب ڌرم جي ڪمن سنڌ يا وندن آدي ڪرڻ وقت
تون بہ ڀڳوان جي ڀڳتي ڪندين.

पाश्चात्य शिक्षाधिगम, प्रभावात
त्यजेर्न चेद भारत संस्कृति त्वम।
वामांग मायामि तदा त्वदीयम
ब्रवीति कन्या वचनं तृत्तीयम्॥

پاشچاتيہ شڪشادي گم، پرڀاوات
توجيرن چيد ڀارت سنسڪرتي توم
وامانگ مايامي تدا توديم
بروويت ڪنيا وچنم ترتييم

ٽيون وچن راشٽر جي ڀلائيءَ لاءِ ڪنيا وٺي ٿي. هي

ستين پد ۾ پريو کي پرارٿنا آهي تہ هو ستيہ لوڪ نواس پردان
ڪري ۽ وڏوءَ کي پتيورت ڌرم پالنا لاءِ منو ٻل ڏئي.
ان سنٻنڌ ۾ هڪ پديہ جي رچنا بہ هن ريت ڪيل آهي
ور چوي ٿو وڏوءَ کي
ٻڌج منهنجي گهر جي مالڪن-پريو ڪرپا سان رهن پريل پندار
ٻل جس ۽ وڏي ڀاڳ گهڻو-پشو ڌن ٿئي بي شمار
رهين شل سدا خوش-ڇهن ٿي مندن ۾ تون
چمڪي نالو تنهنجو ستن لوڪن ۾
ست قدم هل مون سان گڏ- وڌندو پيار اپار.
هينئر وارو اچي ٿو ڪنيا جو- هوءَ پتي کان وچن ٿي وٺي

तीर्थ ब्रतोद्यापन यज्ञ कर्म
मया सहैव प्रियवर्य कुर्या:
वामांग मायामि तदा त्वदीयं
ब्रवीति वाक्यं प्रथमं कुमारी ।।

تيرٿ ورتودياپن يگيہ ڪرم
ميا سهئيو پريہ وريہ ڪُريا
وامانگ مايامي تدا تودیم
بروِيتي واڪيم پرٿمر ڪماري

هي منهنجا پيارا پتي جڏهن بہ تون تيرٿ ياترا تي ويندين
تڏهن مون کي پاڻ سان گڏ وٺي هلندين. ڪو ورت ڪرين يا
ڌرم جو ٻيو ڪو انوشٺان ڪرم ڪرين تہ اڄ جيان مونکي بہ
پاڻ سان گڏ رکج. اهو پهريون وچن ڏين تہ آءُ تنهنجي کاٻي
پاسي اچي پتني ٻڻجان.

كنيا ور كان پنجون وچن گهرندي. كيس چوي ٿي تہ هي
پتي دبو پنهنجي گهر جي سيني كمن ۾ وهنوار ۾ ڏيڻ وٺڻ
۾ مٽي مائٽي كرڻ ۾ شادي وواهن جي معاملن ۾ آمدني خرچ
جو حساب كرڻ ۾ تون جي كڏهن هر كم ۾ مون سان صلاح
مصلحت كرين تہ آءُ تنهنجي كابي پاسي اچي ويهان.

न मेअपमांनं सविधे सखीनां
द्यूतं न वा दुर्व्यसन भंजेश्चेत ।
वामांग मायामि तदा त्वदीयं
ब्रवीति कन्या वचनंच षष्ठम् ।

نہ مي اپمانم سوڌي سكينام
ديوتم نہ وا درويسنم ڀجيشچيت
وامانگ مايامي تدا تدي يم
برويت كنيا وچنم چہ ششٽم

كنيا چوي ٿي كڏهن آءُ پاڻ جيڏين ساهڙين يا ٻين زالن
جي وچ ۾ ويٺي هجان تون مون مٿان روب نہ ركجانءِ مون
كي اپمانت نہ كجان. جوئا سٽو يا شراب يا ٻين برين عادتن
۾ نہ ڦاسين تہ آءُ تنهنجي كابي پاسي اچي ويهان.

परस्त्रियं मातृसमां समीक्ष्य
स्नेहं सदा चेन्मयि कान्तकुर्या: ।
वामांग मायामि तदा त्वदीयं
ब्रूते वच: सप्तम मत्र कन्या

پر استريم ماتري سمام سميكشيہ
سنيهم سدا چينمئي كانت كُريا

منهنجا پني ديو پشچمي سپينا کان پرپاوت ٿي ڪڏهن بہ
پارتيہ سپينا کي نہ ڇڏجان پل تون انگريزي ۾ هوشيار ٿي؟
پر تلڪ چوٽي ۽ جڻئي جي لاڄ رکڻ جو وچن ڏي نہ آ؟
تنهنجي کابي پاسي اچان.

कुटुम्ब सम्पालन सर्वकार्य
कर्तुं प्रतिज्ञा यदि कान्त कुर्या: ।
वामंगमयामि तदा त्वदीयं
ब्रवीत कन्या वचनं चतुर्थमे

ڪٽنب سمپالن سروڪاريہ
ڪرتم پرتگيام يدي ڪانت ڪريا
وامانگ مايامي تدا توديم
برويت ڪنيا وچنم چترٿم

گرهست جيون ۾ ڪٽنب جي سنڀال جو بار هينئر تنهنجي
مٿان آهي جي ڪڏهن تون اهو بار کڻي سگهين تہ مان
تنهنجي کابي پاسي اچان، اهو ئي مونکي چوٿون وچن ڏي.

स्वसद्न कार्ये व्यवहार कर्मण्याये
व्यये मयापि मंत्रयेथा : ।
वामांग मायामि तदा त्वदीये
ब्रुते वच: पंचममत्र कन्या ।।

سوسدن ڪاريي ويوهار ڪرمڻيايي
وييي مماپي منترييٿا
وامانگ مايامي تدا توديم
بروتي وچہ پنچم متر ڪنيا

ڪجانءِ، ان سان گڏو گڏ سشيل ٿي مذر ٻول ٻولڻ سس سهري جي سيوا ڪڄ. پتيورتا ناري ٻنهي ڌارمڪ ڪم ڪڄ پڳوان جي پڳتي ڪڄ منهنجي آگيا جو پالن ڪڄ. تنهنجو آءٌ سواگت ٿو ڪريان.

پتني پتي جي وچنن جو هڪ ٻئي کي ڏيڻ ڪان پوءِ ٻنهي کي پروهت هن ريت سکيا ڏئي ٿو.

भोक्तुं भर्तर्यासीने चिन्तावाचनं या वदेत।
पत्त्यूरायेन संतुष्ठा गृहलक्ष्मी : प्रकर्तितिता
सुप्रीतां सर्वथा रक्षेत् पत्नीं स्वां: न नरोत्तम:।
इत्यालोच्य प्रतिज्ञा: स्वा: पालयेतां वधुवरौं।

ڀوڪتم ڀرترياسيني چنتا واچنم نہ يا وديت
پتيويورايين سنتشٽا گرهہ لڪشمي پرڪير تيتهہ
سپريتام سروٿا رکشييت پتني سوام نہ نروتمهہ
اتيالوچيہ پرتگيا سواهہ پاليتام وڌو وروءِ

پتي جڏهن ڀوڄن ڪرڻ ويهي تڏهن گهر ۾ هيءَ شيءِ ڪاڻهي، گهر ۾ هيءَ ڪٽل آهي. اهڙي چنتا وڌائيندڙ ڳالهيون پتني کي نہ ڪرڻ کپن. پتنيءَ کي گهر جو خرچ پتيءَ جي آمدنيءَ اندر ئي ڪرڻ گهرجي ٻين گهرن جي ريس ۾ پنهنجي گهر نہ وڌائي ٻين کي ڏسي زيور نہ ٺهرائي ۽ هٺ نہ ڪري انهن لڇڻن واري کي گهر لڪشمي ڪري ليکيو ويندو آهي. جيڪو منش پنهنجي حيثيت موجب پتني کي زيور ڪيڙا ۽ ڀوڄن ۽ ٻيو گهر جو سمورو خرچ ڏئي ٿو ساڻس مٺاڻ پيار ڀريا ٻول ٻولي ٿو. پتني کي سدائين

واماگہ مايامي تدا توديیم
بروتي وچهہ سپتم متر كنيا

كنيا پنهنجي گهوٽ كي چوي ٿي تہ هي منهنجا كانت
پرائي استريءَ كي ماتا سمان سمجهڻو اٿئي ۽ مون سان
سدائين پيار پريو وهنوار كري سدائين پيار كندين كڏهن
بہ كاوڙ غصو نہ كندين جي اهو ستون وچن ڏين تہ مان
تنهنجي كابي پاسي اچان.

هينئر وارو اچي ٿو گهوٽ جو، گهوٽ كنوار كي چوي ٿو تہ
تون مون كان ست وچن وٺي مونكي تہ ٻڌي چڏيو ۽ هينئر تو
كان بہ وچن ٿو گهران جي تون اهو وچن ڏين تہ پوءِ پلي منهنجي
كابي پاسي ۾ اچي ويهہ ۽ منهنجي وواهتا پتني بڻج.

उद्याने विपने तथा परगृहेष्वे काकिनी नो चराडड भषेथा
रहसी तरैर्नहि नरै :
पुसां पुरो नो हसे: । सच्छीला मृदुभाषिणी
श्वशुरयोर्भक्ता मदाज्ञाकारी, धर्म्या भक्तिपरायणा
भवसि चेदागम्यता स्वागतम् ।

اُدياني وپني تٿا پرگرهيشوي كاكني نو چراآ ڀاشيٿا
رهسي ترئرنهہ نرءِ
پسام پرو نوهسي، سهشيلا مرديڀاشڻي
شوشريورڀكتا مداگياكاري، ڌرميا ڀكتيپراينٿا
ڀوسي چيداگميتا سواگتم

هي پياري باغ بغيچي ۾ بن كانن ۾ پراين گهرن ۾ اكيلي
نہ وڃجانءِ. پر پرش سان كڏهن بہ اكيلي ۾ وارتالاپ نہ

سان گڏ ويھاريو ائيي اهڙيءَ ريت هن کان پوءِ به تيرٿ ياترا ڪرڻ وقت پوڄا ارچنا يگيه ۽ دان ڪرڻ وقت به مونکي پاڻ سان گڏ رکندين اهڙي پرتگيا جڏهن ڪندين تڏهن آءٌ تنهنجي ڪابي پاسي کان اچي ويهندس. اهو پهرين وچن ڪنيا گهريو.

हव्य प्रदानैरमरान् पितृंश्च
कव्यप्रदानैर्यदि पूजयेथा।
वामांग मायामि तदा त्त्वदीयं
ब्रवीत कन्या वचनं द्वितीयम ।।

هويه پردانير مران-پترنشچ
ڪويه پردانئير يدي پوجييٿا
وامانگ مايامي تدا تويمر
برويت ڪنيا وچنم دوتييم

ڪنيا چوي ٿي ته جڏهن به ديوتائن کي ڪو يوڳ لڳائين شراڌ ڪري پترن جي پوڄا ڪرين ان وقت مان به تو سان گڏ رهان اهو به وچن مونکي ڏي ته آءٌ تنهنجي ڪابي پاسي اچي ويهان. اهو ٻيو وچن گهريائين.

कुटुम्ब रक्षा भरणे यदि त्त्वं
कुर्याः पशुनाम् परिपालनच।
वामांग मायामि तदा त्त्वदीयं
ब्रवीति कन्या वचनं तृतीयम्।।

ڪٽنب رکيا ڀرڻي يدي توم
ڪرياهه پشونام پري پالنم چه
وامانگ مايامي تدا تودييم

خوش رکي ٿو ان کي سريشٽ پرش ڪري ليکيو ويندو آهي.
گهر گرهستيءَ جي گاڏي سٺي هلائڻ پنهنجو جيون سکي
بڻائڻ لاءِ ور وڌوءَ کي گهرجي تہ هو هڪ ٻئي کي ڏنل وچنن
کي ياد ڪن. شروع ۾ جيڪا سپت پدي مون لکي آهي ان
جو آڌار پنڊت هوندراج شرما جو لکيل سنڌي پستڪ وڏڪ
وواهہ جا اوچ آدرش آهي ان کان پوءِ جيڪا سپت پدي
لکي آهي انجو آڌار پنڊت شري ڏرشولال جو هندي پستڪ
وواهہ پڌتي آهي سپت پديءَ کي هن نئين سپت پديءَ
ڪري لکيو آهي. ان ساڳئي پستڪ ۾ ودوان پنڊت پراچين
سپت پدي الڳ ڏني آهي. جنهن کي هيٺ ڏنو ٿو وڃي
جيئن پاٺڪن کي تنهي ۾ ڪو فرق هجي تہ ڪين اهو نظر
اچي.

پرسڌ پراچين سپت پدي

कन्या वचन

तीर्थ ब्रितोद्यापन यज्ञदानं
मया सह त्वं यदि कान्तकुर्या: ।
वामांग मायामि तदा त्ववदीयं
ब्रवीत वाक्यं प्रथमं कुमारी

تيرٿ برتو دياپن يگيہ دانم
مياسهہ توم يدي ڪانت ڪريا
وامانگ مايامي تدا توديم
برروويت واڪيم پرٿمم ڪماري

هي منهن جا ڪانت (مالڪ) اج جهڙي ريت مونکي ٻاڃ

دِيواليا رام تڙاڳہ ڪوپھ
واپي ودڏيا پرمارٽ سڏيي
وامانگ مايامي تدا توديير
بروتي وچھ پنچمر متر ڪنيا

جي ڪڏهن پريوءِ ڪرپا سان مندر، باغ، تلاءُ، کوه، باوڙي کوٽائڻ ۽ نهرائڻ جو شڀ ڪاريہ يا ٻيو ڪو پر اپڪار جو ڪاريہ ڪرين تہ مون کي پاڻ سان گڏ ويهاريندين تہ آءُ تنهنجي کابي پاسي ويهان، اهو تون پنجون وچن مونکي ڏي.

देशान्तरे वा स्वपुरांतरे
पृष्टवा विदध्या व्यवहार कार्यम्।
वामांग मायामि तदात्त्वदीयं
ब्रवीति कन्या वचनं च षष्ठम॥

ديشانتري وا سوپرانتري
پرشٽوا ودڏيا ويوهار ڪاريم
وامانگ ميامي تدا توديير
برويت ڪنيا وچنر چہ ششٽر

پرديس وڃين يا شهر ۾ ڪنهن خاص ڪم لاءِ وڃين. ڪوئي وڻج واپار، مٽي مائٽي جو ڪم ڪرڻو هجئي تہ مون کان پڇي منهنجي راءِ سان ڪرڻ قبول ڪرين تہ مان تنهنجي کابي پاسي اچان.

न सेवनीया परकामनी या
नरागदृष्टया च विलोकनीया।
वामांग मायामि तदा त्त्वदीयं
ब्रूते वचं सप्तममत्र कन्या॥

برويت ڪنيا وچنم ترتييم

ڪنيا ور کي چوي ٿي تہ اڄ کان ڪٽنب جي سنڀال، رکيا ڪاڏي پيتي خرچ جي سموري ذميواري تنهنجي مٿان رهندي. جانورن جي پرورش ۽ سنڀال جو ڪم سڀ ڪجهہ تو کي ئي ڪرڻو پوندو جي ڪڏهن اهي سڀ ڪم منهنجي راءِ سان ڪرڻ قبول ڪرين تہ آءٌ تنهنجي کابي پاسي کان اچي ويهان. اهو گهريو ٽيون وچن ڪنيا پنهنجي ڪانت کان.

आय व्ययौ धान धनादिकनां
पृष्टवा हि मां स्वीयग्रहे विदध्या: ।
वामागं मायामि तदा त्वदीयं
ब्रवीति कन्या वचन चतुर्थम ॥

آيہ وييو ڌانيہ ڌنا ڪ نام
پرشٽواهي مام سوييگرهي وِدڌياهہ
وامانگ مايامي تدا توديِيم
برِوويت ڪنيا وچن چترٿم

ڏن ۽ ان جي آمدني ۽ خرچ منهنجي صلاح سان سڄو گهر جو ڪم ڪرڻ جي پرتگيا ڪر تہ آءٌ تنهنجي کابي پاسي کان اچي ويهان. اهو هو چوٿون وچن جيڪو ڪنيا پنهنجي ور کان گهريو.

देवालया राम तडाग कूप
वापि विदध्या: परमार्थ सिद्धयै ।
वामांग मायामि तदा त्वदीयं
ब्रुते वच: पंचमंमत्र कन्या ॥

جي کابي پاسي ۾ (वरस्य वाम भागे कन्योपविशेता)ويھي پتنيءَ جو درجو حاصل ڪري ٿي.

سپت پديءَ جي منترن ۾ وواھہ سنسڪار جو سار آھي. وواھہ ڪرڻ جو اُديش ڏيکاريل آھي. گرھستي ڪيئن ھلندي جھڙي ريت گاڏي جي لاءِ ٻن ڦيٿن جي ضرورت پوندي آھي. اھڙي ريت گھر جي گاڏي ھلائڻ لاءِ پتي ۽ پتنيءَ جي ھڪ جوڙي آھي. ان جوڙي کي ھڪ ٻئي جي صلاح مصلحت سان ڪم ڪرڻو آھي. ان وواھہ جو مقصد ھڪ نئون پريوار ڳڙو ڪرڻو آھي، ھڪ ٻئي سان مذر وھنوار ڪرڻو آھي.

ھر وواھہ ۾ گھوٽ ۽ ڪنوار ھن ريت ھڪ ٻئي کي وچن ڏين ٿا ليڪن ويدي پڙھڻ وقت گھوٽ ۽ ڪنوار جو ڌيان ڪنھن ٻئي پاسي ڏانھن ھوندو آھي. برھمڻ ديوتا ڪھڙا منتر پڙھيا آھن يا پڙھي رھيو آھي ان جي ڪا سڌ گھوٽ توڙي ڪنوار کي نہ رھندي آھي. ويدي پوري ٿيڻ کان پوءِ جي اُتي ئي توھين گھوٽ ڪنوار کان پڇندا تہ پنڊت توھان کي ڪھڙيون پرتگيائون پئي ڪرايون خبر اٿو تہ ٻڌايو تہ ٻئي ھڪ ئي جواب ڏيندا نہ اھا خبر اسان کي بلڪل نہ آھي تہ پنڊت ڇا پئي چيو. ٻيلي اسان کي ھن جھنجھٽ مان جلدي مڪتي ڏياريو تہ وڃي سھاگ رات ملھايون. جني ان قسم جي ھلت ھوندي اُتي وواھہ سنسڪار ۾ ھڏي ڪيل جاکوڙ ايئن ٿيندي جيئن اونڌي گھڙيءَ مٿان پاڻي ھارڻ.

وواھہ سنسڪار جي ڪڏھن ڇڱي ريت ٿيل ھجي. گھوٽ

نہ سيونيا پرڪامني يا
نہ راگہ درشٽيا چہ ولو ڪنيا
وامانگہ ميامي تدا توديم
بروتي وچم سپتم متر ڪنيا

هي منهنجا پتي ديو تون ڪڏهن بہ پلي پلائي بہ پرائي استريءَ سان ناجائز رستو نہ رکندين بلڪ پرائي ناريءَ کي بري نظر سان بہ نہ ڏسندين ان قسم جي مون سان پرتگيا ڪرين تہ آءُ تنهنجي پتني بڻجي ڪابي پاسي ويهڻ قبول ٿي ڪريان. اهڙيءَ ريت ڪنيا پنهنجي ور ڪان ستون وچن گهريو. هينئر گهوٽ جو وارو اچي ٿو، ور چوي ٿو:-

सदैव सेवा कुरूमे गुरूणांदाय चित्तानुगता च
भूया: पतिव्रता धर्म परायाणात्व गृहस्यकार्य सिकलंकुरूष्व॥

سديو سيوا ڪرومي گروڻام دايہ چتا انوگتا چہ
ڀويا پتيورتا ڌرم پرايڻاتو گرهسيہ ڪاريہ سڪلم ڪروشو

هي منهنجي پتني تون سدائين منهنجي ماتا پتا ۽ ٻين ڪٽنبين جي سيوا ڪج منهنجي آگيا انوسار هلج، پتيورت ڌرم جو پالن ڪج، پر پرش جو ويچار ڪڏهن بہ من ۾ نہ آڻج، گهر گرهست جي سيني ماڻهن کي چڱي ريت سنڀالج آءُ توکي پنهنجي ڪابي پاسي ويهاريان ٿو.

اهڙي ريت هڪ ٻئي کي وچن ڏيئي وني ٻئي وڏي انوسار پتي پتني ٿين ٿا. هندو وواهہ انوسار اگنيءَ جي ڦيرن، هوم، يگيہ سپت پديءَ ڪان پوءِ ئي ڪنيا ۽ ڪمار پتي پتني بڻجڻ ٿا. سپت پدي جي رسم ڪان پوءِ ڪنيا ور

اسان جي گڻوان پراڪرمي ۽ ڌرماتما سنتان (پرجا) پئدا ٿيندي.

यशो न: कामं समृध्यन्ताम

يشو نهہ ڪامم سمرڌينتام

اسان ناميارا جس وارا ٿينداسين، اسان لوڪن ۾ ناميارا جس وارا ٿيون اها اسان جي منوڪامنا پوري ٿئي.

यज्ञोन: कामं समृध्यन्ताम

يگيو نهہ ڪامم سمرڌينتام

اسان جي هوم يگيہ ڪرڻ جي ڪامنا پوري ٿئي.

भगोन : कामं समृध्यन्ताम

ڀگو نهہ ڪامم سمرڌينتام

ڀگ ديوتا سکن کي ڏيندڙ آهي ور وڏو ديوتائن کي پرارٿنا ٿا ڪن اسان جي سکہ ماڻڻ جي ڪامنا پوري ٿئي. اسان جو گرهستي جيون سکن وارو ۽ سڦلو ٿئي.

منش جو سڀاءُ جدا-جدا نمونن جو ٿئي ٿو. ڪي ستوگڻي (सत्वगुणी)آهن ڪي رجوگڻي(रजोगुणी)۽ ڪي وري تموگڻي تامسي سڀاءُ وارا ٿين ٿا. (तमोगुणी) تموگڻي ۾ انيڪ اوگڻ ٿيندا آهن جيڪي جيون ۾ هاجيڪارڪ ثابت ٿين ٿا انڪري انهن تتون کي دور ڪرڻ لاءِ وواهہ ڪرائيندڙ برهمڻ پرارٿنا ٿو ڪري:-

याते पतिध्मी प्रजाध्नी पशुध्नी यशोध्नी निंदिता तनु।
जारध्नो तत एनां करोमि साजीर्य त्वंमया सह॥

ياتي پتي گهمي پرجا گهني پشو گهني يشوگهني نندتا تنو

ڪنوار ان کي چڱي ريت سمجهيو هجي تہ پوءِ هو آجيون گڏ رهن ۽ سندن وچ ۾ ڪو بہ جهيڙو جيڪر پئدا نہ ٿئي.

■ ■ ■

آسيس گهرڻ

سپت پدي جي رسم پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪنيا پنهنجي ڪيل قول مطابق سندس پتني بڻجڻ لاءِ سندس کابي پاسي کان ٿي ويهي ان سبب هن کي واما يا وامانگني چيو ويندو آهي.

वरस्य वाम भाग कन्योपविशेत्

ورسيہ وام ڀاڳہ ڪنيو اُپ وشيت

ان کان پوءِ ور ۽ وڌو ٻئي گڏ جي ديوتائن کان هن ريت آسيس گهرن ٿا:-

श्रियोन: कामं समृध्यन्ताम

شريو نہ ڪامم سمرڌينتام

اسان جي ڌن ۽ لڪشميءَ جي واڌاري جي ڪامنا پوري ٿئي اسين وڏن ڀاڳن وارا آهيون.

धर्मोन: कामं समृध्यन्ताम

ڌرمو نہ ڪامم سمرڌينتام

اسين ڌرم تي هلنداسين اسان جي ڌرماتما ٿيڻ جي ڪامنا پوري ٿئي.

प्रजा न: कामं समृध्यन्ताम

پرجا نہ ڪامم سمرڌينتام

سمنا سورچا-وير سور ديورڪاما سيونا

پتردو پدي شم چتشپدي

هاٿي هن ناريءَ مان اشپ تتو نڪري ويا آهن. هاٿي هن جي درشٽي ڪروڌ واري نہ آهي، هن جي درشٽي شانت ٿي آهي، هيءَ ناري هاٿي شانتي ۽ سک ڏيندڙ درشٽي، شپ درشٽيءَ سان سيني کي ڏسي رهي آهي، هاٿي هيءَ پتيءَ لاءِ رکيا ڪندڙ پتني بڻي آهي. هينئر هيءَ پريوار لاءِ ڪلياڻڪارڪ آهي. هاٿي هن جو من نرمل ٿيو آهي، هيءَ سندر من واري ٿي آهي، شپ لڇڻن واري، تيج واري، وڌندڙ ٿي آهي. ديوتائن جي هن تي ديا ٿي آهي. هيءَ هاٿي شوروير ۽ پراڪرمي پٽن جي ماتا ٿيندي. هيءَ وڏو منش سماج لاءِ ڪلياڻ ڪندڙ ٿي آهي. پشو ڌن لاءِ ڪلياڻڪاري ٿي آهي.

यत्ते सुसीमे हृदयं दिवि चंद्रमसि श्रितम्
वेदाहं तन्मा तत् विद्यात। पश्येम शरद: शतम्
जीवेम: शरद: शतम् श्रृणुयाम शरद: शतम्।।

يتي سُسيمي هرديم دوي چندرمسي شرتم
ويداهم تنماتت وديات
پشييم شردم شتم-جيوم شردھہ شتم
شرڻويام شردھہ شتم

پني ٿو هينئر پتنيءَ کي چوي تہ هي وڏو تون هاٿي (सुसीमे) سندر سيما جي اندر آئي آهين. آڪاش ۾ بينل جندرما وانگر تنهنجو هرديہ سندر ۽ شيتل ٿيو آهي، چند

جار گهنو تت اينام ڪرومي ساجيريہ توم مياسھ

پتي ٿو چوي تہ هي وڏو تو ۾ جيڪي اشڀ تتو تامسي وڪار آهن سي نڪري وڃن تو ۾ پتيءَ لاءِ هاڄيڪارڪ پرجا عرف سنتان لاءِ هانيڪارڪ پشوڏن لاءِ هاڄيڪارڪ جيڪي بہ خراب تتو آهن سي شل تو مان نڪري وڃن. انهن اوگڻن کي تون هينئر ڇڏ. هاڻي تون ستوگڻ واري سيتل ٿڌي سڀاءُ واري ٿي وڃ اسان جي گهر لاءِ تون ڪلياڻڪارڪ ۽ پويتر ٿي رهہ. منش جي سڀاءُ جي وئدڪ آرين کي وڏي ڄاڻ هئي

नील लो हितं भव ति कृत्या सक्ति: वि अज्यते।
ऐंधंते अस्या ज्ञातय: पति बन्धेषु वध्यते।।

نيل لوهتم ڀو تہ ڪرتيا سڪتي و اجيتي
اينڌتي اسيا گياتيھ پتي ٻنڌيشو وڌيتي

ڪاري نيري رنگ واري ڏائڻ ۽ ڪنهن بہ اشڀ آتما جو جي ڪڏهن هن وڌوءَ ۾ واسو هجي تہ اها اشڀ آتما هن ناريءَ مان نڪري وڃي. هيءَ ناري هاڻي شڀ ۽ شڌ ٿي آهي. هاڻي هيءَ پتيءَ جي ٻنڌن ۾ ٻڌي آهي، هيءَ هاڻ گهر جي ڀاتين جو واڌارو ڪندڙ ٿي رهندي.

جڏهن اهڙي ريت برهمڻ ڪنوار کي شڌ ڪيو ان کان پوءِ چوي ٿو:-

अघोर चक्षुरपतिध्नी एधि शिवा पशुभ्य:
सुमना: सुवर्चा:। वीरसू देंवृकामा स्योना
भत्र दिपदे शं चतुष्पदे।।

اگهور چڪشور پتگهني ايڌي شوا پشوڀيہ

ادو منگلي پتي لوڪم آوش
شنوپو دپدي شمچت شپدي

مي وڏو هينئر تنهنجو وواهه ٿي ويو هاڻ تون پتيءَ جي گهر
۾ پروبش ڪر ۽ آجيون ان ۾ واسو ڪج، وواهه جو پرڏان
ديوتا پرجاپتي برهما تو کي پرجا (سنتان) ڏيندو، آدي پتر
ريما تو کي مون پتيءَ لاءِ ڏنو آهي تون منگلي معنيٰ ڪلياڻ
ڪندڙ آهين تون اسان جي منش مترن لاءِ ڪلياڻ ڪندڙ
نجانءِ ۽ پشن جو به ڪلياڻ ڪج.

इहैव स्तम् मावि यौष्टम विश्चमायु र्व्यश्नुतम्
क्रींडतौ पुत्रै र्न पतृभि र्मोंदिमानौ स्वे गृहे ॥

اهئيو استم ماوي يوشٽم وشومايور ويوشنو تم
ڪريڙنتو پُترئرن پترڀري مود مانو سوي گرهي

جيڪي سڄڻ وواهه ۾ شريڪ ٿيل آهن اهي پنهنجي طرفان
آشربواد ڏيندي چون ٿا تہ ديوتا ۽ اسان توهان جو وواهه
ڪرايو آهي، هينئر پنهنجي گهر ۾ رهي اوهين سو سالن
تائين سک ماڻيندا، شل توهان جو گهر اڱڻ آباد ٿئي، توتلي
ٻولي ٻوليندڙ ٻار رانديون ڪندا رهن توهين انهن سميت
آنند ۽ خوشيءَ ۾ رهو سدائين جوان رهو.

नवो नवो भवति जायमान अन्हां केतु उषसां एति अग्र
भागं देवेभ्यो विदधाति आयत् प्रचंद्रमा तिरतेदीर्घमायु

نوو نوو ڀوتي جا يمان انهام ڪيتو اشسام ايتي اگرم
ڀاگم ديويڀيو ودڌاتي آيت پرچندرما ترتي دير گهمايو
تهڙي ريت چانڊوڪي راتين ۾ چندرما نت نئون لڳندو

وانگر تون سھڻي آھين، تون ھينئر مون کي مليِ آھين.
اسين ٻئي پنھنجي نيتر جيوتي تيز رکي ھڪ سو سالن تائين
سڀ سنسارڪ درشيہ نظارا ڏسنداسين. ھڪ سو سالن تائين
ڪنن سان شڀ وارتائون ٻڌنداسين، ھڪ سو سالن تائين
جيئرا رھي سنسار جا سک ماڻينداسين.
پتي پتني جو من ھڪ ٿيڻ لاءِ پتي پتني کي چوي ٿو:-

यदेषि मनसा दूरं दि शोनु पव मानोवा
हिरण्य पर्णोवैकर्णः स त्वा मन मनसा करोतु ।

يديشي منسا دورم د شونو پو مانووا
ھرڻيہ پرڻو وئڪرڻھ سہ توا من منسا ڪروتو

من ويگ يا رفتار وايو ڪان بہ وڌيڪ تکي ٿيندي آھي، ھي
وڌو ھاڻ تون پنھنجي ھوا ۾ اُڏامندڙ ويچارن کي روڪ قبضي
۾ آڻ تون ھينئر پنھنجو سمورو من مون ۾ لڳائي، سونن
ڪنين وارو گرڙ پکي ۽ وايو ديوتا تنھنجي من جي ويچارن
کي موڙ ڏيئي مون ۾ لڳائين. ان وارتا ڪان پوءِ وارو اچي ٿو
وواھہ تي آيل نر نارين ۽ برھمڻ طرفان ور وڌو کي آسيس
ڏيڻ جو

आ नः प्रजां जनयतु प्रजापतिः
आ जरसाय सं युनक्तु अर्यमा
अदु मंगली पति लोकम आविश
शंनो भव दिपदे शंचतुष्पदे ।।

آنہ پرجام جنيتو پرجا پتيھہ
آجرسايہ سم ينڪتو اريما

کي سڪرتن جي ستيہ لوڪ گرھست آشرم ۾ داخل ڪريان
ٿو. اگني ديو جو آپار مڃڻ لاءِ ھن منتر جو اچارڻ ڪريو.

पुन: पत्नी मग्नि रादात आयुषा सहवर्चसा
दीर्घमा युरस्या: पति:जीवाति शरद शतम्॥

پنہ پتني مگني رادات آيوشا سہ ورچسا
ديرگھمايرسيا پتي جيواتي شرد شتم

ھي اگني ديوتا ھيءَ وڏو تو سندس پتي کي وڏي عمر واري
۽ وڏي ڀاڳہ واري ڪري ڏني آھي، ھن جو پتي بہ وڏي عمر
وارو ٿي رھندو شل ھي ٻيئي ھڪ سو سالن تائين جيئرا
رھن.

ھينئر وري ديوراج اندر کان سندس آسيس گھرڻ لاءِ ھن
منتر جو اُچارڻ ڪجي:-

इमां इन्द्र त्वं मीढव: सुपुत्राम सभगमां कृणु।
दशाडस्यां पुत्रनाघेहि पति मेंकादशं कृधि॥

امام اندر توم ميڍو سپترام سڀگامام ڪرڻو
دشا اسيام پترناڌيھي پتي ميڪاد شم ڪرڌي

ھي اندر ديوتا تون سکن جو داتا آھين، ھن وڏوءَ کي وڏي
ڀاڳہ واري سھاڳڻ ڪر ھيءَ وڏو سپاتر پترن جي ماتا ٿئي،
سندس پٽ تو جيان ٻلوان ٿين، ھن کي ڏھہ پٽ ڄمن ھيءَ
وڏو پٽن ۽ پتيءَ سميت راڄ ماڻي سنسار جا سڪہ ماڻين.

ديوتائن جي آسيس گھرڻ کان پوءِ پتي چوي ٿو تہ

रीयंच पुत्रान् चअदात् अग्नि र्मह्यम् अथो इमाम्

رينچہ پتران چہ ادات اگنير مھيم اٿو امام

آهي. هر روز وڌندو رهندو آهي، شل توهين بہ ان ريت نت
نوان نوجوان ٿي رهندا تہ توهان جو واڌارو ٿيندو. اُپرند
سورج وانگر تيجوان ۽ واڌارو ڪندڙ ٿي رهندا. چندرما
سورج ٻئي اوهان کي وڏي اورجا ڏين.
اگني ديو بہ آشيرواد ڏيندي چوي ٿو:-

त्वां प्रमुंचामि वरूणस्य पाशात्
येन त्वां अबघ्नात् सविता सुशेव:
ऋतस्य योनौ सुकृतस्य लोके
अरिष्टां त्वा सहपत्या दधामि

توام پرمنچامي وروڻسيہ پاشات
يين توام ابڌنات سويتا سشيوھہ
رتسيہٗ يونوءِ سڪر تسيہ لوڪي
ارشٽام توا سهہ پتيا دڌامي

هي وڌو تون ننڍي هوندي کان آدي راجا ورونڻ جي ڌرم
جي ٻنڌنن ۾ ٻڌل رهي آهين تو ڪنواري ڪنيا جو ڌرم
نڀاهيو آهي، هاڻ تنهنجو ڪماري ٿي رهڻ جو وقت پورو
ٿي ويو آهي، هاڻ تون وڏي ٻڻجي آهين، (सविता)سورج بہ
توکي ٻنڌنن ۾ ٻڌو هو هاڻي مان توکي انهن ٻنڌنن کان بہ
مڪت ٿو ڪريان چو تہ تنهنجو وواهہ ٿي چڪو آهي. گرهست
آشرم(ऋत)رت ۽ ستيہ جو دروازو آهي ۽ مارگہ آهي گرهست
آشرم سڪرتن جو لوڪ (सुकृतस्य लोक)آهي، ست ڪرمن جو
لوڪ آهي، تون هاڻي (अरिष्टा) ارشٽا ٿي آهين، ڪلياڻن
جي ڪندڙ ٿي آهين مان اگني ديوتا توکي ۽ تنهنجي پتي

سوريا ۾ ديوهوتي جا نالا ٻه اچن ٿا جنهن مان سڌ ٿو ٿئي ته اسان جا وڏا ويدڪ زماني کان ئي پنهنجي سنتان جو وواهه وڏي وڏان سان شڌ ريتي سان ڪرائيندا هئا.

لاوان پڙهڻ

لاوان ۾ سندر سکيا آهي پتي پتني کي سندس ناتي جي اهميت ٻه ٻڌائي ويندي آهي، ان سان گڏو گڏ پتي پتني مٿان آشيرواد جي گلن ٻه برهمڻ ورشا ڪندو رهي ٿو. هڪ پاتر ۾ (گهڻي پاڻي وجڻي ٿئي ٿي) پنڊت ٿورا چانور ۽ گل کڻي ٿو منتر جو اُچارڻ ڪري. ور وڌو مٿان گل ۽ چانورن کي آشيرواد روپ ۾ ورسائي ٿو. مول لانوان سنسڪرت شلوڪن ۾ آهي انهن کي مون سنڌي ۾ پڻ لکيو آهي، جو هن ريت آهي.

राघवेन्द्र यथा सीता विनता कश्यपे तथा
पावके च यथा स्वाहा तथा त्वंभव भर्तरी।

هيو جيئن رام چندر سيتا لاءِ
هئي جيئن ونيتا ڪشيپ رشي لاءِ
ٿئي جيئن اگني ۾ سواها
تيئن آهيو توهين پاڻ ۾ هڪ ٻرتار ۽ ٻرتري

अनिरूद्धे यथैवौषा-दमयन्ती नले यथा।
अरून्धती वसिष्ठे च-यथा त्वं भव भर्तरी॥

اگني ديوتا مون کي ھيءَ پتني (وڏو) ڏني آھي، اگني ديو
مونکي سپاتر پٽ بہ ڏيندو ۽ ڌن بہ ڏيندو.

त्वं अर्यमा भवसि कनीताम अस्मिन स्वधावन गुह्यं विभर्षि।

توم اريما ڀوسي ڪنيتام اسمن سوڌاون گھيم ويرشي

اسان جي وڏن پڙن جا راجا آدي پتر اريما تون ڪنوارين
ڪنيائن کي گھوٽ وٺي ڏين ٿو ھنن جي من جي ڳجھن
کي بہ تون ڄاڻين ٿو. توئي مونکي ھيءَ وڏو ڏياري آھي:-

अंजन्ति मित्रं सुधितं न गोभिर्यद्
दम्पती स मनसा कृणोमि ॥

امجنتي مترم سڌيتم نہ گوڀريد
دمپتي سہ منسا ڪرڻومي

ھي اريما ۽ اگني توھين اسان کي من گھريو متر ڏيو ٿا،
اھي اسان جا متر سٺي ٻڌيءَ وارا آھن. توھين اسان جو
ڌن ۽ چوپايو مال وڌائجو. نو دمپتي (گھوٽ ڪنوار) کي
ھڪ من ۽ ھڪ وچارن جو ڪريو:-

तुभ्यमग्ने पर्यवहन् सूर्यांवहतु ना सह।
पुनः पतिभ्यो जायां दा अग्ने प्रजया सह ॥

تڀيمگني پريوھن سورياوھتو نہ سھہ
پنھہ پتيڀيو جايان دا اگني پرجيا سھہ

ووسوان جي ڪنيا سوريا کي ھي اگني ديو تو سوم گھوٽ
وٺي ڏنو. ھي اگني ديو تون گھوٽن کي ڪنواريون ڏين ٿو ۽
ڪنوارين کي گھوٽ بہ تون ٿو ڏين تو مونکي ھيءَ وڏو ڏني
آھي، ھاڻ اسان کي سنتان بہ ڏجانءِ. وواھہ جي منترن ۾

श्री कृष्णे रूकमणी यद्वत-तथा त्वं भव मर्तरी ।।

رشي اتري لاءِ هئي جيئن انوسويا
جمد اگني رشي لاءِ ريڻوڪا
ڪرشڻ لاءِ هئي جيئن رڪمڻي
تيئن آهيو توهين پاڻ ۾ پرتار ۽ پرتري

शम्बरे तपनी यद्वत दुष्यन्ते च शकुन्तला ।
मेरूदेवी यथा नामी-तथा त्वं भव मर्तरी ।।

شمبري رشي لاءِ هئي جيئن تپني
راجا دشينت لاءِ شڪنتلا
آڪاش لاءِ مرو ديوي
تيئن آهيو توهين پاڻ ۾ پرتار ۽ پرتري

ईश्वरे प्रकृति यद्वत-कालका भैरव तथा ।
पार्वती च महादेवे-तथा त्वं भव मर्तरी ।।

ناتو آهي جيئن پاڻ ۾ پرڪرتي ۽ پرميشور سندو
ناتو آهي جيئن پاڻ ۾ ڪالڪا ۽ ڀئرو سندو
ناتو آهي جيئن پاڻ ۾ مهاديو ۽ پاروتي سندو
ناتو آهي توهان جو ساڳيو هاڻ پاڻ ۾ پرتار ۽ پرتري سندو

سنڌيءَ ۾ اسين گهوٽ کي پتار بہ چوندا آهيون، اهو شبد سنسڪرت اکر پرتار مان نڪتو آهي.

ور - وڌوءِ جي موڪلائي

وواهہ سنسڪار پورو ٿيو آهي، اگني ديوتا ور ۽ وڌو کي چوي

هئي جيئن پتئُہ ووشا لاءِ انوراڌا

هئي جيئن نل لاءِ دمينتي

اروندتي هئي جيئن وسشٽ لاءِ

آهيو تيئن توهين پاڻ ۾ پرتار ۽ پرتري

सुदक्षणा दिलीपे च-वसुदेवे च देवकी।

लोपमुद्रा तथा अगस्तये तथा त्वं भव भर्तरी।।

دليپ لاءِ هئي جيئن سر دکشڻا

وسديو لاءِ ديوڪي

اگست مني لاءِ هئي لوپ مدرا

آهيو تيئن توهين پاڻ ۾ پرتار پرتري

गौतमे च यथा अहल्या द्रौपदी पांडवेषु च।

पाण्डुराजे यथा कुन्ती-तथा त्वंभव भर्तरी।।

شانتنو لاءِ جيئن هئي گنگا

ارجن لاءِ هئي سپدرا

ڌرتراشٽر لاءِ هئي گانڌاري

آهيو تيئن پاڻ ۾ پرتار ۽ پرتري

शांतनौच यथा गंगा-सुभद्रा च यथाजुने।

धृतराष्ट्रे च गंधारी-तथा त्वं भव भर्तरी

گوتم رشي لاءِ هئي جيئن اهليا

پانڊون لاءِ دروپدي

پاندو راج لاءِ جيئن هئي ڪنتي

تيئن آهيو توهين پاڻ ۾ پرتار ۽ پرتري

अत्रो यथा अन्नुसूया च-जमदग्नौ च रेणुका।

پنهه تانه يگيا ديوا ڪشيه نينتو يتهه آگتا

هن وواهه جي منڊپ ۾ طرح-طرح جا لوڪ اچي جمع ٿيا آهن. ٿي سگهي ٿو ته انهن مان ڪنهن کي ڪو روڳ لڳل هجي پر اگنيءَ جي گرمائش ۽ يگيه جا ديوتائون ديا پالي انهن روڳن کي ڦهلجڻ کان روڪيندا، سڀ سڄڻ نوبنا تندرست ٿي پنهنجي ماڳن ڏي موٽندا.

ڪنوار جو ٻنا سيني آيل سڄڻن کي وينتي تو ڪري.

सुमंगली इयं वधुः इमां समेत पश्यत।
सौभाग्य मस्यै दत्त्वा अथ अस्तं विपरेत न॥

سُ منگلي ايم وڌو امام سميت پشيت
سوڀاگيه مسيئي دتوا اٿ استم وپريت نه

وواهه سنسڪار پورو ٿيو آهي، توهين هتان وڃڻ کان اڳ ور وڌوءَ کي آسيس ڪريو ته هيءَ ڪنوار ڪلياڻ ڪندڙ ٿئي، وڏي ڀاڳن واري ٿئي، سو سالن تائين سهاڳڻ رهي.

آيل سڄڻ نئين ڪنوار کي آسيس ٿا ڏين.

सुमंगली भव श्वशुरे-संराज्ञी श्वश्रुवां भव
ननदारि संराज्ञी भव-संराज्ञी भय देवरेषु।

سُ منگلي ڀو شوشري سم راگيي شو شروان ڀو
نندا ري سم راگيي ڀو-سم راگيي ڀو ديوريشو

هي ڪنوار نون ڪلياڻڪاري آهين، سس، سهري، ڏير، ننڻان نه کي گهر جي راڻي ڪري هلائيندا.

هر ڪو پنهنجي ماڳ موٽي ٿو، برهمڻ دبونا سيني کي آسيس ڏيندي چوي ٿو.

ٿو تہ هاڻي توهين پنهنجي گهر وڃي سگهي ٿيو، برهمڻ چوي ٿو تہ هاڻي توهان گهر وڃڻ کان اڳ جن ديوي ديوتائن کي هن شڀ ڪاريہ ۾ شاهد جي روپ ۾ ڀاڱ وٺڻ لاءِ گهرايو هو انهن کي بہ تہ موڪل ڏيو تہ هو بہ پنهنجي ماڳ وڃن.

(देवता विर्सजन)

यान्तु देवगणा: सर्वे बिना लक्ष्मी विनायकौ।
इष्ट काम समृद्धयर्थ पुनरागमनाय च॥

يانتو ديوگڻاهہ سروي بنا لڪشمي ونايڪو
اشٽ ڪام سمرڌيرٿم پنرا گمنايہ چہ

هي سمست ديوي ديوتائون (لڪشمي ۽ گڻيش کي ڇڏي) باقي سڀ پنهنجي پنهنجي نج ڌام ڏانهن راهي ٿيو وري جڏهن ڪنهن شڀ موقعي تي ياد ڪريون تہ اچي درشن ڏيندا.

ديوتائن کان موڪلائي ور ۽ وڏو ويڏي تان اُٿي اگني ديو کي نمسڪار ڪري اٿن ٿا، سيني آيل سڄڻن کي پرڻام ڪن ٿا.

ڪنوار جو پتا سيني آيلن کي وِينتي تو ڪري تہ اسان پنهنجي پڄندي انوسار توهان جو آدر ستڪار ڪيو آهي، ان هوندي بہ ڪا ڀل چڪ ٿي هجي تہ معاف ڪندا، ڪنوار جو پيءُ چوي ٿو

ये वध्वा चन्द्रं बहंतु यक्ष्मा यन्ति जानात् अनु
पुन: तान् यज्ञिया देवा क्षय नयन्तु यत: आगता:

يي وڌوا چندر بهنتو يڪشما ينتي جاناتہ انو

غلط طريقو

وواھہ سنسڪار ڪي شڌيءِ سان ڪرائڻ لاءِ ضروري آھي تہ ويڌي پٽ تي ٿهرايو. گھوٽ ڪنوار انھن جا ماتا پتا جيڪي وواھہ سنسڪار ۾ چاھہ وٺندا ھجن يا پوڄا ۾ڀاڱ وٺندڙ ھجن تہ ڪين بہ پٽ تي آسڻ لڳائي ڪنھن ودوان پنڊت کان ويڌي پڙھائڻ کپي.

ٽيبل تي ويڌي ٿاھڻ صوفن تي ويھي پوڄا ڪرائڻ، پوڄا جي وقت گوڙ ڪرڻ اھو سڀ غلط آھي بند ٿيڻ کپي. ان بابت وڌيڪ تفصيل ھن پستڪ ۾ پڙھو، سمجھو ۽ عمل ڪري ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻيءَ جا احسان مڃيو جنھن اھڙو سندر پستڪ لکيو آھي.

مرليڌر آھوجا.

صدر سنڌو سماج،

٣٦ ، نيو ھيونس پان دريبا لکنئو (يوپي)

(R) 2451528
(M) 98380-58424

शुभा व: शिवा: पन्थान सन्तु

شيا وهہ شوا پنٿان سنتو


شل توهان جي وڃڻ جو رستو شڀ ٿئي، توهين سک سان گهر وڃي پهچو.

پنڊت شانتي پاٺ ڪندي چوي ٿو تہ سڀ هنڌ شانتي ٿئي، سڀ سکي ٿين، ٻلوان ٿين، ورڌ اوسٿا ماڻين، سندن جيون نشڪنٽڪ ٿئي، سندن عمر وڌي، سندن ڪلياڻ ٿي، هو ڪلياڻڪاري ڪم ڪن، ڪين ڪرمن جو ڦل سٺو ملي، سندن ڌرم ۾ شرڌا وڌي، ويدن جي گيان ۾ وشواس وڌي، شاسترن لاءِ شرڌا وڌي، ڪين پٽ پوٽا جهجها ٿين، ڪنهن جو برو نہ ٿئي سڀ پاپن روڳن کان اڪلياڻ کان شل پري رهن. راڄ دربار ۾ واپار ۾ گهر ۾ شل سڀ سک شانتي رهي. اوم شانتي- اوم شانتي-اوم شانتي پاٺ سان آدرش هندو وواهہ ويد، وڌي سان شڌي ۽ پوترتا سان پورو ٿيو. جيڪو هن ريت وواهہ سنسڪار ڪرائيندو تہ ان جو وواهڪ جيون سک مئہ ٿيندو ڪڏهن بہ ڪو وواهڪ وواد پئدا نہ ٿيندو، سکہ شانتي سان هو جيون جا سک ماڻيندا.

وئدڪ ريتي سان ٿيندڙ وواهہ سنسڪار نئي جوڙي لاءِ ڪلياڻڪاري ۽ منگل دائڪ ٿيندو. شل نو ورني ڪنوار پنهنجي ور گهر سان سکي رهي. وڌي ويجهي جيون ۾ وڪاس ڪري پتيءَ جي گهر کي سرڳہ بڻائي ڇڏي .

- ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

هندو وواهه نيڪو نه آهي



ٻين اَهندو سماجن ۾ وواهه صرف ٻن شريرن جو ميل آهي، هڪ اقرار نامو نيڪو آهي جو مدي پوري ٿيڻ تي ختم ٿئي ٿو.

انهيءَ جي عيوض هندو وواهه ٻن آتمائن جو ميل آهي. سرشٽي جي اُتپادن جو هڪ رستو آهي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين هلڻ گهرجي. ليڪن اڄ اسان طرفان پڻ پشچمي سڀيتا جي اثر هيٺ هندو وواهه کي به گڏي جو کيل بڻايو ويو آهي. جنهن مان اسان جو پاريوارڪ جيون ٽٽي رهيو آهي.

اچو ته اسين پاريوارڪ جيون ۾ سڌارو آڻيون. مارگ درشن لاءِ ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي کيرون لهڻيون.

رام لالواڻي

رئيل اسٽيٽ بروکر ايجنسي

سيرو چونڪ، اُلهاس نگر

وائيس پريذيڊينٽ-

اکل ڀارتيه سنڌي سماج (رجسٽرڊ)، اجمير

فون- (آفيس)- ٠٢٥١-٢٧٠١٤٩٧، (گهر)- ٢٥٦٢٣١٣

موبائيل- ٩٨٢٢٢٦٣٦٨١

دکي کنيا




کنهن جي بہ وواهت
کنيا کي دکي ڏسي هن جو
وواهت جيون بگڙيل ڏسي هن
جي گرهست جي گاڏي رکيل
ڏسي ڊاڪٽر نانڪرام
ايسراڻيءَ جو من نهائت دکي
ٿيو پوي. هو چاهيندو آهي تہ
کنيا کنهن جي بہ چو نہ هجي سدا سکي رهي
کنيائن جي جيون کي سکي بڻائڻ لاءِ ڊاڪٽر
نانڪرام ايسراڻي هي ڪتاب لکي هندو سماج کي
هڪ انمول تحفو ڏنو آهي. اچو تہ اسين ان کي
پڙهي عمل ڪري کنيائن جو جيون سکي ڪريون.

موهنلعل لڏاڻي، لکنئو.

ورنداون باٽليرس لميٽيڊ،
بي-٩٨٠ اي، مهانگر
لکنئو-٢٤
فون، فئڪس :٧١٠٠٥-٣٧٠٩٤٩ (٠٥٧٢)

طلاق



وواهڪ ووادن جو حل طلاق نہ آهي. طلاق اُها ڪتار آهي جا شادي جي پويتر بنڌن کي ڪٽي ٿي، ٽڪر-ٽڪر ڪري ٿي. هندو جو وواهہ ۾سنسڪار جيون ڀر لاءِ ٿيندو آهي. هندن جي ڌرم شاستر ۾ ويد ۾ منو سمرتي ۾ ڪٿي بہ طلاق يا ان جي برابر بيو ڪو بہ اکر ڪم آندل نہ آهي. هڪ دفعو وواهہ ٿيو نئون پريوار ڪڙو ٿيو تہ اُهو ٽٽندو ڪڏهن بہ نہ. ان ڳالهہ کي ودوان ليکڪ ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي هن پستڪ ۾وڌيڪ خلاصو ڪيو آهي. اچو تہ اسين هن مان لاڀ پرايون. پستڪ لکڻ لاءِ ڊاڪٽر ايسراڻي کي ڌنيواد.

گوبندرام منواڻي

منواڻي ٽريڊس

واڌواڻي ڪامپليڪس

ممبئي-پونا هائيوي،

پمپري، پونا-۴۱۱۰۱۸

ودوتا جي جهلڪ



هن پستڪ کي جي
ڪذهن اوهين غور سان،
گنڀيرتا سان ايڪاگر چت ٿي
پڙهندا ته اوهان کي محسوس
ٿيندو ته هي پستڪ ڪنهن
وڏي ودوان وڏي محنت
ڪري. اوچ آدرش جي
پراپتي لاءِ لکيو آهي.

لاشڪ ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جي ودوتا جي جهلڪ اوهان کي هن پستڪ مان ملندي.

اُميد ٿا ڪريون ته ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جي محنت سڦل ٿيندي ۽ عام هندو وواهه سنسڪار جي شڌي ڏانهن ڌيان ڏيندا. پستڪ لکڻ لاءِ ڪيس بي شمار واڌايون.

گوبند منگهاڻي، اندور

پنڊت نہ آهي پر



ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي پنڊت نہ آهي، برهمڻ بہ نہ آهي، ڪرم ڪانڊي نہ آهي، سنسڪرت جو وڏو ودوان بہ نہ آهي. ان هوندي بہ وواهہ سنسڪار تي هڙو سندر پستڪ لکي هن ثابت ڪيو آهي تہ ايڪاگرچت ٿي لڳن سان هر ڪو ڪم ڪري سگهجي ٿو. هن پستڪ لکڻ ڪري ڪي ورلي قدردان ئي ڊاڪٽر ايسراڻيءَ جو قدر ڪري سگهندا. پر آءٌ سنڌي سماج باران سندس سنمان ٿو ڪريان ۽ ڪيس بي شمار واڌايون ٿو ڏيان.

پرسرام جهاماڻي

سهہ پرڌان-

اکل ڀارتيہ سنڌي سماج (رجسٽرڊ)

ي- ۲۲، گمانپرا، ڪوٽا (راجستان)

فون نمبر- ۲۳۲۹۱۳۵، ۲۳۲۹۵۵۹، ۰۷۴۴-۲۴۵۱۴۴۸

فئڪس- ۹۸۲۹۰ ۳۶۳۰۰

وقت جو اد اُپيوگ



ڪي سڄڻ چوندا آهن تہ ويڏي تي پنڊت کي ڊيگھ نہ ڪري ڦتاڦت ويڏيءَ جي رسم پوري ڪرڻ گھرجي.

ويڏي تي جيڪو وقت لڳي ٿو اهو وئرٿ نہ آهي بلڪ وقت جو سد اُپيوگ آهي.

شادين تي اسين رسنن تي ناچ گانا ڪري وقت برباد ڪريون ٿا ان جي جاءِ جي اسين اهو وقت بچائي ديوي ديوتائن جي وڏي سان پوڄا ڪرائي وواهہ سنسڪار ڪرايون تہ سڀ ۳۳ ڪروڙ ديوتا پرسن ٿيندا ۽ نئين جوڙيءَ جو جيون سکي بڻائڻ لاءِ آشيرواد ڏيندا.

وڌيڪ پڙهو هن پستڪ ۾:- ڊاڪٽر نانڪرام ايسرائيءَ جي لکيل پستڪ تي ڪيس واڌايون. ڀڳوان ڪيس سو سال عمر ڏئي جيئن هو سماج جو مارگہ درشن ڪندو رهي.

ديويداس مولچندائي

سهہ پرڌان اکل ڀارتيہ سنڌي سماج

ڪويز گيسٽ هائوس

۱۵، والٽن روڊ، اليڪٽرڪ هائوس جي پرسان،


ڪولابا، ممبئي-۴۰۰۰۳۹

ديو پوڄا

ووَاهه سنسڪار ڪان اڳ ۾ هر هندو گهر ۾ ديو پوڄا ٿيندي آهي. هڪ ڪمري ۾ ديوي ديوتائن جي استاپنا ڪئي ويندي آهي جنهن کي اسين سنڌيءَ ۾ ڏيون جو استان چوندا آهيون. ووَاهه پوري ٿيڻ کان پوءِ ديوتائن کي ودائي ڏني ويندي آهي. هر ووَاهه ۾ ديوي ديوتائن کي ساکي جي طور آهوان ٿبندو آهي. انڪري ووَاهه جا ٿي ڏينهن تہ ڇا پر جيون ڀر سڀني ديوي ديوتائن اڳيان ادب سان پيش اچڻ گهرجي ان سبب هو ڀر پيت آسيس ڪندا ۽ اسان جو جيون سکي رهندو.

فتح چند خانچندائي، ممبئي

سپت پدي



هر هندو وواهه سنسڪار ۾ سپت پدي پڙهي ويندي آهي. سپت دوارا پتي پتني گرهست جيون ۾ گهرڻ کان اڳ هڪ ٻئي کي وچن ڏين ٿا ۽ ونن ٿا جي ڪڏهن انهن وچنن تي ٻئي ور ۽ وڌو پختا رهن ته ٻنهي جي وچ ۾ ڪڏهن به جهيڙو نه ٿيندو ۽ هو جيون ڀر گڏ رهندا، سکي رهندا.

اهڙي ريت ڦيرن جو هوم هون جو الڳ الڳ لاڀ آهي. سنسڪار جي انت ۾ لانوان پڙهيون وينديون آهن، تنهن کان پوءِ ديوتائن کان آسيس گهري سندن موڪلاڻي ڪئي ويندي آهي. سيني مهمانن کان موڪلاڻي ڪري شانتي پاٺ ڪرڻ لاءِ پلئه پاتو ويندو آهي.

جئه پرڪاش ڏرماڻي

وواهه سنسڪار



ليکڪ :

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي